

# جديد انسان جو مذهب

جيمس هيمنگ جي ڪتاب "انسٽيڊ آف گاڊ" جو ترجمو

مترجم: ضمير

# جديد انسان جو مذهب

جيمس هيمنگ جي ڪتاب

"انسٽيڊ آف گاڊ" جو سنڌي ترجمو

مترجم : ضمير

ڏاهپ بڪ سيريز سانگهڙ

حق ۽ واسطا اداري وٽ محفوظ

ڪتاب جو نالو: جديد انسان جو مذهب

ليکڪ: جيمس هيمنگ

مترجم: ضمير

تعداد: هڪ هزار

ايڊيشن: پهريون، 2002ع

پاران ايم ايچ پنهور انسٽيٽيوٽ آف سنڌ اسٽڊيز، ڄامشورو.

All Rights are Reserved with publisher.

JADEED INSSAN JO MAZHAB
(Insted of God)

by: James Hemming

Translated by: Zameer

Edition: 1st, 2002

Copies: 1000

Price:

Digitized by M. H. Panhwar Institute of Sindh Studies, Jamshoro.

# ارپنا

سنڌ جي نوجوان نسل ڏانهن،
جنهن جو شعور ئي
سنڌ جي ترقيءَ ۽ بقا
جي ضمانت آهي.

— ضمير

# فهرست


| | |
|---|---|
| مترجم پاران | 7 |
| پيش لفظ | 9 |
| ليکڪ جي باري ۾ | 10 |
| **حصو پهريون ـ انسان جي حالت** | |
| 1. خدا بابت سوال | 11 |
| 2. دماغ چرخ ڪندڙ ڪائنات | 23 |
| 3. شعور جي واڌ | 38 |
| 4. انسان ڪيترو پاڻي آهي؟ | 53 |
| 5. جديد اخلاقيات جو قيام | 77 |
| 6. عملي نقطه نظر | 92 |
| **حصو ٻيون ـ هتي ڌرتيءَ تي هجڻ** | |
| 7. ڪائنات ۾ اڪيلو انسان | 111 |
| 8. ازل جا اشارا | 126 |
| 9. آزاديءَ واڌ ويجهه | 146 |
| 10. مستقبل جي تعليم | 161 |
| 11. زندگيءَ جو نچوڙ | 179 |

# مترجم پاران

انسان پنهنجي روزِ ازل کان هڪ سوچيندڙ دماغ هجڻ جي بدولت پنهنجي متعلق، زندگيءَ متعلق، موت متعلق، ٻين جاندارن متعلق، ڌرتيءَ متعلق ۽ ڪائنات متعلق سوچيندو رهيو آهي. ان سلسلي ۾ هن ٻه باقاعده رستا اختيار ڪيا آهن، هڪ عقيدائي، ڏنڊڪٽائي، من- گهڙت ۽ ٻيو سائنسي يعني عقل، تجربي ۽ مشاهدي تي ٻيٺل. پهريون سرشتو هڪ ٻيٺل، ڪٽهن ۽ تبديل نه ٿيندڙ، محدود ۽ مبهم آهي — ڪوبه ماڻهو انکي چئلينج ڪندو آهي ته هن کي ان مخصوص برادريءَ کان ٻاهر ڪڍيو ويندو آهي. هن تي طرح طرح جا الزام ۽ عنوان رکيا ويندا آهن: ”چريو“، ”ڪافر“، ”ملحد“، ”ڪميونسٽ“، ”ماده پرست“، ”خدا جو انڪاري“ وغيره وغيره.
ٻيو سرشتو عمل، تجربي، مشاهدي ۽ انساني عقل تي ٻيٺل آهي، جنهن کي اسان عرفِ عام ۾ ”سائنس“ ڪوٺيون ٿا. اهو عقيدو ناهي، اهو هڪ هنڌ ٻيٺل ناهي، اهو تبديل ٿيندو رهي ٿو، پنهنجيون غلطيون درست ڪندو رهي ٿو. اهڙيءَ طرح اهو حقيقت جي وڌيڪ ويجهو ٿيندو رهي ٿو. اهو سرشتو پاڻ مٿان تنقيد ڪندڙن کي سزا نه ٿو ڏئي، بلڪ اهو ته صحت مند تنقيد کي همٿائي ٿو ۽ ان تنقيد معرفت ئي اڳتي وڌندو رهي ٿو.
سنڌي ماڻهن جي وڏي ۾ وڏي کوٽ تعليم کان پري هجڻ ۽ ان ۾ به انگريزي ٻوليءَ کان پري هجڻ رهي آهي. سنڌي ماڻهو جيستائين روايتي قدامت پسند سوچن کي پري نه اڇلائيندو ۽ پاڻ کي جديد علمن سان روشناس نه ڪندو، تيستائين هن جي ترقي ڪرڻ جو ڪوبه امڪان نه آهي. هي ڪتاب برطانيه جي جڳ مشهور تعليمي ماهر ۽ نفسياتدان ڊاڪٽر جيمس هيمنگ جي لکيل ڪتاب ”انسٽيڊ آف گاڊ“ جو سنڌي ترجمو آهي، جيڪو به ان خيال کي مدِنظر رکي ڪيو ويو آهي ته سنڌي ماڻهن کي جديد علم ۽ فڪر کان روشناس ڪجي. روس جي ٽٽڻ کان اڳ سنڌي نوجوان زبردست ترقي پسند، سياسي طور باشعور، پڙهڻ، بحث مباحثي جو شوقين ۽ علمي

ڪتابن جو ڪيڙو هو. اڄ صورتحال ڪافي مختلف ۽ هڪ حد تائين مايوس ڪندڙ آهي. اڄ جي نوجوان وٽ ڪابہ منزل ناهي، ڪيس ڪوبہ طرف ناهي، هو ڀٽڪي رهيو آهي، هو اوندهہ ۾ هٿوراڙيون هڻي رهيو آهي. وقت جون شيطاني ۽ تاريڪ قوتون هن کي اونداهيءَ ڏانهن ڇڪي ڪٽي وڃي رهيون آهن، ڇو تہ هاڻي هن جي ٻيڪهي متل آهي، سندن لاءِ ميدان خالي پيو آهي. هي ڪتاب اونداهيءَ سان جنگ ڪرڻ جو هڪ هٿيار آهي، ڀٽڪي ويلن کي دڳ لائڻ جو ڏس آهي. گُهگهہ اونداهي رات ۾ روشنيءَ جو هڪ تيز ڪرڻو آهي، جيڪو هيٺ ڪاهيءَ ۾ ڪرڻ کان بچائي سگهي ٿو.

هي ڪتاب انسان، زندگي، ڌرتي ۽ ڪائنات متعلق هڪ جديد، غير مذهبي ۽ سائنسي نقطہ نظر پيش ڪري ٿو. هن وقت تائين ڪيل سائنسي تحقيقن جو نچوڙ ڏئي ٿو. ڪائنات جي وسعت ۽ ان ۾ انسان جي حيثيت، ارتقا (انسان جي ارتقا سميت)، انساني سڀاءَ جي منفي ۽ مثبت پاسن جي سائنسي ڇنڊڇاڻ، عورتن سان اٺبرابريءَ واري سلوڪ جو مذهبي روپ، مذهبن جو ڪردار، انساني شعور جا قسم، ڌرتيءَ جي سار سنڀال هي اهي چند موضوع آهن، جن تي جيمس هيمنگ، هن ڪتاب ۾ ٽيڪا ٽپڻي ڪئي آهي. انسان ۽ هن سان لاڳاپيل مسئلن مان ڪوبہ اهڙو مسئلو ناهي، جنهن تي هن ڪتاب ۾ بحث نہ ڪيو ويو هجي، ۽ ان جو متوازن، عقلي، سائنسي ۽ سيطرفو تجزيو نہ ڪيو ويو هجي.

مصنف هن ڪتاب ذريعي دنيا جي سموربن قومن کي هڪ گڏيل ايجنڊا ڏني آهي: انسانذات کي عالمي سطح تي پيش آيل انهن بنيادي مسئلن جي نشاندهي ڪئي آهي، جيڪي جيڪڏهن سموريون قومون گڏجي حل ڪن تہ انسانذات ترقيءَ جا ڇال ڏئي سگهي ٿي ۽ هر فرد خوشحال ٿي سگهي ٿو. ڪتاب جي مصنف انسان مٿان وڏي ذميواري رکي ڇڏي آهي، نہ رڳو پنهنجي ڀائيوار انسانن جي خوشحاليءَ جي پر ڌرتيءَ تي وسندڙ هر جاندار ۽ غير جاندار شيءِ جي بقا جي، سڄي ڌرتي سياري جي بقا جي، بلڪ ان کان بہ اڳتي پوري ڪائنات جي! ان ڪري تہ ڪائنات ۾ صرف هو ئي هڪ باشعور هستي آهي ۽ هن وٽ هاڻي اهي وسيلا ۽ صلاحيتون آهن جو هو اها ذميواري احسن نموني نڀائي سگهي ٿو.

ضمير

# پيش لفظ

انسان هميشه اهو ڄاڻڻ جي جستجو ڪئي آهي ته اهي ڪائناتي اسڪيم ۾ ڪٿي بيٺا آهن. هنن کي ان ڄاڻ جي ضرورت آهي، ته جيئن هو وضاحت لاءِ پنهنجي بک کي مطمئن ڪري سگهن، پنهنجين زندگين لاءِ هڪ مرڪز ۽ اهميت حاصل ڪري سگهن ۽ پنهنجين برادرين کي قائم ڪري سگهن ۽ سندن رهنمائي ڪري سگهن. ڪيترن ئي سالن کان اهڙي هم آهنگ نقطہ نظر جي کوٽ پئي رهي آهي ۽ نتيجي ۾ ماڻهو وڌ ۾ وڌ بي قرار ۽ منجهيل پئي رهيا آهن. مذهب، جن ماضيءَ ۾ يقيني پيش ڪئي ٿي، هاڻي وڌيڪ اهڙي دعويٰ نه ٿا ڪري سگهن. سائنس جون ڪوجناڻون مڪمل انساني تجربي جي وضاحت ڪرڻ کان ڪٿي پرن ٿيون. اهڙي هڪ وقت تي ماڻهو آپيشاهاڻين نقلي يقينين هيٺ سهارو وٺندي يا هڪ همعصر دنيائي نقطہ نظر تشڪيل ڪرڻ جي مهم تي گامزن ٿيندي آئت ڳولي سگهن ٿا، جنهن ۾ اسان سڀني جو حصو هجي. هي ڪتاب، جانباز ماڻهن لاءِ آهي. اهو اصلي هئڻ جي دعويٰ نه ٿو ڪري پر اهو البت هڪ مرڪزي نقطي کي پيدا ڪرڻ جي دعويٰ ڪري ٿو يعني ضروري ڳالهين کي هڪ هنڌ ڪٺي ڪرڻ جي، جن کي اسان کي ڌيان ۾ رکڻو آهي، جيڪڏهن اسان کي هڪ اهڙو نقطہ نظر تخليق ڪرڻو آهي، جيڪو ذاتي زندگيءَ ۽ اسانجي ٽٽل جدوجهد ڪندڙ دنيا کي ٻڌي ۽ رستو ڏئي سگهي.

# ليکڪ جي باري ۾

ڊاڪٽر جيمس هيمنگ هڪ نفسياتدان ۽ انساني نشو و نما سان لاڳاپيل موضوعن تي عالمي سطح جو هڪ ليڪچرر آهي. هو ورلڊ ايجوڪيشن فيلوشپ جو تعليمي صلاحڪار ۽ برٽش سائيڪولاجيڪل سوسائٽيءَ جو هڪ فيلو آهي. هن علم نفسيات، تعليم ۽ ذاتي نشو و نما جي ميدانن ۾ ڪيترائي ڪتاب لکيا آهن. سندس ڪتاب "بِٽرَيل آف يُوٿ" تعليمي ماهرن ۽ استادن طرفان تمام گهڻو ساراهيو ويو. هن تعليم جي شعبي، صنعت ۽ صلاح مصلحت جي شعبي ۾ ڪم ڪيو آهي. هن ڪيترن ئي موقعن تي ريڊيو تي پروگرام ڪيا آهن، ملڪ اندر ۽ ملڪ کان ٻاهر ٻہ.

# حصو پهريون

## انسان جي حالت

باب پهريون

# خدا بابت سوال

اسان يهودي ۽ عيسائي روايت پسند، بحيثيت فردن جي، هڪ سماج جي، يا عالمي طور تي، ان حقيقت کان هاڻي وڏيڪ لنوائي نہ ٿا سگهون تہ جديد علم جي روشنيءَ ۾ هڪ مداخلت ڪندڙ خدا جو خيال ڪمزور لڳي ٿو. اسان هڪ خوف ـــ جاڳائيندڙ وسعت واري ڪائنات ۾ رهون ٿا. جيترو گهڻو انساني ذهن ان جي رازن کي پروڙيندو وڃي ٿو، اوترو وڌيڪ عجب ۽ اسرار وڌندو وڃي ٿو، پر اسان اتي ڪنهن بہ خدا کي نہ ٿا لهون يا ڪنهن بہ صورت ۾ ان روايتي خدا جهڙي شئي نہ ٿا ڏسون، جنهن جي باري ۾ اسان مان گهڻن کي ننڍپڻ ۾ سيکاريو ويو آهي. اهو خدا جنهن کي اسان جي عبادتگاهن ۽ اسڪولن ۾ اجا مرڪزي حيثيت حاصل آهي. عقيدي ۾ هيءَ تبديلي تمام وڏي نتيجي واري آهي، هڪ مداخلت ڪندڙ خدا ۾ عقيدو، ماڻهن کي بحيثيت انسانن جي، پنهنجين ذميوارين کي حقير سمجهڻ جي دعوت ڏئي ٿو، ڇو تہ هڪ هنگامي صورتحال ۾ يا ضرورت وقت، خدا کي سمجهيو وڃي ٿو تہ هو موجود هوندو، پر جيئن دنيا کي بحران وڪوڙيندا وڃن ٿا. مسئلو اهو ناهي تہ آيا اسان خدا کي وساري ڇڏيو آهي يا خدا، انسانذات کي وساري ڇڏيو آهي، پر اهو آهي تہ اهو مڪمل طور تي اسان مٿان ڇڏيل آهي تہ مستقبل ۾ ڇا ٿيڻو آهي، آيا دنيا زنده بچندي يا ختم ٿي ويندي، آيا اها وڌيڪ خوبصورت ٿيندي يا هڪ لٽيل ۽ تذليل ڪيل بخشش بڻبي. ان ڪري اهو ضروري ٿي پيو آهي تہ اسان زندگيءَ بابت هڪ جديد نقطہ نظر تلاش ڪريون، جيڪو انسان جي مقصد کي هلائڻ ۽ اُڀارڻ جي قابل هجي، جيڪو حقيقتن سان سهمت هجي ۽ جنهن کي سڀ ماڻهو پنهنجو سمجهن. هيءَ ضروري پيش قدمي آسانيءَ سان حاصل نہ ٿي سگهندي ڇو تہ ڪيترن ئي سالن کان مداخلت ڪندڙ خدا تي ايمان ۾ آيل گهٽتائيءَ جي باري ۾ خاموشيءَ واري سازش اختيار ڪئي پئي وئي آهي.

۱

اهو مکر ڪرڻ سولو آهي تہ شيون بلڪل ائين آهن، جيئن اڳ اهي هيون. روايتي خدا کي ٻارن جي پيدائش ۾، شادين ۾، موتن ۾ ۽ قانوني عدالتن ۾ هڪ مرڪزي شڪل جي حيثيت ۾ عزت ڏني وڃي ٿي. هن کي فردن لاءِ يقين جو سرچشمو ۽ رياست لاءِ استحڪام جو سرچشمو ڪري پيش ڪيو وڃي ٿو. پر بهرحال تازن سالن ۾ هن عمارت ۾ ڏار پوڻ شروع ٿيا آهن. اعليٰ مرتبي وارا مذهبي ڪتاب، هڪ هڪ ڪري ظاهر ٿيا آهن، جيڪي خدا جي تصور جي هڪ نئين سر جاچ پڙتال جو سڏ ڏين ٿا. انهن مان پهريون ڪتاب جان رابنسن جو "خدا سان سچو" آهي، جيڪو اڄ کان 20 سال اڳ ڇپيو هو، ان ڪتاب مذهبي اقتداري حلقن ۾ صدمي جي هڪ لهر ڊوڙائي ڇڏي. ان ڪتاب جو وڪرو بہ تمام گهڻو ٿيو. چوڏهن سال پوءِ 1977 ۾ "مجسم خدا جي ڏند ڪٿا" ستن مذهبي عالمن طرفان هڪ گڏيل بيان منظر تي آيو. ان ان ڳالهہ تي زور ڀريو تہ خدا ۽ حضرت عيسيٰ جي باري ۾ قائم ڪيل روايتي مفروضن تي ٻيهر نظرثاني ڪرڻ جي ضرورت آهي. هن ڪتاب ڪانپوءِ 1980 ۾ ڊان ڪيوپٽ جو ڪتاب "خدا کان موڪلائي" آيو، جنهن خدا بطور هڪ شخص جي تصور کي، خدا بطور هڪ آئٽ ڏيندڙ ڏند ڪٿا جي تصور ۾ بدلائي ڇڏيو. آخر ۾ 1983ع ۾ "خدا ۾ ڇو ايمان رکجي" ڪتاب ڇپيو. هن ڪتاب ۾ مائيڪل گولڊر ۽ جان هڪ، جن ٻنهي "مجسم خدا جي ڏند ڪٿا" جي تحرير ۾ بہ حصو ورتو هو ۽ تڏهن کان انهن مان هڪڙو چرچ ڇڏي چڪو آهي، خدا جي ذاتي تجربي جي معقوليت يا غير معقوليت تي بحث ڪن ٿا. ٻنهي ليکڪن مان بهرحال ڪوبہ، هڪ وچ واري خدا ۾ ايمان نہ ٿو رکي، جڏهن تہ محترم ڊان ڪيوپٽ، پنهنجي تازي ڪتاب، "عقيدي جو سمنڊ" (1984) ۾ خدا کي "اسان جو مذهبي آئيڊيل اسانجن قدرن جونچوڙ، جيڪو اسان آڏو انهن قدرن جي مثالي ٻڌيءَ کي، اسان مٿان انهن جي دعويٰ کي ۽ انهن جي تخليقي قوت کي، ظاهر ڪري ٿو." اهڙي طرح چرچ جي ٻين پادرين بہ پراڻي تصور کي چئلينج ڪيو آهي.

## خدا جا تصور

خدا جي تصور ۾ تبديلي رڳو مذهبي استدلال جي اعليٰ ميدانن ۾ نہ ايندي رهي آهي، عام رواجي ماڻهو بہ سوال پڇندا پئي رهيا آهن ۽ بدلجندا پئي رهيا آهن. اهي هاڻي وڌيڪ اهو محسوس نہ ٿاڪن تہ مجيل مذهبن طرفان تشريح ڪيل خدا ۾ لازمي طور ايمان رکن، ان جي بدران اهي پنهنجن ڏيانن ۽ اميدن جي عڪس ۾ خدا ناهي رهيا آهن يا پراڻي ايمان تان هٿ کڻي رهيا آهن. هي سڀ

ڪجهه نندي يا وڏي پئماني تي دنيا جي سمورن مذهبن ۾ ٿي رهيو آهي، پر اسان کي برطانيه ۾ عيسائيت جي حالت تي نظر وجهڻ سان شروعات ڪرڻ کپي. هتي اسان لنڊن جي چيڙي تي موجود هڪ عمده اسڪول جي شاگردن جي هڪ ذهين گروپ جي خيالن جو انتخاب پيش ڪريون ٿا.

* مان خدا کي هڪ پوڙهي ماڻهوءَ جي شڪل ۾، جيڪو سياڻو آهي، هڪ عظيم قوت تصور ڪريان ٿو.
* خدا جي باري ۾ منهنجو تصور هڪ اهڙي ماڻهوءَ وارو آهي، جنهن کي ماڻهو، پنهنجي بئي پيءُ وانگر سمجهي، جيڪو مان محسوس ڪيان ٿو ته هميشه مدد ڪري سگهي ٿو، جڏهن به ڪا شيءِ غلط ٿني ٿي.
* خدا هڪ شخص آهي.
* خدا هڪ شخص ناهي، پر هو ڪنهن نه ڪنهن صورت ۾ آهي ضرور.
* خدا، هڪ قسم جو روح آهي.
* مان خدا کي تخليق جي قوت طور تصور ڪيان ٿو، جيڪا ڀلائي ۽ محبت جي روپ ۾ آهي.
* خدا هڪ غير جسماني مڪملپڻو آهي.
* خدا هڪ مڪمل هستي آهي، جيڪڏهن هو جيئرو آهي، ٻي صورت ۾ مونکي ڪا خبر ناهي.
* مان خدا کي تصور ۾ نه ٿو آڻي سگهان.
* مونکي خبر ناهي ته اهو ڪيئن آهي يا ماڳهين ڪو خدا آهي به!
* مان خدا ۾ ايمان نه ٿو رکان.

آزاد ٽيليويزن اٿارٽي طرفان 1970 ۾ پيش ڪيل برطانيه ۽ اتر آئرلينڊ ۾ مذهب جي جائزي بہ ساڳيا اختلافي خيال سامهون آندا. برطانيه ۾ هينئيان خيال هئا:

| | |
|---|---|
| + خدا بطور هڪ شخص جي | 37 سيڪڙو. |
| + ڪنهن قسم جي غير جسماني قوت | 42 سيڪڙو |
| + ٻيا جواب | 21 سيڪڙو |

## ۽ خدا تي ايمان جي سوال تي:

| | |
|---|---|
| * يقين وارا ماڻهو | 50 سيڪڙو |
| * غير يقيني يا نه مڃيندڙ ماڻهو | 50 سيڪڙو |

جيڪا شيءِ گهڻي ۾ گهڻي غير يقيني پيدا ڪري ٿي، اها آهي هڪ مداخلت ڪندڙ خدا جي تصور جي ثابت قدمي. جيڪڏهن خدا مان ماڻهن جي مراد

هڪ عالمگير ۽ ابديءَ جو هڪ احساس آهي، تہ پوءِ ڪي بہ مسئلا نہ ٿا اُڀرن ڇو تہ پوءِ اسان "خدا" ڪي انساني شعور جي هڪ پهلوءَ لاءِ بطور هڪ نالي جي استعمال ڪري رهيا آهيون يا جيڪڏهن "خدا" اهو نالو آهي، جيڪو اسان ان اسرار کي ڏيون ٿا، جيڪو انساني زندگيءَ کي وڪوڙيون وينو آهي، تہ پوءِ اهڙو خيال بہ ڪو فرق نہ ٿو پيدا ڪري، اسان جون زندگيون اسرار ۾ لڪل آهن. يا وري جيڪڏهن "خدا" اهڙو نالو آهي، جيڪو اسان انساني تجربي ۾ ماورائي ادراڪ ۽ نيڪ، جيڪي اعليٰ ترين شعور جا اهي پهلو آهن، جن کي "روحاني" سڏيو وڃي ٿو، لاءِ استعمال ڪريون ٿا، تہ پوءِ بہ سڀ ٺيڪ آهي پر جيڪڏهن خدا کي هڪ اهڙو شخص ڪري پيش ڪيو وڃي ٿو جنهن هيءَ ڪائنات تخليق ڪئي ۽ جيڪو پنهنجي تخليق جي اندر يا ٻاهر (يا ٻنهي پاسي) موجود آهي ۽ جيڪو جو ڪجهہ بہ ڪائنات ۾، يا اسان جي سياري ٽي يا اسان جي زندگين ۾ وهي واپري ٿو، ان ۾ مداخلت ڪري ٿو، تہ پوءِ اسان هڪ وڏي مصيبت ۾ ڦاٿل رهجي وڃون ٿا، ڇو تہ اسان اهڙي قسم جي ڪائنات ۾ نہ رهي رهيا آهيون. اُن مفروضي تي هڪ دنيائي نقطہ نظر اڏڻ تہ اسان ائين آهيون، اسان جي حالت کي انساني ڄاڻ جي هر وڏي واڌاري آڏو ڪمزور بڻائي ڇڏي ٿو. سمورا ماڻهو، انساني زندگيءَ جي انتهائين پيدائش، وجود ذات، موت سان سمجهوتو ڪرڻ جا جتن ڪن ٿا پر انهن کي سمجهڻ لاءِ اسان جي پيش قدمي لازماً معقول وکن کڻڻ سان ٿيڻ گهرجي، جيڪڏهن اسان آخر ۾ نراسائيءَ سان منجهيل ئي رهڻ نہ ٿا چاهيون.

پر جيئن تہ اها ڳالهہ يقيني آهي تہ اسان جي سياري ڌرتيءَ جي خير عافيت جي ذميواري اسان جن ابن ڏاڏن جي خدا جي هٿن مان نڪري هاڻي ۽ هتي جي انسانذات جي هٿن ۾ اچي چڪي آهي، پر پوءِ بہ خدا جو تصور ڪنهن نہ ڪنهن شڪل ۾ اڃا باقي رهندو. اهو تمام پراڻي وقت کان قائم ڪيل آهي ۽ تمام گهڻن ماڻهن جي نظر ۾ ان جو اينترو وڏو مان آهي، جو ان جو ختم ٿيڻ مشڪل آهي.

انسان هميشہ اڻڄاتل کي ڄاڻڻ جي بک محسوس ڪندو رهندو، پوءِ اسان کي جديد سوچ ۽ محسوسات جي حوالي سان خدا جي ضرورت جي سوال جو جواب ڳولڻو پوندو. اهڙيءَ طرح اسان انسان ۽ خدا جي روايتي تصورن کي بلند تر ڪري ڇڏينداسين تہ جيئن اسان پاڻ ۽ پنهنجي چوڌاري موجود شين جي وچ ۾ هڪ نئين ۽ وڌيڪ تخليقي رشتي تائين پهچي سگهون.

## مذهبي مونجهارو

هيءَ ڳالهہ سمجهڻ لاءِ تہ خدا جو تصور ڪيئن دنيا جي مسئلن تي اثرانداز

ٿئي ٿو. اسان کي لازمي طور مذهبن جي ڪردار تي غور ڪرڻو پوندو، ڇاڪاڻ ته هڪ مداخلت ڪندڙ خدا جو تصور اڪثر مذهبن ۾ موجود آهي. اهي مذهب ان تصور کي پاليندا آهن ٿا ۽ ان کي حق بجانب قرار ڏيندا اچن ٿا. بهرحال اسان کي شروع ۾ ئي اها ڳالهه ذهن ۾ رکڻ گهرجي ته مذهب ۽ خدا کي هڪ ساڳي شيءِ سمجهڻ غلط آهي. عظيم اثر ۽ روحاني طاقت وارا اهڙا مذهب به آهن جيئن ٻڌ ڌرم ۽ تائوازم، جن کي ڪوبه خدائي بنياد ڪونهي. اسان کي اهو به ضرور ڏسڻ گهرجي ته مذهب خدا جي تصورن کان علاوه ٻيا تصور به اڳتي وڌائن ٿا، جيڪي اڪثر هڪٻئي سان تضاد ۾ اچن ٿا. اهڙو هڪ فرق جيڪو جديد دنيا ۾ تمام وڏي اهميت وارو آهي، اهو آهي ته ڪجهه مذهب حقيقت ۾ آپيشاهاڻا ۽ موروثي آهن، جڏهن ته ٻيا مذهب وري سهپ وارا ۽ ڪشاده دل آهن. يهوديت ۽ عيسائيت پنهنجي بڻ بنياد ۾ آپيشاهاڻا آهن. بهرحال انهن مذهبن جا گهڻائي پوئلڳ ڪيترن سالن کان پوءِ نرم ٿي چڪا آهن. ان جي ابتڙ ٻڌڌرم ۽ هندوڌرم هميشه کان ڪليل ۽ سهپ وارا مذهب رهيا آهن، جن سچ جي ڳولا کي هميشه کان عزت سان پئي ڏٺو آهي. مشرق ۾ ته ماڻهن لاءِ اها ڳالهه به غير عام نه آهي ته هو هڪ کان وڌيڪ مذهبن جا پوئلڳ هوندا آهن، جيڪڏهن هو اهو محسوس ڪندا آهن ته هر مذهب وٽ هنن کي ڏيڻ لاءِ ڪا نه ڪا خاص شيءِ آهي.

موجوده صورتحال ۾ منجهائيندڙ عنصر هي آهي ته ڪي مشرقي مذهب خاص طور ٻڌڌرم ۽ تائوازم، روايتي مغربي مذهبن جي ڀيٽ ۾ اسان جي جديد سائنسي معاشري سان وڌيڪ بهتر نموني، فلسفيانه طور ٺهڪن ٿا. ان کان علاوه يهودي ۽ عيسائي مذهب پنهنجي ڪردار ۾ ابتدا ته آپيشاهاڻا، موروثي ۽ قبائلي آهن جو اهي مغرب جي ڪليل، جمهوري ۽ جنسي طور آزاد معاشرن سان ٺهڪي نه ٿا سگهن. مغربي مذهبن کي پنهنجيون ڪليل غير عقيدائي صورتون پڻ آهن، پر اهي به روايتي لاڙن ڏانهن پنتي موٽڻ جو هڪ رجحان ڏيکارن ٿيون، جيئن تازي اسلامي بنياد پرستي ۾ ۽ عيسائين جي وري ڄاول (Born again) فرقن جي جنوني انتها پسنديءَ ۾ آهي.

اهو دليل ڏئي سگهجي ٿو ته سمورا مذهب پنهنجن رهنمائن، عقيدائي سرشتن، نشانين، مقدس لکيتن ۽ رسمن ۾ پنهنجن سيني فرقن هئڻ جي باوجود به ساڳين ضرورتن تحت پيدا ٿيل هئا ۽ سڀ ساڳيا مقصد ماڻڻ جي ڪوشش ڪري رهيا آهن، البت مختلف رستن ذريعي. هيءَ ڳالهه جزوي طور صحيح آهي، پر اسان ان ڳالهه ۾ اتفاق راءِ لاءِ اميد نه ٿا رکي سگهون ڇاڪاڻ ته اختلافن باوجود، جيڪي موجود آهن، عام بنياد جيڪو انهن جي وچ ۾ وجود رکي ٿو، تعاون بدران فساد پيدا ڪري ڇڏيو آهي.

هي جهيڙو نه رڳو مختلف مذهبي برادرين جي وچ ۾ موجود آهي پر اهو

# دماغ چرخ ڪندڙ ڪائنات

انسان پنهنجي چوڌاري ۽ پنهنجي اندر جو ڪجهہ ڳولي لهي ٿو ۽ ان ڳولا جي حوالي سان هو پنهنجي جيڪا اهميت محسوس ڪري ٿو، ان جي تشريح تي هو پنهنجا عقيدائي نظام ٺاهي ٿو. ٺهنڪري هڪ نئون نقط نظر تشڪيل ڪرڻ لاءِ اسان جو شروعاتي نقطو لازمي طور هن ڪائنات تي، زندگيءَ تي ۽ اسان آڏو موجود امڪانن تي اسان جو جديد نقط نظر هجڻ گهرجي. هي باب اسان جي ان بنيادي جديد نقط نظر بابت هوندو. جيڪو هڪ اهڙو نقشو آهي، جنهن مان ڪائنات ۾ اسان جي مقام ۽ ڪردار متعلق وڌيڪ چٽا تصور تعمير ڪري سگهبا.

## اسان ڪٿي آهيون؟

اسان هڪ بي چين، بي حد تخليقي ڪائنات ۾ رهون ٿا. ان ۾ ڪابہ شيءِ ڪڏهن بہ ساڪت نہ آهي. جيئن توهان هي ڪتاب پڙهو ٿا، توهان محسوس ڪريو ٿا تہ توهان نسبتاً غير متحرڪ يا بيٺل آهيو پر توهان جي مرضي هجي يا نہ هجي توهان جيئن هيءَ ڌرتيءَ گردش ڪري ٿي هزار ميل في ڪلاڪ جي رفتار سان هلي رهيا آهيو. ان ۾ 18 ميل في سيڪنڊ جي هڪ ٻي حرڪت بہ شامل ڪيو جيڪا ڌرتيءَ جي سج جي چوڌاري رفتار آهي. ان ۾ اجا وڌيڪ شامل ڪيو، هن سڄي ڪهڪشان جي رفتار جيئن اها پنهنجي مرڪز جي چوڌاري گردش ڪري ٿي، جنهن ۾ اها اسان جي سج کي بہ هڪ وڏي دائري ۾ 150 ميل في سيڪنڊ جي اسپيڊ سان گڏ ڪٿي هلي رهي آهي. آخر ۾ اسان کي هن ڪائنات جو ڌماڪيدار ڦهلاءُ ڌيان ۾ رکڻو پوندو، جنهن ۾ سمورريون ڪهڪشائون ڪنهن وڏي ڦوڪٽي جي مٿاڇري تي موجود داغن جيان، جنهن کي تيزيءَ سان ڦوڪيو ويندو رهجي، ٻاهر ۽ هڪٻئي کان پري، تمام وڏي رفتار سان چرپر ڪري رهيون آهن.

داخلي طور تي اسان ائين محسوس ڪريون ٿا تہ اسان هڪ هنڌ بيٺل آهيون پر معروضي طور تي اسان هڪ عجيب نموني ور وڪڙ ٿيل پيچري تي تيزيءَ سان گهلبا پيا وڃون، جيئن اسان خلا مان ڪڏهن بہ ختم نہ ٿيندڙ رفتار سان گذرون

پني رهيو آهي ته ڪائنات ڇا آهي، اها ڪيئن وجود ۾ آئي، اهو ڪيئن ٿئي ٿو ته اسان خلا ۾ هڪ وچٿري جسامت واري سياري تي ڇرير ڪندا پيا وڃون، پنهنجين اکين ۽ دماغن سان گڏ. جيڪي ان سموري ماجرا کي ڪا معنيٰ ڏيڻ جي ڪوشش ڪريُ رهيا آهن. جيئن اسان، هن ڌرتيءَ جا هاڻوڪا باشندا بيٺا آهيون، نهاربون ٿا ۽ عجب ۾ پئون ٿا تڏهن اسان خود ان جاچ پڙتال ڪندڙ ٽيم جا رڪن آهيون، جيڪا ان صديون پراڻي تلاش ۾ رڌل آهي ته هي سڀ ڪجهه ڪيئن ٿيو آهي؟ اسان کي هاڻي ان سوال جي همعصر جواب کي ڏسڻ گهرجي، جيڪو اجا مڪمل ناهي پر ڏينهون ڏينهن وڌيڪ گهرين بصيرتن ڏانهن وڌي وڃي رهيو آهي.

## هي سڀ ڪيئن شروع ٿيو؟

هڪ غير معمولي نقطہ نظر اسان آڏو کلي ٿو، اٽڪل 15 ارب سال اڳ ڪجهه ٿيو، جنهن جي وضاحت نہ سائنسدان ۽ نہ ئي ديني عالم پيش ڪري سگهن ٿا. مادي - توانائيءَ جو هڪ بي انتها ننڍڙو بي انتها گهاٽو گولڙو، هيءَ ڪائنات ناهڻ لاءِ ڦاٽي پيو. هي ئي آهي، جنهن کي ڪائنات جي تخليق جو "بگ بئنگ نظريو" (Big Bang) ڪوٺيو وڃي ٿو. موجوده زماني جي هر معيار کان ٿي سگهي ٿو ته اهو قياس کان ٻاهر لڳي پر اها اسان جي زبردست تيزيءَ سان ڦهلجندڙ ڪائنات جي حقيقتن سان ٺهڪندڙ سڀ کان بهترين وضاحت آهي.

اسان کي بهرحال اجا پڪ نہ ٿي ٿي سگهي تہ "بگ بئنگ" هن ڪائنات جي شروعات آهي. ڪائنات بطور ڦهلاءَ ۽ سوس جي هڪ دائري جي عمل ڪري ٿي، پهريان اصلي ٻوڙهي گولڙي جو مادو ڌماڪيدار زور سان هر طرف پري پري تائين ڦهلجي ويو هوندو ۽ اهڙي طرح ان مان ستارا ۽ ٻيا آسماني جسم ٺهيا هوندا. هي اهو مرحلو آهي، جنهن ۾ اسان هاڻي آهيون ۽ پوءِ جيڪڏهن ڪائنات ۾ ايترو گهڻو مادو ڪنو ٿي ويندو جو پوءِ اهو وري ان جي ابتڙ تبديلي آڻي سگهي (اسانکي اجا تائين خبر ناهي تہ ايترو مادو ڪنو ٿي چڪو آهي) تڏهن ٻاهرين حرڪت ڍري ٿيڻ لڳندي ۽ عالمگير ڪشش جي اثر هيٺ ٻيهجي ويندي،ن جيئن اها عالمگير ڪشش پنهنجو اثر وڌائيندي ويندي، ڪائنات ۾ موجود سمورو مادو هڪ دفعو وري پاڻ ۾ گڏجڻ شروع ڪندو، تان جو ڪجھ وقت گذرڻ کان پوءِ، اهو وري مهامادي (Supermass) جي هڪ گولڙي ۾ ڪنو ٿي ويندو ۽ وري پوءِ پنهنجي اندر موجود زبردست بوسٽ مان پيدا ٿيندڙ اندروني قوتن جي ڪري ڦاٽي پوندو. بي صورت اها ٿي سگهي ٿي تہ ڪائنات جو ٻاهر تي ڦهلاءُ هميشہ جاري وساري

گذرڻ سان وڌ ۾ وڌ پيچيده روپ اختيار ڪندو وڃي ٿو، تنهنڪري هن سڄي مشاهدي مان اهو نتيجو نڪري ٿو ته ڪائنات ۾ ٻئي ڪنهن هنڌ به باشعور زندگيءَ جو وجود تمام گهڻو ممڪن آهي. ته پوءِ اڃا تائين اسان "هنن" کي ڇو نه ٻڌو آهي؟ ان جا ڪجهه ممڪن سبب آهن.گهڻا ستارا اسان کان ڪيترائي نوري سال (هڪ نوري سال ۾ اٽڪل 6000000000000 ميل ٿين ٿا) پري آهن، ويجهي ۾ ويجهو ستارو به ڌرتيءَ کان سوا چار نوري سال پري آهي ۽ مشهور قطبي ستارو لڳ ڀڳ 700 نوري سال پري آهي. ان ڪري اشارو ڏيندڙ وسيلي ۽ موافق جهٽڻي (Receiver) ٻنهي کي طاقتور ۽ پنهنجي نشاني تي صحيح صحيح مرڪوز ٿيڻو پوندو. ٻنهي کي برق مقناطيسي رابطي جو ساڳيو نظام (يعني ريڊيو ۽ ٽي وي) استعمال ڪرڻو پوندو، جيئن اسان هتي ڌرتيءَ تي اهي استعمال ڪريون ٿا، رابطو ڪندڙ سيارن کي هڪٻئي سان متاسئا ڪرڻ لاءِ موزون زمانن ۾ ٽيڪنيڪي ترقيءَ جي ساڳي سطح تي هجڻو پوندو. ان ڪانسواءِ آسمان جي ڏيڏاريندڙ ڦهلاءَ کي به پار ڪرڻو آهي. آخري ڳالهه اها ته اسان غير زميني (Extraterrestrial) اشارن کي اڃا هاڻي مس تلاش ڪرڻ شروع ڪيو آهي ۽ سو به اڃا ناڪافي گهٽ پئسن سان؛ پوءِ به جڏهن اسان خلائي اسٽيشن تان سلسليوار ۽ لاڳيتي تلاش شروع ڪئي سين يعني جديد دنيا جي بدترين ريڊيائي شوروغل کان مٿي، ته پوءِ اهو ڏينهن پري ناهي جو اهڙين مخلوقن سان اسان جو رابطو ٿي وڃي. اسان پڇي سگهون ٿا ته جيڪڏهن ٻين دنيائن سان رابطو قائم ٿي وڃي ته ان ڳالهه جو ماڻهن ۽ خيالن تي ڪهڙو اثر پوندو؟ هڪ اهڙي حاصلات جنهن کي سائنسدان جيئن ڪارل ساگان، هاڻي رڳو "ڪجهه وقت جو معاملو" قرار ڏين پيا، ڪي ماڻهو ان ڳالهه تي ناراض ٿي سگهن ٿا ته ان طرح سان ڪين ڪائنات ۾ واحد باشعور زندگي هجڻ جي سندن "خاص رتبي" تان هيٺ ڪيرايو وڃي ٿو. ٻيا پوائنٽ افسانن معرفت ٻاهرين خلا بابت ڄاڻ هجڻ ڪري خوفزده ٿي ويندا. ان سوچ تي ته ذهين هستيون (خلائي مخلوق) سموري ڪائنات ۾ ڦهليل آهن، اڪثر ماڻهو جوش ۾ اچي ويندا. اها ڳالهه پنهنجي سياري زمين لاءِ ماڻهن جي ذميواريءَ جي احساس کي اڃا به وڌيڪ تيز ڪندي. ان جو ٻيو اثر اهو ٿيندو ته انساني حالت ڏانهن هڪ بدليل مذهبي/ فلسفيانه رويي کي ترقي وٺرائڻي پوندي. جيڪڏهن هڪ ذهين سيارو موجود آهي ته پوءِ ڇو نه اهڙا ڏهه لک سيارا موجود آهن؟ پوءِ تصورن جي هڪ خدا، هڪ دنيا واري خيال تي مڪمل طور تي ٻيهر نظرثاني ڪرڻي پوندي. ڇا اسان خدا جي اهڙي پٽ جي باري ۾ تصور ڪري سگهون ٿا جيڪو نيڪي ۽ بديءَ جي وچ ۾ هلندڙ اڻتڙ جنگ ۾ مثال طور ڏهه لک دفعا صليب تي ٽنگيو ويو هجي، انهن سمورن سيارن تي جتي زندگي آهي؟ ڇا اسان اهڙي پيغمبر لاءِ تصور ڪري سگهون ٿا، جيڪو

ڏهہ لک تهذيبن کي قرآن ڏيندو هجي؟ هنن سوالن جو مقصد حضرت عيسيٰ يا حضرت محمد طرفان اسان جي تهذيبن کي ڏنل مثبت واڌارن کي گهٽائڻو نہ آهي، يا اهڙن ٻين مذهبي رهنمائن جي مثبت واڌارن کي گهٽائڻو نہ آهي، جن پنهنجي لاءِ ٻي مثل هجڻ جي دعويٰ ڪئي يا انهن لاءِ اهڙي دعويٰ ڪئي وئي هئي. اهي سوال بهرحال انهن دعوائن کي هڪ مڪمل طور تي مختلف روشنيءَ ۾ ضرور آڻي بيهارن ٿا.

ٻين زندگي بخش دنيائن بابت ڳالهائيندي اسان هڪ مجيل حقيقت کان ڇڳي خاصي حمايت ڪيل هڪ مفروضي ڏانهن وڌي چڪا آهيون، پر اهي خيال هڪ جديد نقطہ نظر ۾ ضرور شامل ڪيا وڃڻ گهرجن. امڪانن جو توازن اڄ اهو آهي تہ انسان هڪ دفعو وري شايد ٻي جا غرور منجهان مرڪزي اهميت جي هڪ دعويٰ سان چنبڙي رهيو آهي، جنهن جو هن کي ڪوبہ حق نہ آهي. انسان خاص آهي ڇاڪاڻ تہ هو باشعور، ذهين ۽ تخليقي آهي، ان جو امڪان گهٽ آهي تہ هو ڪائنات ۾ يگانو پڻ آهي.

# هڪ همعصر ايماني سرشتو

ڪائنات، زندگي ۽ انسانذات جي باري ۾ هميشہ وڌندڙ ڄاڻ، گهٽ ۾ گهٽ هڪ نئين ايماني سرشتي جو خاڪو ڏئي ٿي، سچي کي جوڙڻ هميشہ جيان پراسرار آهي، پلڪہ اڄ اهو ايڏو وڌيڪ پراسرار آهي، جو اڳ اڻين ڪڏهن نہ رهيو هو. پر ان سچي کي ”خدا“ تي ڇڏي ڏيڻ سان غيب ختم نہ ٿو ٿئي. ناقابل يقين سچ اهو لڳي ٿو تہ جي فطرت کي توانائي ۽ امڪان ڏنا وڃن تہ ان جا تعميري باهمي عمل وڌيڪ پيچيده سرشتن کي وجود ۾ آڻي ڇڏن ٿا. انهن نتيجن پيدا ڪرڻ لاءِ ڪنهن بہ ٻاهرئين اثر جي ضرورت نہ آهي. اهي ڪائنات ۾ اندر پيوست ٿيل آهن. جيڪا جيئن ايرچ جينش (1980) ڏيکاريو آهي تہ خود ـ تنظيمي (Self Orga-nizing) آهي. سو اهڙي طرح فطرت جي هڪ سادڙي تشريح جي جاءِ تي، جيڪا مافوق الفطري قوتن جي تصور سان ڀريل آهي، جتان اسان پنهنجي نسل جي ٻالپڻي واري دور ۾ شروعات ڪئي هئي، اسان هاڻي پاڻ کي هڪ اهڙي فطرت سان وڪوڙيل ڏسون ٿا، جيڪا هيل تائين وهم گمان ۾ نہ آيل تخليقي صلاحيت سان ٽمٽار ٿيل آهي: لچڪيدار، اٿڪ، همہ گير، عالمگير ۽ اهو سڀ اسان کي ڪٿي آڻي بيهاري ٿو؟ اسان جون ذميواريون هن نئين نقطہ نظر ڪري تمام گهٽيون وڌي

باب ٽيون

# شعور جي واڌ

جنهن حيرت انگيز ڪائنات ۾ اسان رهون ٿا، ان ۾ اسان کي هڪ هم آهنگ، سڀ کان وڌيڪ اهم مقصد جي شاهدي نه ٿي ملي، ان ڪم لاءِ ترقيءَ جو عمل تمام گهڻو ٽٽل ۽ الڳ الڳ ٿيل آهي، پر اها هڪ رخ جي پڪي شاهدي ضرور ڏئي ٿي. ارتقا گهٽ پيچيده کان وڌيڪ پيچيده ڏانهن، گهٽ ذهين کان وڌيڪ ذهين ڏانهن، جاندارن طرفان ماحول جي گهٽ ضابطي کان وڌيڪ ضابطي ڏانهن، هڪ جنس جي ڀاتين وچ ۾ گهٽ انفراديت کان وڌيڪ انفراديت ڏانهن ۽ گهٽ شعور کان وڌيڪ شعور ڏانهن سفر ڪري ٿي. ترقيءَ جي انهن سمورن رخن ۾ هڪ ڪونو، هڪ ڪينئين کان وڌيڪ مڪمل آهي، هڪ ڪتو وري هڪ ڪوئي کان وڌيڪ مڪمل ٿيل آهي، هڪ ڀولڙو هڪ ڪتي کان وڌيڪ اڳتي وڌيل آهي ۽ انسان، ٻين سمورين مخلوقن کان وڌيڪ اڳتي وڌيل آهي. هن ارتقائي حرڪت جو اعليٰ ترين موتي بلند ٿيل شعور آهي. اسان اهو چئي سگهون ٿا ته انسان معرفت ۽ هن سان ٻيٽ لائق ڪنهن ٻي مخلوق معرفت، جيڪا ٿي سگهي ٿو اسان جي نظام شمسيءَ کان ٻاهر موجود سيارن تي وجود رکندي هجي، ڪائنات خود پنهنجي متعلق وقت جي جُڳن ڪانپوءِ باشعور ٿي آهي، جنهن ۾ ڪنهن ٻه مشاهدو ڪندڙ جي موجود هجڻ ڪانسواءِ، جيڪو ان ڳالهه جو ڪاٿو ڪري سگهي ها ته ڇا ٿي رهيو آهي، ڪئين واقعا، جاندار ۽ زمانا آيا ۽ ويا. هڪ دفعو انسان ڌرتيءَ تي پيدا ٿي چڪو ۽ وقت گذرڻ سان شين جي اصليت سمجهڻ ۾ سوين هزارين سال صرف ڪري چڪو، هن جي وڌندڙ جاڳرتا نيٺ هن کي خود پنهنجي شعور جي ارتقا سميت، مستقبل جي سيارتي ارتقا تي اثرانداز ٿيڻ لاءِ اها اهليت بخشي. هي اهو هنڌ آهي، جتي اسان هاڻي موجود آهيون. بدقسمتيءَ سان شعور جو هڪ اڻٽر نتيجو انسان کي اهو فريب ڏيڻ هو ته هو ڪُل کان الڳ آهي. ڪائنات پنهنجن لاتعداد مظهرن سان گڏ ٻاهر موجود محسوس ڪئي ٿي وئي، جڏهن ته انسان ان کان ٻاهر موجود هو جيڪو ان کي ڏسي پيو، هن روئي انسان کي فطرت کان آهستي آهستي ڪٽي ڇڏيو، جنهن هن کي وجود ۾ آندو هو. ڪنانتم مشينيات...... تحت الاتمي فطرت جي علم، جي ڦٽڻ ڪانپوءِ دوريءَ جو هي رويو ترڪ ڪري ڇڏيو آهي. مشاهدو ڪندڙ ۽ مشاهدي هيٺ شيءِ، ٻنهي کي گڏجي هڪ نئي واحد

ٻني ماحولياتي اثرن کان هڪ جيترو متاثر ٿين ٿا. پر انسان کي پنهنجي روح لاءِ پنيل غدود (Pineal Gland) ۾ جيڪو دماغ اندر هڪ ننڍڙو غدود ٿئي ٿو، هڪ خاص مرڪز هوندو آهي. سو ڊيڪارٽ مطابق جانور ذهنن يا روحن کانسواءِ آهن، ڪنهن به سوچ يا احساس جي قابل نہ آهن، اهي ڇڙو خودڪار جيو آهن. هن تصور حيواني دنيا لاءِ انساني احترام کي تمام گهڻو نقصان رسايو، بهرحال تازن سالن ۾ اهو عام فهم خيال تہ جانور بہ هڪ نامڪمل انداز ۾ ضرور محسوس ڪن ٿا، جانورن جي ورتاءَ جي وڌيڪ همدردانہ اڀياس جي نتيجي ۾ مضبوط ٿيندو پيو وڃي.

## حيواني دنيا ۾ احساس ۽ سوچ

حيواني دنيا سان اسان جو ناتو انهن طريقن جي سڃاڻپ تي دارومدار رکي ٿو، جن ۾ جانور اسان وانگر ٿين ٿا ۽ خاص طور تي ان تي تہ آيا جانور انسان جهڙي انداز ۾ محسوس ڪري سگهن ٿا. پکي ۽ جانور جوش، بي صبري، ڪاوڙ ۽ خوف ڏيکاريندا آهن. اهي فخر ۽ محبت پڻ ڏيکاريندا آهن ۽ غمزده پڻ ٿي سگهندا آهن. اهو تجويز ڪرڻ تہ هڪ هنس پکي گوز، پنهنجي وڇڙيل ساٿيءَ لاءِ زبردست رنج وغم ڪندي، ڪجهہ بہ محسوس نہ ڪندو آهي، ايتروئي گمراهہ ڪن آهي، جيترو اهو فرض ڪرڻ تہ هڪ ننڍڙو ڪتو سور جي ڪري بيهوش ٿي ويندو آهي، جڏهن اهو لتاڙجي وڃڻ تي رڙيون ڪندو آهي. گهڻائي جانور ۽ ڪجهہ پکي کيڏندا آهن، يعني کيل تماشو ڪري پنهنجو پاڻ کي لطف اندوز ڪندا آهن. وڏا جانور خواب ڏسندا آهن ۽ جيئن تہ سندن دماغن جا پويان حصا (دماغ جا اهي حصا جيڪي ديد سان لاڳاپيل هوندا آهن) ڪافي بهتر نموني وڌيل آهن، انڪري اهي شايد پنهنجي دماغ جي اک ۾ خواب ڏسڻ مهل تصويرون ڏسندا آهن. بلڪل ائين جيئن اسان خواب ۾ ڏسندا آهيون. باقي جيستائين انسان جهڙي ذهانت جو تعلق آهي، ڪوهلر (1925) اهو ڏيکاريو آهي تہ باندر ننڍڙا مسئلا هڪ ڳجهارتي صورتحال جو اڀياس ڪندي، ممڪن حلن سان پرشور انداز ۾ تجربا ڪندي ۽ هٿن ۾ موجود شين جو معقول استعمال ڪندي، حل ڪري سگهندو آهي؛ جيڪو ڪم خياني سوچ کان بلڪل ني مختلف هوندو آهي ۽ اهي اهڙن ڪارنامن ۾ واضح لطف ڏيکاريندا آهن. ڪي جانور ۽ پکي ذهين ۽ حاضر شعور جي ثبوت طور غير معمولي حالتن سان پاڻ کي نهڪائڻ جي هڪ زبردست قابليت ڏيکاريندا آهن. نواحي ڳاڙهيون جهرڪيون پنهنجن آکيرن لاءِ متبادل سامان ۽ هنڌ ڳولڻ ۾ وڏي

# شعور ذات کان اڳتي

شعور ذات جي هڪ معقول اعليٰ سطح، جيڪا خودشناسي ٿئي ٿي، آخرڪار حاصل ٿي چڪي، جيتوڻيڪ ذهن جي اندروني سرگرمي سڌي سنئين مشاهدي ۾ نہ ٿي اچي سگهي. پر خودشناسيءَ جي حاصلات ارتقائي عمل کي مڪمل نہ ٿي ڪري ڇڏي. سماجي شعور هميشہ وڌندڙ سماجي لڳاءُ ۽ ٻين ماڻهن سان لهہ وچڙ، کي بہ وڌيڪ ارتقا لاءِ، هڪ شرط جي طور تي لاڳو ڪرڻو پوندو. سماجي شعور... ٻين ماڻهن لاءِ اونو، سماجي جانورن ۾ ابتدائي شڪل ۾ ڏٺو ويو آهي پر سمورن انساني سماجن ۾ وڌيڪ ڀرپور نموني ڏٺو ويو آهي. سموري انساني تاريخ دوران سماجي شعور آهستي آهستي ارتقا ڪندو پئي رهيو آهي. شروع ۾ اهو خاندان يا قبيلي جي خيال تائين محدود هو. ڌارين جي ضرورتن کي ليکيو ئي نہ ويندو هو، ڌارين ماڻهن خلاف ڏوهن کي ڏوهہ ئي نہ سمجهيو ويندو هو. رڳو هن صديءَ ۾ چڱن خاصن ماڻهن اهو محسوس ڪيو آهي تہ سمورن انسانن سان مساوي انصاف ۽ رحم سان ورتاءُ ڪيو وڃڻ گهرجي. بي رحميءَ مٿان هي هڪ عظيم واڌارو آهي، جيڪا ماضيءَ ۾ اسان جي گهڻي زندگيءَ جو امتيازي گڻ رهي آهي. حضرت عيسيٰ جي مثال ۾ سندس هڪ سٺو غريب نواز هجڻ اسانکي ان شيءِ جو هڪ مثال ڏئي ٿو تہ وقت سان گڏ سماجي شعور ڪيئن نہ وڌيو ويجهيو آهي. اڄ اسان اها اميد ڪري سگهون ٿا تہ ماڻهو هڪ ويران روڊ پار ڪري، روڊ جي ٻئي پاسي تي پيل هڪ ڦريل ۽ زخمي ماڻهوءَ جي مدد ڪرڻ لاءِ، هن جي نسل ۽ مذهب کي ڌيان ۾ نہ آڻيندي ويندا. جڏهن ماڻهو ان انداز ۾ ورتاءُ نہ ڪندا آهن، ڇاڪاڻ تہ اهي ملوث ٿيڻ نہ چاهيندا آهن، اسان کي تمام گهڻو صدمو رسندو آهي. اها ڳالهہ تہ هڪ ماڻهوءَ کي مدد جي ضرورت هوندي آهي، هنکي اها مدد فراهم ڪري ڏيڻ لاءِ اسان سمجهون ٿا تہ اهو ئي ڪافي سبب آهي. حضرت عيسيٰ جي زماني ۾ غريب نواز هجڻ جي روايت جي ابتڙ هڪ يهوديءَ جي مدد ڪرڻ لاءِ وڃڻ کي غير معمولي انسانيت جو هڪ ڪم ليکيو ويندو هو. اڄ بہ دنيا ۾ تمام گهڻي بي رحمي ۽ بي حسي موجود آهي پر پوءِ بہ اهو سچ آهي تہ ٻين ماڻهن لاءِ فڪر صدين پٺيان صديون وڌندو پئي رهيو آهي. تڏهن ئي آڪسفئم، وار آن وانٽ، يونيسيف ۽ ٻيون خيال ڪندڙ تنظيمون ايري آيون آهن، تڏهن ئي تہ ڪنهن بہ اهڙي ضرورت ڏانهن، جيڪا مشهوري ماڻيندي آهي، ايڏي سخاوت ڏسڻ ۾ ايندي آهي، تڏهن ئي تہ سرڪاري بربريت جيئن وڪٽورين برطانيہ ۾ چوريءَ لاءِ ڦاسي ڏيڻ ۽ تمام خسيس ڏوهہ لاءِ

ڏوهارين ۽ فوجين کي بي رحم نموني ڪوڙا هڻڻ ۾ بتدريج گھٽتائي آئي آهي. 1820 تائين برطانيہ ۾ عورتن کي قانوني طور ڪوڙا هنيا ويندا هئا.. اڄ وڏي ۾ وڏو فرق اهو آهي تہ جيتوڻيڪ ظلم اڃا تمام گھڻو ڦهليل آهي، پر اهو تمام گھٽو نہ نديو پڻ وڃي ٿو، جيئن انساني حقن جي عالمي پڌرنامي ۾ ۽ جانورن جي تحفظ جي قانونن ۾. اڳي ماضيءَ ۾ زنده شيون پوءِ اهي انسان هجن يا جانور، مٿان ظلم کي هڪ طئي شده ڳالھ سمجھيو ويندو هو پر پوءِ بہ ان جي ابتڙ ڪجھ دعوائن جي باوجود سماجي شعور جي مشق اڃا تمام ٿورڙي آهي. دنيا ۾ ڪروڙها ماڻھو غذا جي ڪميءَ ۾ مبتلا، بڪايل، بيمار، بي گھر، بنا سارسنڀال جي ۽ اٽڪيل آهن... شاهوڪار ۽ طاقتور قومون اڃا تائين ان مسئلي بابت ايترو رحمدل نہ آهن، اهي انهن ڀيانڪ حالتن کي ختم ڪرڻ لاءِ پنهنجي دولت جو تمام مختصر حصو مهيا ڪري رهيون آهن ۽ ان لاءِ زحمت گوارا نہ ڪرڻ جا سولا بهانا ڳولي رهيون آهن. هي سڀ تبديل ڪرڻو آهي، ان وچ ۾ اسان جيئن سال گذرن پيا، انساني احساس جي وڌندڙ حد مان ڪجھ اميد حاصل ڪري سگھون ٿا.

## سياراتي شعور

شعور ۾ ٻيو تازو واڌارو سياراتي شعور ڏانھن واڌ جو آهي. هي رجحان ڪيترين ئي تنظيمن ۾ عيان آهي. ماڻھو نہ رڳو سموري زندگيءَ سان پر هن سياري سان بطور زندگيءَ جي ماحول جي، لڳاءَ جي هاڻي دعوا ڪري رهيا آهن. هيءَ ڳالھ ڌرتيءَ بابت فڪر ۾ هڪ وڏو اضافو آهي، جڏهن ان کي اڄ کان پنجاھ سال اڳ واري صورتحال سان ڀيٽجي ٿو، جڏهن برطانيہ جي وزيراعظم اهو اعلان ڪيو هو تہ يوگوسلاويہ ايترو تہ ننڍڙو ملڪ ۽ ايڏو تہ پري آهي جو ان بابت فڪر ڪرڻ جي ضرورت ناهي. اڄ ماڻھو پنهنجو پاڻ کي ڌرتيءَ سان سڃاڻڻ سکي رهيا آهن. قومپرستي، دنياپرستيءَ کي جاءِ ڏئي رهي آهي. هاڻي تہ عالمي باهمي رابطو پهچي چڪو آهي. نئون مقصد ڌرتيءَ مان لطف اندوز ٿيڻ، ان کي ڪم آڻڻ، ان کي وڌڻ ويجھڻ ۾ مدد ڪرڻ آهي، نہ ڪہ ان جو استحصال ڪرڻ آهي. زرخيز زمين ۽ زرخيز سمنڊ جي سنهي پٽي، جيڪا اسان جي ننڍڙي دنيا جي چادر آهي، آهستي آهستي اها عزت ماڻي رهي آهي، جنهن جي اها بحيثيت اسان جي وجود جي سرچشمي جي، حقدار آهي. جڏهن تہ اڄ انهن تجويز ڪرڻ تہ "سمورا انسان پاڻ ۾ ڀائر آهن" محض هڪ مقدس اميد ناهي رهي. سماجي ۽ سياراتي شعور ان ڳالھ جي وڌندڙ احساس ۾ پاڻ ۾ گڏ آهن تہ اسان، جان ڊون جي لفظن ۾ "انسانذات ۾ پيهي ويل آهيون" ، هي موجوده دنيا لاءِ شعور جو جائز ۽ ضروري واڌارو آهي.

# فلڪياتي شعور

۽ هاڻي انساني ذهن، سياراتي شعور کان به اڳتي ڪجهه وڌيڪ جي نئنڍڙي ادراڪ ڏانهن وڌي رهيو آهي، جنهن کي ڪڏهن "فلڪياتي شعور" به ڪوٺيو وڃي ٿو، جيڪو دنيوي معاملن جي خبرگيريءَ کان متاهون آهي. سموري تاريخ ۾ تمام ٿورڙن ماڻهن حقيقت کان متاهين حقيقت ــ ڪُل جي تجربي کي محسوس ڪرڻ متعلق ڳالهايو آهي. هي اڳي ناياب تجربو هاڻي لڳي ٿو ته وڌيڪ ڪثرت سان وقوع پذير ٿي رهيو آهي. نفسياتدان ابراهم مئسلو، جنهن جن کي هو چوٽيءَ جا تجربا ، ڪوٺي ٿو، جو اڀياس ڪيو آهي، چئي ٿو ته هي خاص تجربا ، اڪثر ماڻهن جي پهچ ۾ هوندا آهن ۽ بيشڪ اها ڳالهه بلڪل به غير معمولي نه هوندي آهي ته اونهاري جي شام جي پرامن ماحول ۾ يا جبلن ۾ اڪيلي سر يا موسيقي ٻڌندي يا خوبصورت شيءِ کي نين اکين سان ڏسندي، اهو لهجي ته عام رواجي محسوسات اوچتو ئي اوچتو صاف ٿي وڃي ۽ شعور، بلنديءَ جي هڪ وڌيڪ مطمئن ڪندڙ سطح تائين پهچي وڃي. شديد محسوسات جون هي قيمتي گهڙيون گهڻو وقت جاري نه رهنديون آهن، نه ئي انهن کي ارادي جي هڪ عمل سان وجود ۾ آڻي سگهجي ٿو، جيئنٽيڪ سڪيا ، سچاڳيءَ کي وڏائي سگهي ٿي. بنا ٻڌائي اچڻ ۽ وڃڻ اهڙن تجربن جو انداز هوندو آهي. سو شعور ڪائنات جي هر ٻئي پهلوءَ وانگر اڻ کٽ چرپر ۾ آهي. وليم جيمس، آمريڪي نفسياتدان ۽ فلاسافر، انساني محسوسات جي هن نازڪ باريڪ دنيا جي باري ۾ سوچي رهيو هو، جڏهن هن هيٺن لکيو:

"اسان جو عام رواجي شعور، جنهن کي اسان "معقول شعور" سڏيون ٿا ، رڳو هڪ خاص قسم جو شعور آهي، جڏهن ته ان جي چوڌاري پر ان کان باريڪ ترين پردن ذريعي الڳ ٿيل شعور جا ڳجها روپ موجود آهن، جيڪي ان کان مڪمل طور تي مختلف آهن."

شعور جي هن "بيءَ" انداز کي لڳي ٿو ته پنهنجي ڪم ڪار لاءِ دماغ ۾ مخصوص هنڌ ٿين ٿا (آرنسٽين 1977). شعور جو هي قسم پاڻ کي وجدان ذريعي ظاهر ڪندو آهي، جيڪو ڪُل ۽ تعميري مهارت جو احساس هوندو آهي، ان منطقي، سڌي سنئين، شين کي ڏار ڏار ڪري ڏسندڙ شعور جي ابتڙ، جنهن کي جيمس "معقول شعور" ڪوٺيو آهي. جهڙي نموني سماجي شعور، عمومي سمجهاڻيءَ ۾ غير واضح شروعاتن کان هڪ مجيل حيثيت تائين وڌيو آهي، تهڙي

# انساني سگھه

ھيءَ ڳالھه اسان کي گذريل باب جي آخر ۾ پڇيل سوال ڏانھن وري وٺي اچي ٿي. ڇا انسان اھا شيءَ حاصل ڪري ورتي آھي، جيڪا ڌرتيءَ تي موجود زندگيءَ جي ارتقا کي اڳلي پيش قدمي ڪاميابيءَ سان ڪرائي؟ اسان اھو ڏسڻ شروع ڪري رھيا آھيون تہ ڇا ڪرڻو آھي، ڇا انسان اھو ڪري سگھي ٿو؟ ايچ جي ويلس پنھنجي آخري ڪتاب "ذھن پنھنجي انتھا جي پڇاڙيءَ تي" (1945) ۾ پنھنجي عام طور تي پراميد نقط نظر کان ھٽي ڪري، ان ڳالھه ڏانھن اشارو ڪيو آھي تہ انسان تبديليءَ جي رفتار سان پڄڻ جي پنھنجي صلاحيت کان اڳتي نڪري چڪو آھي ۽ ھو صفحہ ھستيءَ تان مٽجڻ وارو آھي."

اسان اھو تجويز ڪري چڪا آھيون تہ انساني بقا کي جديد دنيا جي مخصوص تباھيءَ ۾ ڪرڻ کان پاڻ کي روڪڻ ۽ پوئتي ڪرڻ لاءِ شعور جي ھڪ ٽيي جي ضرورت آھي. اھو نقطو بہ پڌايو ويو آھي تہ ڪو بہ مداخلت ڪندڙ خدا اڳتي اچڻ ۽ اسان کي اسانجين غلطين کان بچائڻ جو انتظار نہ ڪري رھيو آھي. ڇا اسان پنھنجيون محسوساتون ڦھلائي سگھون ٿا ۽ پنھنجو پاڻ کي بچائي سگھون ٿا؟ ويلس طرفان بيان ڪيل تباھيءَ جي نراسائيءَ واري اڳڪٿي ۽ اسان جي زماني ۾ عام ڪيل تباھيءَ جي باوجود اسان وٽ اھا اميد رکڻ جو سٺو سبب آھي تہ اسان مستقبل کي ڪاميابيءَ سان تبديل ڪري وينداسين، جيتوڻيڪ لڳي ٿو تہ اھا ٿورڙي فرق سان ڪٿيل ھڪ شيءِ ھوندي. اميد جو ذريعو اھو آھي تہ انسان مشڪل سان اڃا ھاڻي مس پنھنجيون لڪل صلاحيتون استعمال ڪرڻ شروع ڪيون آھن. آئن اسٽائن جو اھو خيال ھو تہ انساني صلاحيتن جو رڳو ڏھون حصو ھيل تائين آزاد ٿيل آھي. سرجولين ھڪزلي بہ ساڳئي نموني محسوس ڪيو ٿي:

"اسانکي ھاڻي ان ڳالھه جو احساس ٿي رھيو آھي تہ وڏ ۾ وڏ خوشقسمت ماڻھو بہ پنھنجي صلاحيت کان ڪافي ھيٺ جي رھيا آھن ۽ اھو تہ اڪثر انسان پنھنجي لڪل ذھني ۽ روحاني اھليت جي ھڪ تمام ننڍڙي حصي کان وڌيڪ، ڪي نہ ٿا اُپارن. حقيقت ۾ انساني نسل اڻ سانپيان ٿيل امڪانن جي ھڪ وڏي علائقي سان وڪوڙيل آھي."

اسان وٽ حياتياتي ثبوت بہ موجود آھي، جنھن کي پڻ ڌيان ۾ رکڻو آھي. انساني دماغ چمپينزيءَ جي دماغ کان جسماني وزن جي نسبت طور ٽيڻو وڏو آھي. اھو ڏھہ ارب گھرڙن کان وڌيڪ گھرڙن جو نھيل آھي، جنھنجو مطلب اھو آھي تہ

باب چوٿون

# انسان ڪيترو پاپي آهي؟

جديد انسانن لاءِ هڪ نقطہ نظر، جيڪو اسانجي هاڻوڪي صورتحال ۽ ذميوارين کي خيال ۾ رکندو، پنهنجي بنياد طور، انساني سڀاءَ جو هڪ جائز تصور گهري ٿو. ڇا انسان بنيادي طور تخليقي آهي يا بنيادي طور تباهي ڪندڙ آهي، رحمدل آهي يا ظالم آهي، ترس ڪائڻ وارو آهي، يا ڪنور دل آهي، خود پسند آهي يا سهڪار ڪندڙ آهي؟ انسان هڪ ڳجهارت آهي، ڇو تہ هو متين سمورن ورتائن جي قابل آهي. هو امڪاني طور تي ٻنهي يعني پارسا بہ آهي، تہ شيطان بہ آهي. جي ائين آهي تہ پوءِ توازن ڪهڙي پاسي آهي؟ ان تي ئي اسان جي مستقبل جي تقدير جو دارومدار آهي. جيڪڏهن ان جو مثبت پاسو حاوي هوندو، تہ پوءِ انسان ذات جو مقدر اميد افزا ڪان وڌيڪ آهي. پر جيڪڏهن توازن يقيني طور تي منفي آهي، تہ پوءِ اسان سڀ تباهہ آهيون. عظيم ٽيڪنالاجيڪل طاقت جيڪا اڄ اسان وٽ آهي، اسان ۾ اندر موجود اخلاقي بي راهہ روي سان گڏجي رڳو تباهيءَ ڏانهن ئي وٺي وڃي سگهي ٿي، جيڪا آخري، نيست و نابود ڪندڙ مڪمل تباهي هوندي. اسانجي ماضيءَ جو گهڻو حصو ڪارو، رتورت، لالچي ۽ بي رحم رهيو آهي، تہ پوءِ اسانجي مستقبل جو ڇا ٿيندو؟ هن وقت اهو ڪيترن ئي محاذن تي خطري ۾ آهي. ڇا انسان هڪ بهتر دنيا وجود ۾ آڻي سگهن ٿا؟ ڇا اسان وٽ اها لياقت آهي، جيڪا ذاتي ۽ فرقيوارانہ لالچ ڪان عام فائدي کي مٿاهون رکي؟ ڇا اسان پنهنجي اندر ۾ سماجي جيوَ آهيون يا لاعلاج خود غرض شيطان آهيون؟ هن باب ۾ اسان انهن ڳالهين کي توربنداسين ۽ ٽڪينداسين.

## مذهبي انسان

روايتي صورت ڪافي اداس آهي. مغربي چرچ انساني سڀاءَ جي باري ۾ هميشہ تمام گهڻو نااميد رهندا پئي آيا آهن. روايتي عيسائيت انسان جو تفصيل بطور گناهہ ۾ اپندا ٿيل، ۽ ڪنهن بہ نيڪيءَ جي قابل نہ هئڻ ڏنو آهي، جيڪڏهن

قرار ڏيون ته پوءِ اسان خودغرض ورتاءَ ۽ انسان جي عمومي ناڪاميءَ لاءِ ذاتي طور ذميوار نه ٻڌايا ويندا سين. اُها ڳالهه ڪيڏي نه آرامده آهي!

# مارڪسي انسان

هڪ ماڻهو اهو فرض ڪري ٿي سگهيو ته 19 ۽ 20 صديءَ مٿان مارڪسزم جو اثر عيسائي ملائيت، فرائڊ جي منفيت ۽ انسان دشمن دانشورن طرفان مشهور ڪيل انسان جي ڪريل سڀاءَ بابت نراسائيءَ وارن خيالن خلاف هڪ طاقتور رد- نسخي (Antidote) طور ڪم ڪندو، پر اهو اٿين نه نڪتو. مارڪس هڪ انسان دوست ماڻهو هو، جنهن انهن الڳ ڪندڙ قوتن کان نفرت ٿي ڪئي، جن مردن ۽ عورتن کي محض وجود جي شرط طور اُجر تي غلام بڻجڻ تي مجبور ڪيو. هن جو تصوراتي معاشرو هڪ اهڙو معاشرو هو، جنهن ۾ رياست نه پر انساني ضررتون ئي فيصلن تي حڪمراني ڪن ۽ فرد پنهنجين لياقتن موجب ڪم ڪن. بدقسمتيءَ سان ان ڳالهه جو سبب ڳوليندي ته انسان جي حالت اهڙي ڇو آهي، جهڙيَ اها آهي، ۽ اها سماجي طور انصاف واري شڪل ۾ ڪيئن بدلائي سگهجي ٿي، مارڪس، انسان جا ٻه تصور اڳتي وڌايا جيڪي آخر ۾ هڪ ٻئي جي ابتڙ ٿي پيا. هڪ تصور اهڙي شخص جو هو جيڪو شعور، تصور ۽ تخليقي قوت سان نوازيل هو، جنهن جي معرفت ٻين پاڻيوار انسانن جي سهڪار سان سموريون انساني ضرورتون انصاف سان پوريون ڪري سگهجن پيون. ٻيو تصور هڪ اهڙي شخص جو هو جيڪو هڪ خودڪار مشين هو، جيڪا پيداواري قوتن جي اينتري ته غلبي هيٺ هئي جو هن جا خيال، احساس، رشتا ۽ سياست سڀ مڪمل طور تي معاشري جون اقتصادي حالتون ئي تشڪيل ڪن پيون. هن تصور کي اڳتي وڌائڻ ۾ مارڪس لڳي ٿو ته هي مشورو ڏئي رهيو هو ته انسان سواءِ اقتصادي قوتن جي پيدائش جي، ٻيو ڪجهه به ناهي. مارڪس انسان جي هنن ٻن تصورن جي وچ ۾ رشتي کي ڪٿي به صحيح نموني واضح نٿو ڪري. جان مڪ مرٽي پنهنجي ڪتاب "مارڪس جي دنيائي نقطه نظر جي بناوت" (1978) ۾ مارڪس ۽ اينگلس جي ڪتابن ۾ انسان

ڏانهن بطور هڪ آزاد ۽ تخليقي هستيءَ جي ڪيل حوالن ڳولڻ لاءِ انهن جي تلاشي ورتي آهي، جنهن دوران هن اهڙا ڪافي حوالا لڌا. پوءِ به اهي حوالا، پيداواري قوتن ۽ اهي کهڙي نموني انساني تقدير مٿان ضابطو رکن ٿيون، جي باري ۾ سندن تمام وسيع تحرير ۾ رڳو مختصر راين جي طور تي وجود رکن ٿا. نتيجتاً انسان بحيثيت هڪ فرد جي ان عام نظريي ۾ گم ٿي ويو. جيئن هڪ تبصري نگار هيئن لکيو آهي، "انسان جو تصور ٿي لڳي ٿو ته ڪڙڪيءَ مان ٻاهر نڪري ويو آهي."

بدقسمتيءَ سان مارڪسزم، جيئن ان انقلاب جي هڪ نظرئي مان وڌي حقيقي رياستن جي سياسي نظامن جو روپ ڌاريو، ان، انسان جو انفرادي تصور ان

انسان جي حق ۾ مڪمل طور تي لاهي ڦٽو ڪيو. جيڪو تاريخ جو ڳڙو هو، جنهن جو ڪردار صرف تاريخي عمل جي خدمت ڪرڻ هو، جيئن ان وجود رکيو ٿي يعني رياست جي شڪل ۾: ٻين لفظن ۾ انهن ماڻهن جي شڪل ۾، جن ان رياست کي هلايو ٿي. هيءَ ڳالهه فرد کي ڪنهن به طاقت يا اهميت کان سواءِ ڇڏي ڏني ٿي. سو مارڪسزم پڻ انسانن کان سندن ذاتي قدر ۽ شان کسيندي پنهنجي پڄاڻيءَ تي پهچي چڪو آهي.

## سماجي انسان

اسانجي پنهنجي نسل کي گهٽ ڪرڻ جي رجحان جو رد- نسخو ان ۾ آهي ته اسان فرد کي هڪ الڳ ٿلڳ ٿيل هستي قرار نه ڏيون، جيڪا، رغبتن ۽ گناهن جي هڪ پيدائشي ڳنڍڙيءَ جي، بري حڪمرانيءَ هيٺ ٿئي ٿي، نه ئي اسانکي هن کي مڪمل طور تي اقتصادي قوتن جي غلبي هيٺ آيل سمجهڻ گهرجي پر ڪيس معاشري جو هڪ امڪاني تخليقي رڪن سمجهڻ گهرجي، جيڪو ٻين ماڻهن ۽ عام ثقافت جي اثرن ڏانهن جوابده هجي ٿو. هي سماجي انداز، اڳلن رويـن کان تمام گهڻو مختلف آهي. اهو انسان جي بطور هڪ الڳ ٿلڳ ۽ پنهنجين اندروني خواهشن يا بيروني طاقتن جي رحم ڪرم تي هجڻ واري تصور کي، انسان بطور هڪ انوکي انداز ۾ نوازيل شخص جي تصور سان مٽائي ٿو. جيڪو ٻين ماڻهن سان ۽ پنهنجي چوڌاري موجود دنيا سان باهمي عمل ڪندي، هڪ ڀرپور شخصيت جو روپ اختيار ڪري ٿو. اهڙي طرح هڪ مخصوص سماج ۾ پيدا ٿيل هڪ فرد پنهنجي ثقافت جي جاري چرپر مٿان خود اثر ڪري ٿو ۽ ان کان متاثر به ٿئي ٿو، بحيثيت هڪ تخليقي فرد جي، جنهن وٽ خود پنهنجو ذهن ٿئي ٿو. هن کي هڪ غلام يا هڪ شڪار ٿي رهڻ جي ضرورت ناهي، هو پنهنجو پاڻ کي ۽ سماج کي بدلائي سگهي ٿو.

انسانيت جو هي تصور، فرد کي، نه گناه ۾ ڄاول، نه ئي جنس ۽ غصي جي جبلتن جي غلبي هيٺ ڏسي ٿو پر اهو هن کي جمڻ وقت اخلاقي طور غير جانبدار ڏسي ٿو. هر فرد ۾ ڳجهي صلاحيت...... جسماني، ذهني، جذباتي، جمالياتي ۽ اخلاقي موجود ٿئي ٿي. هڪ ماڻهو بالغ ڪيئن ٿئي ٿو، ان تي دارومدار رکي ٿو ته هن جي اوسر جي عمل دوران ڪهڙا واقعا ۽ رشتا هن جي تجربي مان گذريا هوندا آهن. اهو دليري ۽ اعتماد تي پڻ دارومدار رکي ٿو، جيڪي ان عمل طرفان پيدا ڪيا ويندا آهن: هن صورتحال ۾، بهرحال سماج- دشمن ورتاءُ بدران سماجي ورتاءُ جي اوسر ڏانهن هڪ تعصب موجود ٿئي ٿو. ڇاڪاڻ ته اسان انسان، سماجي هستيون آهيون ۽ رڳو ٻين سان پائدار رشتن معرفت ئي وجود رکي سگهون ٿا. تنهنڪري ٻين جو خيال رکڻ لاءِ اسان مجبور آهيون. "خود ناهيل" ماڻهوءَ جي نالي سان ڪا به هستي نه ٿيندي آهي. اسان هڪٻئي جا ڀاتي آهيون. اسان ٻين کي تشڪيل ڪريون ٿا ۽ ٻيا اسانکي تشڪيل ڪن ٿا ۽ اهو سڀ ڪجهه هڪ

شاگردن کان پڇيو ويو تہ هو اها رقم لکن، جيڪا هو ائين ڪرڻ لاءِ گھرندا. هڪ ڪان سواءِ باقي سڀني ڇٽن لکيو: "ان شيءِ جي ڪابہ قيمت ناهي" يا ان سان ملندڙ جلندڙ جواب، رڳو هڪ ماڻھوءَ لکيو" اٺ هزار پائونڊ". تنهن ڪري شايد اسان پنهنجي اندر ۾ اوترا پئسي جا پوڄاري ۽ مادي پرست نہ آهيون، جيترو سماج اسان کي سمجھي ٿو. شايد تمام گھڻي مبالغہ آرائيءَ کان ڪم ورتو پيو وڃي. شايد گھڻائي ماڻھو ڪليل مادي پرستانہ قدرن کي سچو سمجھڻ ۾ منجھيل آهن. پڙهندڙ کي ان ڳالهہ جي دعوت ڏني وڃي ٿي تہ هو ماڻهن جي موزون جٿن مٿان اهي ساڳيون آزمائشون ڪري ڏسي. اها ڳالهہ مڃڻ ڪڏهن ڪڏهن تمام گھڻي ڏکي لڳي سگھي ٿي تہ هن سموري پهلواني ڏيکاءَ، ڏاڍ-ڌاڙ، نفرت ۽ تخريبي ورتاءَ پٺيان محبت ڪرڻ ۽ محبت ڪني وڃڻ جي عالمگير بک موجود هوندي آهي. پوءِ بہ بهرحال ائين لڳي ٿو ۽ ان ۾ ئي اسانجي اميد آهي. انسانذات لاءِ اڳتي وڌڻ جو رستو انساني نفسيات ۾ پنهان هڪ بيماريءَ (اهڙي ڪابہ بيماري ڪانهي!) کي صاف ڪرڻ ۾ نہ آهي پر ان محبت کي آزاد ڪري ڇڏڻ ۾ آهي، جيڪا رد ٿيڻ جي ڀوَ کان هر ماڻھوءَ جي کل هينان ٿڙڪي ٿي پئي.

## فيصلو

انساني رڪارڊ جي هن تڪڙي جائزي کي اسان ڪهڙي پڄاڻي ڏيون؟ اڄ دنيا ۾ امن ۽ ڀڌيءَ لاءِ هڪ عظيم اميد ۽ ڏيتين ليتين ۽ رشتن ۾ کُلي پن ۽ اعتماد لاءِ هڪ بک وڌي رهي آهي. هي اُڀار پڻ انساني آهي ۽ پوئتي ماضيءَ ۾ اسان جي سهڪاري اصليت سان تعلق رکي ٿو. ڪي فرد هتي يا هتي ڏوهہ ڏانهن لڙي سگھن ٿا پر ان ڳالهہ جي ڪابہ شاهدي نہ ٿي ملي تہ انسان بحيثيت هڪ جنس (Species) جي لاعلاج طور پاپي ٿئي ٿو. ڏوهہ ۽ تشدد کان بغير رهڻ لاءِ هن کي جيڪو گھرجي، اهو آهي هڪ انصاف ڀريو سماج، جيڪو هن جي انساني سڀاءَ ۾ جو ڪجھہ بهترين آهي، ان کي همٿائي ۽ مڃتا ۽ تڪميل لاءِ هن جي ضرورتن کي پورو بہ ڪندو هجي. فروم لکي ٿو، "تباهي هڪ اڻ گھاريل زندگيءَ جو نتيجو آهي." اسانجو بنيادي انساني ۽ ذهني سازو سامان اڃان تائين گھڻو ائين ئي آهي، جيئن اهو گهٽ سنٽريل بهتر منظم ٽيل، وڏيڪ قريبي، پرامن شڪاري – ميڙيندڙ برادرين ۾ هو، جنهن ۾ انسان ذات پنهنجي تاريخ جو گھڻو حصو گذاريو آهي. موجوده ذمو (Task) فطرت سان اسان جي پراڻي هم آهنگي انساني ارتقا جي ان مرحلي وارو سهڪار، ڪليوين، بي ضرر ليڊرشپ ۽ اشتراڪيت ڏانهن واپسيءَ جو

باب پنجون

# جديد اخلاقيات جو ڦٽڻ

پر انسان جو اخلاقي مونجهارو برقرار آهي. انساني تاريخ ۾ قبل از تاريخ، انسان جي اخلاقي ۾ بامقصد نموني رهڻ جي اهليت ڏيکارن ٿا. هن جي ناقابل شڪست مستقل مزاجي ۾ همت تي ڪو به شڪ نه آهي، هن جي تخليقي صلاحيت جي شاهدي اسانجي چوڌاري موجود آهي پر پوءِ به اڄ سڄي دنيا ۾ اسان اخلاقي ناپائيداريءَ جي هڪ حالت ۾ مبتلا ٿيل آهيون. ثابت قدمي ۽ وعدي جون، منزلون جن کي ماڻهن هڪ طئي شده شيءِ سمجهي ڇڏيو آهي، ڪنهن قدر ختم ٿي چڪا آهن. اسان مسلسل اهڙن ماڻهن جي باري ۾ پڙهندا رهون ٿا، جيڪي سماج ۾ تمام اوچن عهدن تي هوندي به پنهنجن گهرن کي بدعنوانيءَ جي پئسن سان عيش ڪرائيندي پڪڙيا وڃن ٿا. نوجوان انهن مشڪوڪ سرگرمين منجهان اهو نتيجو اخذ ڪن ٿا ته صاحب اقتدار ماڻهو، نيڪيءَ جا مجسما نه آهن. جيڪي ڪنهن زماني ۾ هوندا انهن سمجهيا ويندا هئا. اخلاقي پستيءَ جي هڪ ٻي به پريشان ڪندڙ شاهدي موجود آهي. بين الاقوامي واپار تمام گهٽي بيهودگيءَ سان هلايو وڃي ٿو، يا ان کي ڪنهن به قيمت تي ڪاري ناڻي ذريعي هلايو وڃي ٿو. خطا ڪان بغير عزتون جيئن مثلاً سوئس بينڪ يا لانڊس جون آهن، جيڪي ڪڏهن قطعي ايمانداريءَ جون علامتون سمجهيون وينديون هيون، اوچتوئي اوچتو داغدار ٿي وڃن ٿيون. جيل قيدين سان پرجي سڄي رهيا آهن، ڏوهه هڪ وڌندڙ صنعت آهي، غنده گردي ڏينهون ڏينهن وڌي رهي آهي. اوترو ئي پريشان ڪندڙ هيءَ حقيقت آهي ته تشدد ۽ ڏوهه، گذريل سالن کان ننڍي عمر ۾ داخل ٿيندا پيا وڃن. حڪومتون پڻ داغدار آهن. هڪ اهڙي وقت تي جڏهن قومن جي وچ ۾ ايمانداري خاص طور تي اهم آهي، ڇاڪاڻ ته جيڪا شيءِ خطري ۾ آهي، اها هڪ مجبل، بلڪ تقريباً متوقع چال آهي.

اخلاقي بدحاليءَ جي هيءَ تصوير اهو تجويز ڪري ٿي ته سماج هڪ تيزيءَ سان وڌندڙ پستيءَ ڏانهن وڃي رهيو آهي، ان جي نعم البدل وضاحت، جنهن جي هن ڪتاب پذيرائي ڪئي آهي، هيءَ آهي ته موجوده سماج اخلاقيات جي هڪ پيڙهه کان ٻي پيڙهه ڏانهن تبديليءَ جي سفر ۾ آهي. هي انداز انسانذات کي هڪ اهڙي اخلاقيات ڳولڻ جي جدوجهد ۾ رڌل ڏسي ٿو، جيڪا اهڙي قسم جي دنيا لاءِ

ماڻهو جيڪي التا ميرا جون تصويرون پوئتي ڇڏي ويا آهن، مڪمل طور تي انسان هئا ۽ اسان کان ڪو گهڻو مختلف نہ هئا."

# ڇا غلط ٿيو ؟

جيڪڏهن اخلاقي اصول قديم انساني وقت کان ئي ايترو سٺي نموني قائم ٿيل هئا تہ ايترو پوءِ ڇو خصيص ۾ خصيص اخلاقي رشتا بہ اڄ خطري ۾ آهن؟ ان جي جواب جو ڪجهہ حصو هي آهي تہ هڪ دفعو جڏهن انسانذات آباد ٿيل وسندين جي صورت ۾ منظم ٿي چڪي، اخلاقي ربط جي سنئين سڌي ارتقا، تهذيبي سخت گيريءَ ۽ ان جي نتيجي ۾ مختلف مذهبي تصورن وچ ۾ ايرنڌ دشمنيءَ جي ڪري رڪجي وئي. اسان هن اخلاقي مونجهاري جو اوائلي انساني معاشرن کان وٺي اجوڪي دور تائين پيرو کڻي سگهون ٿا.

قديم انسان جيڪو زندگي بخش سج کي ڏينهن جو آسمان ۾ ڦرندي ڏسي ۽ رات جو پنهنجي مٿان ڦهليل آسمان جي وسعت کي ڏسي جنهن ۾ ڦرڻو گهرڻو چنڊ، ڪيس مهينن جو حساب ٻڌائيندو هو، اچرج کائيندو هو، اتي هو مستقل اڻ ڄاتل خطرن جهڙوڪ، خشڪ سالي، ڏڪر ۽ بيماري ۾ بہ وڪوڙيل رهندو هو. تنهنڪري هن انهن قوتن سان رابطو قائم ڪرڻ جي فوري طور تي ضرورت محسوس ڪئي، جن سندس زندگيءَ کي ڪنٽرول ڪيو ٿي. ان سلسلي ۾ هن کي اڳتي وڌائيندڙ محرڪ هئا: ڀو، دهشت، احترام ۽ راضي ڪرڻ جي ضرورت. اهڙي طرح ديوتائن ۽ روحن کي خوش ڪرڻ لاءِ، جن لاءِ هن سمجهيو ٿي تہ اهي سندس چوڌاري موجود آهن، رسمون، تقريبون ۽ تحفا هر قديم انسان جي زندگيءَ جو ۽ قبيلي جي تهذيب جو هڪ حصو بڻجي ويا. ان سان گڏ مضبوط ڏندڪٿائون، جادوئي عمل ۽ ممنوع ٿيل شيون ۽ وڻتاءَ پڻ هنجي زندگيءَ جو حصو بڻجي ويا.

جڏهن معاملا گڙٻڙ ٿي ٿي ويا، جيڪي اڪثر ڪري ٿيندا هئا، تہ اِن کي قبيلي جي ڪنهن ماڻهوءَ جي ڪنهن بدتميزيءَ مٿان ديوتائن، روحن يامري ويل ابن ڏاڏن جي ڪاوڙ سمجهيو ٿي ويو. (قديم انسان بہ غالباً اوتروئي احساس گناهہ ۾ ورتل هو جيترو جديد انسان!) اهو ئي سبب آهي جو جادوئي ڊاڪٽر (Witch- doctors) ۽ نام نهاد طبيب پئدا ٿيڻ شروع ٿيا، جيڪي تباهيءَ جو الزام مڙهڻ ۽ معاملن کي درست ڪرڻ جي رستن جي سفارش ڪرڻ ۾ ماهر بڻجي ويا، پوءِ چاهي ڪو ماڻهو بيمار ٿيو هجي يا ڳئون اوچتو ئي اوچتو مري وئي هجي يا اهڙو ڪو ٻيو معاملو ٿيو هجي، ان طريقي سان مذهبي عقيدو ۽ درست ورتاءُ... اهڙو ورتاءُ جيڪو سماجي ريت رسم ۽ بزرگن طرفان منظور ڪيل هو، پاڻ ۾ سخت الجهيل

انداز ۾ ملي ويا. ان جو هڪ عملي پهلو پڻ آهي، مينهن جو وسڻ، افزائشي رقص، زمين جي پيداوار وڌائڻ لاءِ ان مٿان رت ڇٽڪائڻ ۽ اهڙيون ٻيون رسمون. قديم ماڻهن آڏو مقدس ۽ غير مقدس چٽي نموني ڌار ٿيل نه هوندا آهن. آسٽريليا جي قديم باشندن جا تراشيل چرنگا.... تراڪڙا پٿر يا ڪاٺ جا ٽڪراجن کي بي حد مقدس سمجهيو ويندو آهي، ان خوابن جي زماني جي ڪهاڻي ٻڌائن ٿا، جڏهن ديوتا زمين مٿان گهمندا هئا. پر اهي ٻج ڪاميابيءَ سان پوکڻ جو هڪ مثالي نمونو به پيش ڪري سگهن ٿا.

زنده رهڻ جا عملي وسيلا قديم انسان لاءِ مقدس هوندا آهن. هيءَ ڳالهه اخلاقي قدرن کي مقدس شين ۾ ضم ڪري ڇڏڻ جو ۽ انهن کي الاهي اصليت وارو تصور ڪرڻ جو جواز پيش ڪري ٿي. هي سڀ ڳالهيون هڪ منجهيل صورتحال ڏانهن وٺي ويون. جيئن سماجي ماهر (Sociologist) مورس گنسبرگ چيو آهي، "اخلاقي اصول، فرقن باوجود، بنياديات ۾ هر هنڌ زبردست هڪ جهڙايون ڏيکارن ٿا."

اسان ڏسي چڪا آهيون ته اٿتر نموني ائين ڇو آهي؟ ان حقيقت پٽاندڙ هر قبيلي کي انهن عالمگير انساني قدرن لاءِ عزت حاصل ڪرڻي هئي. پرائين ڪرڻ جو مطلب هو هنن کي رسم، ريت رواج ۽ مذهبي منظوريءَ واري سماج ۾ ٻڌي رکڻ ۽ ان ڳالهه ۾ ئي مصيبت لڪل هئي، ڇاڪاڻ ته هر برادريءَ پنهنجي شناخت تهذيب جي پنهنجي الڳ انداز سان ڪرائي ٿي ۽ ان سان موافقت جي توقع رکي ٿي، جڏهن ته هر تهذيب هر ٻي تهذيب کان ٿوري يا گهڻي حد تائين مختلف هئي، بنيادي انساني قدرن ۾ نه پر تهذيبي بناوت ۾ جيڪي انهن کي قائم رکڻ لاءِ اڏيون ويون هيون. هاڻي ڇاڪاڻ جو هر تهذيب پنهنجي مخصوص انداز کي صحيح ۽ باقي ٻين کي غلط سمجهيو ٿي، ان ڪري اها سوچ ان يقين ڏانهن وٺي وئي ته بنيادي طرح مختلف اخلاقي نظام وجود رکن پيا ۽ ان بدقسمت نتيجي ڏانهن ته هر تهذيب اهو ايمان رکيو ٿي ته ان کي پنهنجي قطعي طور تي صحيح نظام کي ٻاهرين يلغار کان ضرور بچائڻو آهي. شروعاتي ڏينهن ۾ هن سوچ نه رڳو جهڳڙا پيدا ڪيا پر هڪٻئي جي تهذيبن مان ڪنهن حدتائين ڪي شيون اوڌر تي ورتيون به، بهرحال جيئن جيئن انساني جٿا وڏا ٿيندا ويا ۽ تهذيبون يا ننڍيون تهذيبون پنهنجي صحيح هجڻ جو وڌ ۾ وڌ جنوني طور تي يقين ڪرڻ لڳيون، تهذيبي چپقلشن جو امڪان وڌندو ويو. هن قسم جو تنازعو سموري انساني تاريخ ۾ موجود رهيو آهي ۽ اڃا تائين مذهبن اندر ۽ انهن جي وچ ۾ سخت دشمنيون پيدا ڪري ٿو، جيڪي ڪڏهن ته رتو ڇاڻ واريون ٿين ٿيون، جيئن بيروت جا قتل عام ۽ ايران ۾ قدامت پسند ملن طرفان بهائي فرقي جو بي رحماڻو خاتمو. هي نااتفاقيون صحيح ۽ غلط ورتاءُ بابت نه اپريون آهن، جيئن اهي عالمگير شين طرفان ظاهر ڪيل آهن، پر خدا جي سڀاءُ، عقيدي ۽ نماز جي تفصيلن، عبادت جي منظور ڪيل طريقي، رسم، روزي،

انهن جو دفاع ڪرڻ جي ڪوشش ڪن ٿيون. مغرب ۾ هڪ خاص مونجهارو شر فائن جي آپيشاهاڻن قدرن کي عالمگير قدرن طور سمجهڻ جو رهندو پئي آيو آهي، هيءَ غلطي آساني سان آهستي آهستي داخل ٿي چاڪاڻ تہ مک ذاري واري عيسائيت ۽ مک ذاري وارو اسلام بطور موروثي آپيشا هاڻن نظامن جي وڏيا ويجهيا ، جن بغير سوال ڪندڙ اطاعت ذريعي، ان کي بطور هڪ قطعي قدر جي پيش ڪندي وڏو ذخيرو قائم ڪيو جيڪو اهو نہ آهي. ان ڪري طاقتور ماڻهن جي هڪ اقليت جي مفادن ۾ مڙهيل قدر انهن پيش ڪري سگهجن ٿا جڻ اهي ڪي عالمگير اخلاقي قدر هجن .... ان جو هڪ مثال انگليند جي چرچ جي سوال جواب ذريعي تعليم ڏيڻ جي نظام (Catechism) جي سوال "پنهنجي پاڙيسريءَ ڏانهن توهان جو ڪهڙو فرض آهي؟" جي طئہ ڪيل جواب ۾ ڏنو ويو آهي، جنهن کي پڪو ڪرڻ لاءِ سڀني اميدوارن کان رسمي توقع ڪئي پئي وئي. ان جو مضمون بيانن جو هڪ عجيب مرڪب آهي. جيڪي عالمگير اخلاقي قدرن جو احاطو ڪن ٿا ۽ شرفائن جي قدرن جي بہ حمايت ڪن ٿا.

بيان ڪيل فرض جيڪي عالمگير اخلاقي قدرن تي ٻڌل آهن

- پاڙيسريءَ ڏانهن منهنجو فرض اهو آهي تہ مان هن کي پاڻ جيان پيار ڪريان ۽ سڀني ماڻهن سان اهو ورتاءُ ڪريان جيڪو مان چاهيندس تہ هنن کي مونسان ڪرڻ گهرجي.
- ڪنهن بہ ماڻهوءَ کي زبان يا هٿ سان اهنج نہ پهچايان.
- پنهنجي سموري ڏيتي ليتيءَ ۾ سچو ۽ انصاف وارو هجان.
- پنهنجي دل ۾ نہ ڪا منڌي ۽ نہ ڪا نفرت سانديان.

بيان ڪيل فرض جيڪي شرفائن جي قدرن تي ٻڌل آهن

- پنهنجن سمورن گورنرن، استادن، روحاني پادرين ۽ مالڪن آڏو پاڻ کي نوايان.
- پاڻ کان بهتر سمورن ماڻهن آڏو پاڻ کي هيناهون ۽ ادب واحترام سان ڪڙو ڪريان.
- ٻين ماڻهن جي مال متاع تي حرص نہ ڪريان پر پنهنجي روزي هٿ ڪرڻ لاءِ سکان ۽ سچي دل سان محنت ڪريان ۽ زندگي جي ان حالت ۾ پنهنجي نوڪري نيستائين ڪريان جيستائين خدا خوش ٿي مون کي سڏ ڪري.

معزز مذهبي عالم جن هي سوال جواب نامو ناهيو، لڳي ٿو تہ ان حقيقت کان بلڪل اڻ واقف هيا تہ اهي قدرن جي ٻن متضاد نظامن کي پاڻ ۾ گهنجرائي رهيا آهن. هيءَ ئي اها الجهيل سوچ ۽ مونجهارو آهي، جنهن انسان ذات لاءِ قدرن جي هڪ اهڙي نظام تائين پهچڻ کي بي حد ڏکيو بڻائي ڇڏيو آهي جڪو نہ رڳو سماج کي يا قوم کي پر هن سموري سياري کي اخلاقي پائداري ڏئي سگهي ٿو.

# اخلاقي رهبرن جو ڪردار

هن نقطي تي اسان ڪي وري هڪ دفعو پنهنجي نسل جي اخلاقي ڪهاڻي، عظيم اخلاقي استادن جي زماني ڏانهن واپس ٿيندي، ڪٿڻ ڪپي يعني مڪيه طور تي (13) صدي قبل مسيح کان (15) صدي عيسوي تائين جو عرصو. ان زماني دوران انساني سماج تمام گهڻا وڏا ۽ وڌيڪ پيچيده ٿي ويا. ان جو نتيجو ماڻهن جي وڌندڙ انگ لاءِ قريبي سماجي بندڻن جي ڀري تي وڃڻ ۾ نڪتو، جنهن انفرادي آزاديءَ جي امڪانن کي تمام گهڻو وڌائي ڇڏيو پر ان زندگيءَ جي خود پسند طور طريقن تي ٻيڻل سماج دشمن وحشت کي به ممڪن بڻائي ڇڏيو. هڪ سادي، گهڻي حد تائين اڻ ورهايل سماج ۾ هر فرد، ان سماج جي روايتن، رٻتن، فرضن ۽ ڏيتين ليتين ذريعي پنهنجي جاءِ تي ٻيڻل هوندو آهي. هڪ ڍلي سماجي بناوت اندر فرد گهڻي ۾ گهڻو پنهنجي مرضيءَ وارا ٿين ٿا ۽ تنهنڪري گهڻي ۾ گهڻو غير محفوظ به ٿين ٿا. پوءِ جڏهن هو ٻيروني طور تي هڪ اخلاقي ڪرنگهي جو هڏو وڃائي چڪا هوندا آهن. ۽ ڪين ان جي جڳهه پنهنجي اندر جو حصو بڻايل اخلاقي اصولن کي ڏيڻ جي ضرورت هوندي آهي. هي عمل اخلاقي ورثاءُ جي بنياد طور نندي پنماني واري تهذيبي شناخت کان هڪ وڌيڪ عالمگير نقط نظر ڏانهن پيش-قدمي گهري ٿو.

اهڙي تبديلي بن لاڳاپيل اثرن ذريعي حاصل ڪئي وئي. هڪ اهو هو ته انساني سوچ هن عرصي دوران قبائلي خدائن جي عقيدي کان هڪ خدا جي عقيدي ---- سڀني مٿان غالب هڪ خدا، ڏانهن اڳتي وڌي. ٻيو اثر خود عظيم اخلاقي رهبرن جو اثر هو. جيتوڻيڪ ڪنهن حد تائين اهي پنهنجي پنهنجي تهذيب ماتحت هئا، پر سندن پيغام سموري انسان ذات لاءِ هو. هنن عالمگير قدرن کي هڪ نئين قوت ۽ چٽائي سان ٻيهر بيان ڪيو: سچ ۽ انصاف لاءِ عزت، ڏيتي ليتي ۽ رشتن ناتن ۾ ايمانداري، ٻين ماڻهن جو فڪر، بي غرضي، سچائي، رحمدلي، سخاوت، خود ضابطگي، معافي ڏيڻ، محبت.

هيءَ نئين سر تشريح تمام گهڻي ملهائتي هئي. ماڻهن لاءِ هاڻي اهو وقت اچي چڪو هو ته هو انهن قدرن کان واقف ٿين، جن ذريعي هنن کي زنده رهڻو هو. عظيم اخلاقي استادن جو مڪيه ڪارنامو هنن قدرن کي مڪمل شعور ۾ آڻڻ هو ۽ ڪين انساني زندگيءَ جي نين حالتن سان نهڪائڻ لاءِ انهن کي ڦهلائڻ هو. سمورن

عظيم مذهبن فرد جي خود پاڻ ڏانهن ۽ ٻين ڏانهن ذميواريءَ تي زور ڀريو آهي. هڪ پاسي فرد کي اهو رستو اختيار ڪرڻ لاءِ مجبور ڪيو ويو، جيڪو جيڪڏهن قدر، رويا ۽ پائدار عقيدا سچا هئا، روشن خياليءَ، نجات يا مڪمل ٿي ڏانهن وٺي ويندو. ٻئي پاسي هن کي، پاڻ کي ٻين ماڻهن لاءِ فڪرمند رهندي ڏسڻو هو. هي سماجي فرض مختلف استادن طرفان ڏنل "سنهري اصول" جي مختلف بيانن ۾ ڏيکاريل آهي.

**هندو ڌرم:**

"سچي خوشي ٻين کي خوش ڪرڻ ۾ هوندي آهي." ( قبل از تاريخ)

**يهوديت:**

"محبت توراهه (Torah) جي شروعات ۽ پڄاڻي آهي." (تيرهين صدي قبل مسيح)

**زرتشت ازم:**

"اهو سڀاءُ صرف تڏهن ئي ڀلو هوندو آهي، جڏهن اهو ٻئي ڪنهن سان اهو نه ڪري جيڪو خود هن لاءِ ڀلو نه هوندو آهي." (ستين صدي قبل از مسيح )

**تائو ازم:**

"پنهنجي پاڙيسريءَ جي فائدي کي پنهنجو فائدو ڪري سمجهه ۽ پنهنجي پاڙيسريءَ جي نقصان کي پنهنجو نقصان ڪري سمجهه." (ڇهين صدي ق.م)

**ڪنفيوشيزم:**

"سچي ڀلائي، پنهنجن پاڙيوار انسانن سان پيار ڪرڻ آهي." (ڇهين صدي ق.م)

**ٻڌ ڌرم:**

"ٻين کي ان سان ايذاءُ نه رسايو جيڪو خود توهان کي درد پهچائيندو هجي." (ڇهين صدي ق.م)

# اخلاقيات زمين تي اچي ٿي

انسان کي وري سڀ ڪجهہ دهرائڻ ڪپي. انسان ڏسي چڪا آهيون تہ عالمگير قدر جن مثان معاشرو ۽ باهمي ذاتي لاڳاپا دارومدار رکن ٿا، انسانجي اوائلي ابن ڏاڏن طرفان، عمل دوران دريافت ڪيا ويا. اهي ننديون، گهريون برادرين جي طرز زندگيءَ جو روپ اختيار ڪري ويا. ساڳئي وقت تي مذهبي عقيدا اڀريا، جن انهن قدرن کي، جن مٿان سماجي بقا جو دارومدار هو، الاهي منظوريءَ جي ڇاپ ڏني. قدرن سان گڏوگڏ مختلف رواج اسريا، جن نظرياتي ۽ ثقافتي تنازعن کي جنم ڏنو، جيڪي اڄ ڏينهن تائين جاري و ساري آهن. عظيم مذهبن جي زماني دوران غير معمولي بصيرت وارن ماڻهن طرفان عالمگير قدر نئين سر بيان ڪيا ويا، سنواريا سڌاريا ويا؛ اهڙن سماجن لاءِ جيڪي ان ڏاڪي تائين وڌي چڪا هئا، جتي تهيل تڪيل اخلاقي نظامن کي ڪليل اخلاقي سجاڳيءَ سان وڌيڪ مضبوط ٿيڻو هو. بهرحال قدر ۽ مافوق الفطري عقيدا اڃا تائين زندگي ۽ ڪائنات ڏانهن انسان جي اختيار ڪيل انداز ۾ پاڻ ۾ گڏ اٽيل هئا. ان ڪانپوءِ انسان هاڻوڪي زماني تي پهچون ٿا، جڏهن مافوق الفطري منظوريون ختم ٿي رهيون آهن، ڇاڪاڻ تہ انسانجي اوائلي ابن ڏاڏن وارو خدا، ڪائنات جي حقيقتن سان هاڻي وڌيڪ ٺهڪي. ڇا انسان، اينترن سارن سالن ڪانپوءِ جنهن دوران اخلاقي قدرن کي سڌو آسمان مان لٿل سمجهيو ويندو هو، انهن قدرن جي، زندگي گهارڻ ۽ گڏجي گهارڻ جي اصولن طور، خود پنهنجي لاءِ عزت ڪرڻ سگهي سگهي ٿو؟ اهڙو ڪوبہ سبب ناهي تہ هو ائين ڇو نہ ڪندو. هڪ زماني ۾ سموري زندگيءَ کي هڪ مذهبي پس منظر ۾ ڏٺو ويندو هو. جيڪڏهن فصل تباهہ ٿيندا هئا، تہ اها خدا جي ناراضگيءَ جي نشاني هئي، جيڪڏهن ڪو ماڻهو بيمار ٿي ٿي پيو، تہ ان کي خدائي سزا تصور ڪيو ويندو هو. جيڪڏهن ڪا شئي پڇي پوندي هئي تہ اها واسطيدار روح جي بدخواهيءَ ڪري ائين ٿيندي هئي. گرهڻيون، آسماني بجليون، ٻوڏون ۽ خشڪ ساليون، خدا جي ڪاوڙ جون علامتون هيون.

اڳي جنهن شيءِ کي عمل ۾ مافوق الفطري ڪري ليکيو ويندو هو، هاڻي آهستي آهستي عمل ۾ فطري سمجهيو وڃڻ لڳو آهي. ان وچ ۾ انسان فطرت متعلق ڪافي ڪجهہ سکڻ جي جدوجهد ڪئي آهي، فطري قوتن تي ضابطو حاصل ڪرڻ لاءِ يا گهٽ ۾ گهٽ اينترو علم ڪٺي ڪرڻ جي جدوجهد ڪئي آهي، جو اهو ايندڙ تباهيءَ جو انسان کي اڳواٽ اطلاع ڏئي سگهي. تنهنڪري هاڻي جيڪڏهن فصل

اڃي چڪا آهن. اڪثر ماڻهو ايترا سياڻا آهن جو انهن ڏانهن پنهنجو ڌيان ڏين ٿا ۽ ڪي ته پنهنجي جسمانيءَ شڪل وصورت کي سنهڙو ڪرڻ لاءِ يا پنهنجو رت جو دٻاءُ گهٽ ڪرڻ لاءِ پاڻ مٿان زبردست ضابطو رکن ٿا. ساڳئي نموني هڪ دفعو جڏهن ماڻهن کي اخلاقي اصولن تي ڌيان نه ڏيڻ جي نتيجن جو احساس ٿيندو، پوءِ اهڙن فرض ڪرڻ لاءِ ڪوبه سبب نه بچندو ته اهي زندگيءَ جي هنن اصولن ڏانهن ان کان گهٽ توجه ڏيندا، جيترو هو غذا جي اصولن ڏانهن ڏيندا آهن. ان کان علاوه اڪثر ماڻهو چاهيندا آهن ته ڪين پيار ڪيو وڃي ۽ هو دوست بڻجڻ ۽ مددگار ٿيڻ به پسند ڪندا آهن. ماڻهن اهو سمجهڻ شروع ڪري ڇڏيو آهي ته بغير ڏاهپ جي زندگي گذارڻ پنهنجي سزا پاڻ آڻي ٿي، پوءِ اهو خوراڪ ۾ عادتاً تمام ٿوري سبزي کائڻ هجي يا انساني رشتن جي اخلاقي بنياد کي عادتاً نظرانداز ڪندو رهڻ هجي. اخلاقي قدرن جي نظراندازي آخر ۾ نيٺ ذاتي ٽوڙڦوڙ ڏانهن نه نئي ٿي. ايمانداري، احساسِ ذميواري ۽ انساني اُوني کان وانجهيل هڪ فرد ٻين ماڻهن کي پاڻ کان پري ڀڄائي ڇڏيندو آهي ۽ خود تنها رهجي ويندو آهي، جيڪا ڳالهه نفسياتي طور تباهه ڪن هوندي آهي.

ظالم حڪمران جيڪي اخلاقي قدرن کي اهميت نه ڏيندا آهن، جيڪڏهن اهي واقعي ۾ ڇريا نه ٿيندا آهن ته سندن آخري انجام مصيبت زده اڪيلن ذليل ماڻهن طور ٿي نڪرندو آهي.اخلاقي برابريءَ جو هڪ ٻيو پهلو به آهي، جنهن کي ماڻهو عملي طرح معقول سمجهي سگهن ٿا. هرشيءَ انهن قانون موجب ڪم ڪري ٿي، جيڪي خود ان شيءَ جي هستيءَ مٿان ضابطو رکندا آهن. انهن قانونن جي ڀڃڪڙي ڪرڻ جو مطلب ذاتي آزادي ماڻڻ نه هوندو آهي پر ان کي وڃائڻ هوندو آهي. ميري پارڪر فوليٽ، جنهن هن صديءَ جي اوائلي سالن ۾ صنعتي انتظاميه کي انسان دوست بڻائڻ لاءِ گهڻو ڪجهه ڪم ڪيو اڪثر، "صورتحال جي قانون" (Law of the Situation) تي زور ڀريندي هئي، جيڪڏهن ڪنهن به صورتحال ۾ ماڻهو اهو تجزيو ڪري ته قانون ڪهڙا آهن ۽ انهن جو صحيح صحيح خيال ڪري، ته معاملا سڌي نموني هلندا. يعني ماڻهو فطرت سان هم آهنگيءَ ۾ ڪم ڪندو، انهن قانونن کي نظر انداز ڪرڻ ۽ پوءِ هر قسم جو مسئلو ترقيءَ کي روڪيندو. واقعاتي اخلاقيات کي اخلاقي نسبتيت (Relativism) سان منجهائڻ نه گهرجي، جنهن جو مطلب اهو هوندو آهي ته "توهان اهو ڪيو جو توهان کي پسند هجي، جيڪڏهن توهان ڪامياب ٿيڻ چاهيو ٿا."

واقعاتي (Situational) اخلاقيات چاڻ، شعور، احساس، تصور ۽ خود ضابطگي گهرندي آهي. اخلاقي اصول پوءِ موثر رهڻيءَ لاءِ هڪ بنياد بڻجي وڃن ٿا، جيڪي اسان جي اصلي انساني صورتحال جي هڪ سجاڳ سمجهاڻيءَ تي ٻڌل هوندا آهن. انهن اصولن کي انساني زندگيءَ جي قانون طور مانُ ڏيڻو آهي. ان مان

اهو ثابت ٿئي ٿو تہ ماڻهن کي اخلاقي طور بااحساس بڻائڻ لاءِ همٿائڻ، تعليم جو هڪ مسئلو وڏيڪ آهي، بنسبت هنن ۾ الاهي منظورين جو خوف داخل ڪرڻ جي.

جيئن ڪتاب "وڪيڊنيس" (1984) ۾ ميري مجلي زور ڀريو آهي تہ اخلاقي هلت چلت گهٽي پاڳي اسانجي پيدائشي طور موجود محرڪن کي سمجهڻ ۽ انهن کي خود پنهنجي ۽ ٻين جي ڀلي لاءِ استعمال ڪرڻ سگهڻ جو نتيجو آهي. اخلاقي اصول هن عمل کي هڪ بناوت ڏين ٿا.

## نوان عالمگير قدر

اسان کي هڪ وک اڳتي کڻڻي آهي. انسان پنهنجي ارتقا جي اوائلي ڏينهن ۾ جيڪي اخلاقي قدر دريافت ڪيا، جن جي بعد ۾ عظيم مذهبن تصديق ڪئي ۽ کين چٽو ڪيو، اجا تائين ذاتي ۽ سماجي زندگيءَ ۾ مرڪزي حيثيت وارا رن ٿا. پوءِ بہ اجوڪو انسان اهڙن مسئلن ۾ ڦاٿل آهي جن جو ماضيءَ ۾ڪو وهم گمان بہ نہ هو. ڏهن احڪامن ۾، يا ماضيءَ جي ٻين اخلاقي سرشتن (Codes) ۾ اهڙي ڪابہ شيءِ ڪانهي، جيڪا اسانکي انهن مسئلن ۾ مدد ڪري، جيڪي اڄ اسانکي درپيش آهن. حد ڪان وڌيڪ آدمشماري، قريبي وسنديبن جو خاتمو، سياري جي طبعي لتمار، حياتياتي ٽيڪنالاجي جي اخلاقيات يا عورتن جي مقام ۽ حصي کي وڌائڻ جي ضرورت ... اهي انهن مسئلن مان رڳو چند آهن، جن کي اسانکي منهن ڏيڻو آهي. اسان اڄ هڪ نازڪ دنيائي صورتحال ۾ آهيون، جيڪا ان سان منهن ڏيڻ لاءِ عالمگير اخلاقي اصولن جو هڪ وڌيڪ شعور ۽ وڌيڪ ڦهلاءُ گهري ٿي. اسان کي دنيا لاءِ هڪ اخلاقي اتفاقِ راءِ گهرجي.

## انساني قدرن جو هڪ عالمي پڌرنامو

هن نئين نقطہ نظر ۾ شريڪ ٿيڻ سان ئي اسان ان اخلاقي بدحاليءَ کان مٿي اڀري سگهون ٿا، جنهن جو هن باب جي شروعات ۾ حوالو ڏنو ويو هو. پر البت اسانجي اخلاقيات تي ڀيهر سوچ ويچار ڪرڻ کان وڌيڪ ڪم گهربل آهي. اسانجا اجوڪا اخلاقي مسئلا اسانجي دنيا کي هاڻي درپيش تبديليءَ جي مسئلن کي منهن ڏيڻ واري ڪوشش جو صرف هڪ ٽڪرو آهن. انهن مسئلن کي ڪيئن منهن ڏجي، ان تي اسان ايندڙ باب ۾ غور ڪنداسون.

سموريون علامتون دور ٿي ويندڀون آهن. تنهنڪري اسانجو پهريون ڪم انهن مک مسئلن (Key Issues) کي ڳولي لهڻ آهي، جن ذريعي اسان ڪيترن ئي مسئلن کي هڪدم صاف ڪري سگهون ٿا ۽ هڪ بيمار دنيا جي صحت ۽ توانائي بحال ڪري سگهون ٿا. هي هڪ اهم قدم آهي، ڇاڪاڻ ته عالمي مسئلن ڏانهن هاڻوڪو انداز انهن کي ذرا ذرا ڪري منهن ڏيڻ ۾ آهي.

دنيا ۾ هتي يا هتي هڪ يا ٻئي مسئلي مٿان وڏيون وڏيون ڪانفرنسون ڪوٺايون وڃن ٿيون. بحث مباحثن ۾ ڏينهن گذري وڃن ٿا ۽ پوءِ شرڪت ڪندڙ پنهنجي پنهنجي گهر پيڙا ٿين ٿا، ٿورڙي يا ڪنهن به شيءِ حاصل ڪرڻ کان سواءِ ۽ هر ڪو هڪ وڏيڪ ناڪاميءَ کان دل برداشته ٿي وڃي ٿو.

دنيا جي هاڻوڪي بحران ۾ بنيادي مسئلا ڪهڙا آهن؟ اچو ته اسان هڪ مختصر ايجنڊا سان شروعات ڪريون، جنهن کي هن دنيا جي آئيندي بابت سڏايل ڪانفرنس اڳيان پيش ڪري سگهجي ٿو، جيڪڏهن ڪڏهن ڪا اهڙي ڪانفرنس ڪوٺائي وڃي.ايجنڊا ڪجهه هن طرح جي هوندي:

## ايجنڊا

1. دنيا ۾ هٿيارن کي روڪڻ ۽ گهٽائڻ.
2. دنيا مان غربت جو خاتمو ڪرڻ.
3. هڪ اهڙو اقتصادي نظام نافذ ڪرڻ جيڪو جديد دنيا لاءِ موزون هجي.
4. عالمي افراطِ زر جو علاج ڪرڻ.
5. سياري ڌرتيءَ ۾ ان جي فطري وسيلن جو تحفظ.
6. آلودگيءَ تي ضابطو آڻڻ.
7. رڻ پٽ ۾ ڪاڇي ويل خشڪ علائقن کي پنهنجو ڪرڻ.
8. غذا ۽ ٻين وسيلن جي مساوي ورهاست کي يقيني بنائڻ.
9. سڄي دنيا ۾ صاف پاڻيءَ جي فراهمي.
10. بنيادي انساني حق ۽ آزاديون برقرار رکڻ.
11. تعليم جو معيار وڌائڻ.
12. هر ماڻهوءَ لاءِ سٺو گهر فراهم ڪرڻ.
13. طبي سهولت جو معيار وڌائڻ.
14. ٻارن ۽ پوڙهن جي سار سنڀال يقيني بنائڻ.

عالمي صحت تنظيم (WHO) ڪيترائي سال اڳ دوائن جي معيار جي يڪسانيت حاصل ڪئي آهي، ته جيئن دنيا ۾ ڪٿي به لکيو ويندڙ هڪ نسخو، دنيا ۾ ٻئي ڪهڙي به هنڌ جتي هڪ منظور ٿيل فارميسي موجود هجي، بلڪل صحيح نموني ناهيو وڃي. هي رڳو ٿورڙا مثال آهن، تعاون جي ان قسم جا جيڪو اڳوات ئي موجود آهي، جنهن کي ٻين ميدانن ۾ ڦهلائڻ جي، مستقبل جي دنيا کي ضرورت پوندي، جيئن خلائي تحقيق ۽ طلب جي خاتمي ۾. تعاون نه رڳو ڪارائتو ۽ پيداواري آهي، پر اهو ڇڪتاڻ کي به ختم ڪري ٿو. شايد مشرق مغرب وچ ۾ موجود ڇڪتاڻ کي حل ڪرڻ جو بهترين طريقو اهو نه آهي ته اسلحو ختم ڪرڻ جي ڪانفرنس ۾ هوشيار عملو موڪلجي جيڪو بحث ۾ هڪ ٻئي کان گوءِ کٽڻ جي ڪوشش ڪندو هجي، پر اهي رستا ڳولڻ ۾ آهي، جن ۾ عالمي قوتون هڪ ٻئي سان تعاون ڪري سگهن. هن رخ ۾ ڪابه ترقي تعلقات کي عمومي طور تي ڪير ڪند بڻائڻ ۾ مدد ڪندي . تعاون جي هجڻ سان ماڻهن جي دل هميشه وڏي ٿيندي آهي، جڏهن ته شديد ڇتاپيتي ماڻهن کي مايوس ڪندي آهي.

سهڪاري عالمي منصوبا ، جيڪي پنهنجي اندر فائدي وارا ٿين ٿا ، انهن ماڻهن کي متبادل روزگار پڻ فراهم ڪندا ، جيڪي هاڻي اسلحه سازيءَ جي صنعت سان لاڳاپيل آهن. اهڙو سهڪار انساني هوش مندي آهي، جڏهن ته هٿيارن جي ڇتاپيتيءَ واري ڊوڙ انساني چريائپ آهي. اسان چريائپ کان هوش منديءَ ڏانهن اچي سگهون ٿا ، جيئن ئي ڪا اڳواڻ قوم ، هن رخ ۾ هڪ مثبت منصوبو ۽ هڪ مثبت قدم کڻندي.

سهڪار کان انڪار ڪرڻ ۾ ڪو به تڪ نه آهي. غريب علائقن ۾ زندگيءَ جو معيار وڌائڻ سان، شاهوڪار قومون پنهنجين شين لاءِ نوان مارڪيٽ قائم ڪنديون. هيءَ ڳالهه صنعت کي بحيثيت مجموعي هڪ اتساهه ڏيندي. بهتر نموني تشڪيل ڪيل سهڪار هميشه فائدو ڦهلائيندو آهي. اهو مستقبل لاءِ هڪ منطقي انداز آهي. ڇتاپيتي جڏهن اها حد کان وڌيڪ نه هجي، هڪ اتساهه ٿي سگهي ٿي پر اهو سهڪار ئي آهي جيڪو ڪمن کي هلائي ٿو.

## (2) اڪثريت جي اقتصاديات

مثبت تبديليءَ کي هٿي ڏيڻ جو مکيه عنصر، هڪ نئين اقتصادي نظام جي تخليق آهي. بلڪل ويجهڙائيءَ تائين دنيا ۾ کاڌي، ڪپڙن، گهرن ۽ ضرورت جي ٻين شين جو مقدار ذرتيءَ تي رهندڙ انسانن لاءِ حقيقت ۾ يا امڪاني طور ايترو ڪافي ناهي، جو ان مان گذارو ٿي سگهي. گذريل صديءَ ۾ مالٿس جهڙن مايوس

صورت ۾ چا پيش ڪري ٿي، جي وچ ۾ هڪ اڻ ڪٿ گڏ ٻڙ ڏانهن پڻ وڃي ٿي. هر ميان پارڪر پنهنجي تحقيقي رپورٽ، "ائڪشن آن ويلفيئر" (1984) ۾ برطانيه جي حالت جو هيٺين تت ڪڍي ٿو." برطانوي ٽئڪس ڏيندڙ، 70 هزار سول سرونٽس کي انڪم ٽئڪس ۽ قومي انشورنس جو حصو اڳاڙڻ لاءِ پگهار ڏني رهيو آهي، ۽ وڌيڪ 90 هزار سول سرونٽس کي ان رقم جو 70 سيڪڙو فائدن جي صورت ۾ واپس ڪرڻ لاءِ پگهار ڏني رهيو آهي. "هن صورتحال جو حل هڪ اهڙي اسڪيم جي ڳولا آهي جيڪا تنگائي خلاف تحفظ مهيا ڪري، هر ماڻهوءَ کي هڪ ننڍي آمدني، بطور هڪ حق جي، مهيا ڪري ۽ ٽئڪس اڳاڙي ۽ فائدن جي رقمن کي هڪ واحد هم آهنگ سرشتي ۾ ڪٺو ڪري. اهڙو هڪ نظام بيبن ڳالهين سان گڏ، بيروزگاريءَ جي مسئلي کي منهن ڏيڻ لاءِ ڪم جي ورهاست کي هڪ وڌيڪ قابل عمل منصوبو بڻائي ڇڏيندو. ڪيترائي تحقيقي گروپ سماجي تحفظ لاءِ هڪ بنيادي آمدنيءَ جي طريقي جي تفصيلن مٿان ڪم ڪري رهيا آهن. جهڙوڪ بنيادي آمدني تحقيقاتي گروپ جنهن جي ڪم جو تفصيل پيٽر ايشبي طرفان "سوشل سيڪيورٽي آفٽر بيورج ــــ واٽ نيڪسٽ ؟" (1984) ۾ ڏنو ويو آهي.

هر مرد، عورت ۽ ٻار لاءِ هڪ عالمگير بنيادي آمدني مهيا ڪري ڏيڻ جي قيمت ان ڪان ڪافي گهٽ آهي، جيتري هوندين فرض ڪري سگهجي ٿي. هرميان پارڪر اهو حساب ڪتاب لڳايو آهي ته بنيادي آمدني گارنٽي اسڪيم (بي آءِ جي) هيٺين ڇيڙي مٿان 40 سيڪڙو (سراسري ڪمائيءَ جو 45 سيڪڙو) سڌي ٽئڪس لاڳو ڪرڻ سان ۽ مٿيين ڇيڙي مٿان 60 سيڪڙو (سراسري ڪمائيءَ جي ڇوڻ ) سڌي ٽئڪس لاڳو ڪرڻ سان هلائي سگهجي ٿي. سموري آباديءَ ۾ آمدني ڦهلائي ڇڏڻ سان ڪيٽ جي طلب جي هڪ اوچي سطح حاصل ڪرڻ يقيني ٿي ويندي ۽ اها وري، معيشيت کي اُتسا هيندي، ملڪ اندر ۽ ملڪ کان ٻاهر ٻه. جيئن اڳ ٻه اها ڳالهه نوٽ ڪئي وئي آهي ته ڪاڏي يا شين جي ڪوٽ هاڻي وڌيڪ اسانجي مقدر ۾ لکيل نه آهي، اهي لڳ ڀڳ بي حد انداز ۾ پيدا ڪري سگهجن ٿيون، موجوده قلتون ورهاست ۽ ڪيٽ ۾ آهن. مغرب ۾ نوجوان ماڻهن اڳ ئي اهو سوچڻ شروع ڪري ڇڏيو آهي ته زندگي ذاتي حاصلات جو موقعو آهي، نه ڪ وڏ ۾ وڏ دولت ۽ رتبو حاصل ڪرڻ جو هڪ موقعو آهي.رٿيل بنيادي آمدني اسڪيم تحت هڪ ماڻهوءَ وٽ اهي انتخاب موجود هوندا ته بنيادي آمدنيءَ تي گذاري خاطر ٿورڙي وقت لاءِ نوڪري ڪجي ۽ بيو وقت ذاتي يا اجتماعي ڏنڌي کي فروغ ڏيڻ ۾ استعمال ڪجي يا ڪل وقت نوڪري ڪجي. اهڙا امڪاني اختيار هجڻ معنيٰ ذاتي نشو ونما لاءِ هڪ قسم جي آزادي مهيا ڪرڻ آهي، جنهن جو جديد نوجوان ماڻهو آڌرياءُ ڪندا. ڪي ماڻهو ته اڳي ئي موجوده صورت حال کي زندگي گهارڻ جي هن انداز جهڙو ڪرڻ جو رستو اختيار ڪري رهيا آهن. اهي زندگيءَ جي اعليٰ مادي

معيار جي فائدن کي، هو پنهنجين زندگين سان حقيقت ۾ چا ڪرڻ چاهين ٿا، سان متوازن ڪن ٿا. پوءِ انهن لڳي ٿو جڻ بنيادي آمدني وارو تصور ترقي يافتہ قومن ۾ ۽ آخرڪار سڄي دنيا ۾ نئين اقتصادي نظام جو هڪ حصو بڻجي ويندو. هڪ دفعو وري اسان موزون حلن جو گهڻ طرفو نتيجو ڏسون ٿا. اڪثريت جي هڪ امڪاني دنيا لاءِ موزون هڪ اقتصادي نظام، اڪثريت کي آزاد ڪندو، ڪپائينڊڙ ماڻهوءَ جي طاقت کي، استعمال لاءِ آزاد ڪندو، بيروزگاريءَ جي سور ۽ داغن کي ختم ڪندو، قومن جي وچ ۾ موجود خوف ۽ حسد کي گهٽائيندو ۽ هر ماڻهوءَ کي هڪ باعزت اقتصادي تحفظ فراهم ڪندي، فردن جي آزاديءَ کي تمام گهڻو وڌائي ڇڏيندو تہ جيئن اهي پنهنجيون زندگيون پنهنجي انداز ۾ جي سگهن.

## (3) ڌرتيءَ جو خيال ڪرڻ

اسان کي وراثت ۾ هڪ خوبصورت دنيا ملي آهي، ان اسانکي بطور هڪ حيواني جنس (Species) جي وجود ۾ آندو آهي ۽ هنن سمورن سالن دوران اسانکي تاتيو آهي. پر هاڻي اسان ان جي وسيلن جو استحصال ڪري رهيا آهيون ۽ ان جي خوبصورتيءَ کي تباھ ڪري رهيا آهيون. ان جي زمين قيمتي آهي، اسان ان کي آلودگين سان قتل ڪري رهيا آهيون. ان جي هوا قيمتي آهي، اسان ان کي زهريلو بڻائي رهيا آهيون، ان کي مختلف صنعتي خارجي موادن سان ڏنڌلو ڪري رهيا آهيون؛ ان جي زندگي قيمتي آهي، اسان ان جي جانورن، ٻوٽن ۽ انهن جي رهائشن کي صفحہ هستيءَ تان مٽائي رهيا آهيون. آدمشماريءَ جي ڦهلاءَ ۽ شهر پسندي، فصل پوکڻ جي مطالبن ۽ نفعي لاءِ حد کان وڌيڪ فڪر، انهن سڀني گڏجي، اسان ۽ فطري نظام وچ ۾ جُڳن کان موجود اهم بقاءُ باهمي کي ٽوڙي ڇڏيو آهي. ڌرتيءَ لاءِ حقيقي عزت، ڌرتيءَ جي سڀ کان وڌيڪ دٻاءُ وجهندڙ مسئلن مان ڪيترن جا حل فراهم ڪري ڏيندي.

## (4) سخت مرداڻي قدرن کي ختم ڪرڻ

جارح، پنهنجي مرضي مڃائڻ واري غالب پوندڙ مرد، مقابلي بازي، فتح، رتبي ۽ خود نمائيءَ لاءِ پنهنجي ضرورت کان تمام گهڻي سرسي ۽ توانائي فراهم ڪئي آهي، جنهن دنيا کي اتي آڻي بيهاريو آهي جتي اها اڄ آهي.هاڻي بهر حال

هي خاصيتون مدي خارج ۽ خطرناڪ آهن. ان وقت جڏهن آمريڪي شهري پنهنجن پٽن ۽ مڙسن کي ويتنام مان واپس گهرائڻ جي ڪوشش ڪري رهيا هئا، تڏهن گهڻ نعرن مان هڪ نعرو هي هو: "زندگيون بچايو نہ ڪ چهرا " اهو مٿيئن ڳالهہ کي ٿورن لفظن ۾ بيان ڪري ٿو . بي لغام مرداڻو غلبو ڪنهن بہ حد تائين وڃي سگهي ٿو. اهو رتبي ۽ اقتدار کي پوڄيندو آهي ۽ اهي عزت ڏيڻ لائق شيون نہ آهن.

بهرحال ڪجهہ نوجوانن اندر، پنهنجي مرضي مڃائڻ واري نر، پنهنجو سحر وڃائڻ شروع ڪري ڇڏيو آهي. اهڙو معاشرو جيڪو اڃا تائين مردن جي حڪمرانيءَ هيٺ آهي، اڳواڻيءَ جي حيثيتن تائين اهڙن فردن کي اڳتي ڪرڻ چاهي ٿو، جيڪي خاص طور تي غالب پوڻ جي خاصيت سان وڌ ۾ وڌ نوازيل ٿين ٿا. اهڙا ماڻهو فوج ۾ بہ اعليٰ مقام حاصل ڪري سگهن ٿا. خوشقسمتيءَ سان، ان ۾ ڪي مستثنائون آهن پر ان جو رجحان ۽ خطرو موجود آهي. وڏي پشماني تي عزت بچائڻ. جديد دنيا ۾ تباهيءَ جو هڪ نسخو آهي.

جيڪڏهن اسان، فضول قبضہ گير فوجي ليڊرن جي اقتدار تائين مٿي پهچڻ وڃڻ جي خطري ۾ هڪ وڌيڪ ٻيو خطرو شامل ڪريون يعني اهو تہ ائٽمي هٿيار آهستي آهستي سڄي دنيا ۾ ڦهلجي رهيا آهن. ان صورتحال ۾ اسان اهو ڏسي سگهون ٿا تہ سخت مرداڻي لڙائي پٽي کي اقتدار جي ايوانن ۾ ڇڏڻ ڪيترو نہ خطرناڪ ثابت ٿي سگهي ٿو. ان جو مطلب البت هي ناهي تہ مردن کي بحيثيت مجموعي انساني بقا جي هڪ شرط طور اقتدار تان هيٺ لهڻو پوندو. خوشقسمتيءَ سان هر فرد مرداڻي ۽ عورتاڻي خاصيتن جو هڪ مرڪب ٿئي ٿو. اسان کي مستقبل لاءِ اهو ڪرڻ گهربو آهي تہ ٻنهي جنسن جي انهن ماڻهن کي اڳيان آڻيون، جيڪي روايتي طورعورتن ڏانهن منسوب ڪيل تعميري لياقتن سان سٺي نموني نوازيل هجن ـــ احساس، شائستگي، سار سنڀال، بچائي رکڻ، انساني سمجهہ جي ڦڙتي، ذاتي تعلقات ۾ هوشياري، زندگيءَ جو اقرار. دنيا کي خاص طور تي جيڪا عورت گهرجي سا اها اقتدار جي ڪرسيءَ تي اڪيلي ويٺل اقتدار جو ڪردار مرداڻي انداز ۾ ڪيڏندڙ مرداڻي سان گڏ اتفاقي عورت نہ آهي، پر معاشري جي فيصلہ ڪن جوڙجڪن ۾ هر هنڌ موجود اهي ڪثير عورتون آهن، جيڪي معاملن کي هڪ نئين انداز ۾ هلائينديون. هيءَ تبديلي ڳنڍيل آهي وڌيڪ سهڪار ڏانهن، هڪ انساني اقتصادي نظام ڏانهن ۽ زندگيءَ ۽ سڀاري ڌرتيءَ جي عزت ڪرڻ ڏانهن ضروري چرپر سان.

جهموري ليڊر بحث مباحثي جي آجيان ڪندو آهي ۽ متفقہ راءِ ۽ گڏيل مقصد حاصل ڪرڻ ذريعي پنهنجي طاقت ماڻيندو آهي. قيادت جي انهن ٻنهي قسمن جو هيٺين ريت اختصار پيش ڪري سگهجي ٿو.

## آپيشاهاڻي انداز جا تصور

ٻاليءَ عملدارن جي اڻ سواليہ اطاعت کي فرض سمجهيو ويندو آهي.
ڏڙي سان سهمت رهبو آهي.
رياست جون ضرورتون فرد جي ضرورتن کان مٿاهيون ليکيون ويندڀون آهن.
فرد کي عزت نہ ڏني ويندي آهي.
معاملن جو سخت موروثي انداز ۾ انتظام هلايو ويندو آهي.
سختيءَ سان مڙهيل سهڪار
اصول تي ڄاڻ گهٽ ۾ گهٽ مهيا ڪيل.
سجاڳيءَ کي دلشڪستو ڪرڻ.
هٿ چراند ڪيل ۽ ضابطي ۾ ڪيل ذريعہ ابلاغ
تخليقيت رياست طرفان سندس مقصدن کي پورو ڪرڻ لاءِ، قبضي هيٺ آيل وغيره.

## جهموري انداز جا تصور

تعميري تنقيد کي همٿايو ويندو آهي.
تنقيدي سوچ کي وڏو مانُ ويندو آهي.
ڏڙي سان سهمت نہ رهندڙن کي بہ برداشت ڪيو ويندو آهي.
رياست کي فردن جي ضرورتن جي پوئواري ڪرڻ لاءِ موجود سمجهيو ويندو آهي.
فرد جي عزت ڪئي ويندي آهي.
معاملن جو وڌ ۾ وڌ شراڪتي انداز ۾ انتظام هلايو ويندو آهي.
سهڪار بطور گڏيل مقصدن تي ٻيڌل هڪ آزاد مرضي.
ڄاڻ/ معلومات جو وڌ ۾ وڌ ڦهلاءُ.

۾ هرشيءِ تمام گهڻي پرسڪون ۽ ملنسار هوندي آهي، جڏهن ته ان معاشري ۾ فردن لاءِ خود ارادیت مشترڪ جماعتي سرگرمين جي انداز ۾ جهڙوڪ کائڻ پيئڻ ۽ صفائي ڪرڻ ۾، هلت چلت جو هڪ مجيل طور طريقو هوندو آهي.

چمپينزي بهرحال پنهنجي هلت چلت ۾ مڪمل طور تي شريف نه هوندا آهن. انهن جا نر خاص طور تي رتبي جا تمام گهڻو بکيا هوندا آهن ۽ پنهنجن قريبي حريفن کان گوءِ کٽي وڃڻ يا شوبازيءَ ۾ کانئن اڳتي نڪري وڃڻ جي اڪثر ڪوشش ڪندا رهندا آهن. ڪڏهن ڪڏهن چمپينزي ايترا ته پر تشدد ٿي ويندا آهن، جو هو قاتل به بڻجي ويندا آهن. ۽ سندن هڪ ٽولو، ٻئي ٽولي کي پنهنجي علائقي مان بي درديءَ سان ٻاهر ڀڄائي ڪڍندو آهي، پوءِ به، جيئن جين گُڊال، گومبي نيشنل پارڪ، تنزانيا جي پنهنجي 25 سالن جي تحقيق ۾ اهو ڏيکاري چڪيو آهي ته چمپينزي معاشرو آپيشاهاڻي بن مانس معاشري جي ڀيٽ ۾ عام طور تي پرامن، سهپ وارو ۽ معمولي قيادت هيٺ هوندو آهي. ڇاڪاڻ ته انساني معاشري کي قيادت جي ٻنهي طرزن .... آپيشاهاڻي ۽ جمهوري، جون خاصيتون غالباً وراثت ۾ مليل هجن ٿيون، ان ڪري اهو جنهن طرز کي ترجيح ڏئي، اها چوندي سگهي ٿو. اهي ليڊر جيڪي تاريخ جي ڪتابن جا ورق جوڙن ٿا، ٻنهي طرزن جي قيادت مان اچن ٿا. سماجي فقرن ۾ ايگونڪ معنيٰ آپيشاهاڻي رياست، هيڊانڪ معنيٰ جمهوريت. جيڪڏهن اسان جمهوري انداز جو انتخاب ڪريون ٿا ته پوءِ اسانکي خود پسند آپيشاهاڻين شخصيتن کي ڳولي لهڻ لاءِ هڪ تيزنگاهه پئدا ڪرڻي پوندي ته جيئن ان ڳالهه جي پڪ ٿيئي ته اهي ضابطي هيٺ رکيل آهن.
مسئلن کي گهٽائڻ ۾ ليڊرن جو مرڪزي ڪردار اڪثر ماڻهن جي تجربي ۾ آهي. هڪ صنعت يا هڪ اسڪول يا هڪ آفيس يا هڪ فوج، جيڪا مسئلن جي ڄار ۾ ڦاٿل هوندي آهي، هڪ متحد، مؤثر ۽ خوشحال برادريءَ ۾ معجزانه تيزيءَ سان تبديل ڪري سگهجي ٿي، جڏهن هڪ نسبتاً نااهل ليڊر کي هڪ سٺي ليڊر سان بدلايو ويندو آهي. گذريل جنگ ۾ اتر آفريڪا ۾ جنرل مونٽگمري جي آمد هڪ اهڙو مثال آهي. برطانوي فوج ۾ هڪ نئون ولولو ۽ اعتماد پئدا ٿي ويو ۽ هنن لاءِ هرشيءِ جڻ ممڪن ٿي وئي؛ ان جي ابتڙ عمل به بدقسمتيءَ سان اوترو ئي تڪڙو ٿئي ٿو.

## (6) تخليقي معاشرو

موجوده ٽٽل ۽ دٻاءَ ۾ ورتل دنيا کان هڪ هم آهنگ ۽ پيداواري مستقبل ڏانهن سفر، انساني تخليقيت جو وڏ ۾ وڏ تحرڪ گهرندو. ماضيءَ ۾ اها ڳالهه رڳو

نظام، جڏهن ايمانداراڻه طور تي ورهايل جاڻ تي ٻيهاريل هوندو آهي، ايترو ته جيترو جاڳندو ۽ مڪمل هوندو آهي، جو مسئلن جي رنڊڪائو ٻڌڻ کان اڳ انهن کي حل ڪري سگهبو آهي. اڄ دنيا ۾ هڪ شيءِ جيڪا غلط آهي، اها هيءَ آهي ته تمام گهڻا مسئلا، تنظيم جي سموربن سطحن تي تمام گهڻي دير تائين سڙندي پچرندي ڇڏيا وڃن ٿا، اڪثر ڪري هڪ رازداريءَ واري فضا ۾، جيڪو عمل ڏوڪي ۽ بدعنوانيءَ کي همٿائيندو آهي. مؤثر شرڪت، ورهايل جاڻ ۽ بنا رڪاوٽ موٽ پيغام، اِن سڀني ڪم کي درست ڪري سگهن ٿا. انهن وسيلن معرفت ٿي انساني ذاتن ۽ خيالن جي شاهوڪار قسمن کي، گڏيل مقصدن جي واڌاري ۾ تخليقي تبديليءَ لاءِ تحرڪ ۾ آڻي سگهجي ٿو.

# مستقبل ڏانهن

هن باب اسانجي زندگيءَ جي طريقي لاءِ مڪيه مطابقتن مان ڪن ڏانهن اشارو ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي، جيڪي انسانذات لاءِ هڪ وڌيڪ هم آهنگ ۽ پئداواري مستقبل حاصل ڪرڻ واسطي ضروري آهن. يعني عالمي ٻڌي پئدا ڪرڻ لاءِ وڌايل سهڪار، اڪثريت جي معشيت واري نظام ڏانهن تبديلي، پنهنجي سياري جي سار سنڀال ڪرڻ، وڌيڪ حساس، وڌيڪ تعميري، عورتاڻن قدرن جي حق ۾ روايتي، شوباز، مرداڻي قدرن کي پاسي ڪري ڇڏڻ، ليڊرن جي چونڊ ۾ وڌيڪ محتاط ٿيڻ، ۽ هڪ ڪليل معاشري اندر سماجي تنظيم جا نندا، شراڪتي قسم قائم ڪرڻ، عالمي ترقي ۽ انساني برادريءَ جي هر رڪن لاءِ هڪ مددگار، همٿائيندڙ فضا کي يقيني بنائڻ لاءِ اهي ئي شرط آهن.

اهو پڇي سگهجي ٿو ته موجوده نفسانفسيءَ واري ماحول ۾ هڪ فرد مٿيون مقصد حاصل ڪرڻ لاءِ ڇاڪري سگهي ٿو؟ ان جو جواب هي آهي ته هر ماڻهو جيڪو پنهنجو ذهن صحيح انتخابن ڪرڻ ڏانهن موڙي ٿو ۽ انهن جي حمايت ڪرڻ لاءِ جڏهن به ممڪن ٿئي ٿو، چر پر ڪري ٿو، دراصل انهن انتخابن کي حقيقي بڻائڻ ۾ مدد ڪري ٿو. ان کان علاوه ارتقائي اؤسر جي ڏاري ۾ شامل ماڻهن جو جيترو انگ وڌيڪ ٿيندو، اوترو هيءَ دنيا تبديليءَ جي جهٽڪن کي هڪ نئين هم آهنگيءَ ۽ پائيداريءَ ۾ بدلائي ڇڏڻ لاءِ بهتر تيار ٿيل هوندي، جڏهن اهي ايندا. مستقبل هر ماڻهوءَ جي ذميواري آهي ۽ اسان ان جي موزون شڪل ڏسڻ شروع ڪئي آهي.

# حصو ٻيو

هن ڪتاب جو پهريون حصو انسان جي حالت جي ان عمومي تناظر کي ظاهر ڪرڻ ڏانهن وقف ٿيل آهي، جنهن ۾ هو هڪ مداخلت ڪندڙ خدا تي ڀاڙڻ کان مٿي گذري رهيو آهي. ڪتاب جو ٻيو حصو، هن نئين صورتحال ۾ ذاتي نقطہ نظر، بصيرتن، لاڙن ۽ واڌ ويجهہ تي غور ڪندو.

# ڪائنات ۾ اڪيلو انسان

"سمنڊ جي ڪناري تي مان سڄي دنيا مان اڪيلو بيٺو آهيان ۽ سوچيان ٿو، محبت ۽ مشهوريءَ ڪان اڻ هوند تائين سڀ ڪجهه ضرور ٻڏي ٿو"
ڪيٽس

اسان سڀني لاءِ هيءَ هڪ غير معمولي صورتحال آهي. هتي پٽڪڙو مان آهيان، هتي پٽڪڙو تون آهين ۽ هتي پوٽا پنج ارب ٻيا ماڻهو آهن ۽ انهن ڪان مٿي ٻاهر نرالي، اڻ مٿي وسعت واري هڪ ڪائنات موجود آهي. هن سياري ڌرتيءَ مٿان اسان وٽ، هن سموري ماندان جو ڪو مطلب ڪيڻ لاءِ ۽ پنهنجين زندگين جو ڪو مطلب ڪيڻ لاءِ وڌ ۾ وڌ ستر سال يا ان ڪان ٿورو مٿي جو مدو آهي. اهڙي صورتحال ۾ هڪ پيار ڪندڙ، مٿان نظر رکندڙ خدا جو تصور پرڪشش ۽ آرامده آهي پر جيڪڏهن اهڙو خدا قابل عمل نہ هجي تہ پوءِ ڇا ڪجي؟ پوءِ اسان ڪي پنهنجو پاڻ هن وسعت سان ڪيئن ڳنڍڻو آهي؟

## مان ڇا آهيان؟

اسان مان هرڪو ڪائنات جي زندگيءَ جي سازو سامان جو هڪ حصو آهي، جنهن کي انساني شخصيت جي روپ ۾ ڪم ۽ شعور جي هاٿوڪي سطح تائين پهچائڻ ۾ ٽن ارب سالن کان وڌيڪ عرصو لڳو آهي. اسان مان هرڪو ان حقيقت جو ثبوت آهي تہ زندگيءَ جو مکيہ عجوبو ۽ اسرار ــــ صورت (Form) يعني جُزن جي نمايان ڪُلن ۾ لطيف ترتيب، ۾ ني سمايل ٿئي ٿو. جن جُزن جا اسان نهيل آهيون، اهي بلڪل بہ غير معمولي نہ آهن. ڪُل، مربوط زندگي بخش ڪارڪردگيءَ جو حيرت انگيز نمونو آهي. اسان جا سمورا جسم ۽ دماغ، چند ڊالرن جي قيمت جي عام عنصرن جا نهيل آهن: آڪسيجن، هائڊروجن، نائٽروجن، ڪاربان واڌو هڪ مرغيءَ جي ڪُڏ کي چونو لڳائڻ جيترو ڪئلشم، بہ انچ ڪوڪو ناهڻ جيترو لوهہ، ماچيس جي چند تيلين ناهڻ جيترو فاسفورس، ڇچڙن سان

جيڪي اسان وراثت ۾ حاصل ڪيون هونديون آهن. اسان هيءَ پنهنجو پاڻ ٻڌڻ جي جستجو، سڄي حياتي، ڪجهہ لاشعوري طور ۽ ڪجهہ شعوري طور جاري رکون ٿا. بهرحال اسان پنهنجين هستين ۾، جيڪي مثالي طور اسان جون و ڏ ۾ وڏ موثر ۽ مڪمل هستيون هونديون آهن، خود پنهنجي طرفان وڌي نہ ٿا سگهون. اسان، جو ڪجهہ اسان کان ٻاهر موجود آهي يعني غيرحياتي ۽ حياتياتي دنيا، جيڪا اسان جو آشيانو آهي، سان ٻاهمي عمل ڪرڻ (Interaction) ذريعي وڌون ٿا.

تنهنڪري انفرادي ترقي، ٻين ماڻهن، دنيا ۽ ڪائنات سان اسانجن لاڳاپن جو نتيجو آهي. اسان ڇا ٻڌجنداسين، انهن لاڳاپن جي معيار ۽ حد تي دارومدار رکي ٿو. اسان کان ٻاهر ڇا موجود آهي، اسان کي ان کي منهن ڏيڻو آهي، تہ جيئن اسان خود پنهنجي انوکيت حاصل ڪري سگهون، جو تہ اسان فقط ان مان نہ ٿا وڌون ويجهون، جيڪو اسان جي اندر موجود آهي. اهم تعميري سرگرمي ان سرحد تي جاري وساري رهندي آهي، جيڪا اسان جي ڳجهين صلاحيتن ۽ دنيا جي وچ ۾ هوندي آهي.

# تڪميل ذات

جيڪڏهن اسانجي هستي اسانجن تجربن ۽ لاڳاپن سان ايتري ڳنڍيل آهي تہ پوءِ اسان ڪهڙن بنيادن تي انوکي هجڻ جي دعويٰ ڪري سگهون ٿا؟ طبعي طور تہ ان ڳالهہ ۾ ڪوبہ شڪ نہ آهي. جاڙن ٻارن کانسواءِ سمورا انساني جسم ايترو تہ هڪبئي کان الڳ الڳ آهن، جو جيڪڏهن هڪ ماڻهوءَ جي کل ٻئي ماڻهوءَ جي زخم تي لڳائي ويندي آهي تہ ان ماڻهوءَ جو جسم ان کل کي ڌاري کل طور سڃاڻي وٺندو آهي ۽ ان کي رد ڪري ڇڏيندو آهي. هڪ جسم جو ٻئي جسم طرفان هي طبعي رد، عضون جي پيوندڪاري ڪندڙ سرجنن لاءِ هڪ مستقل مٿي جو سور آهي. اسان جي عضوياتي انوکيت جو سبب اڃا تائين نہ سمجهيو ويو آهي. ڪنهن بہ طرح سان هيءَ خودي، جسم جي هر گهرڙي ۾، سواءِ رت جي گهرڙن جي، جن کي هڪ ماڻهوءَ کان ٻئي ماڻهوءَ ۾ منتقل سگهجي ٿو پر اهو بہ رت جي مختلف گروپن جي سخت حدن اندر، منقش ٿيل آهي. نفسياتي طور ذاتي انوکيت جو ذريعو اڃا بہ وڌيڪ دلفريب آهي. اسان کي هڪ خيالي تجربو آزمائڻ گهرجي. فرض ڪريو تہ هڪ ماڻهو "الف" هڪ پليٽ فارم تي 150 يا ان جي لڳ ڀڳ اڻ چونڊيل ماڻهن جي سامهون بيٺو آهي. هي تجربو "الف" ماڻهوءَ لاءِ آهي تہ هو پنهنجين

ڪن به پسندن يا ناپسندن کي وڏي واک ٻڌائي، پنهنجين دلچسپين ۽ قابليتن يا پنهنجن نقطه نظرن کي بيان ڪري يا انهن محسوساتن جو تفصيل ڏئي، جن کان هو خاص طور تي واقف آهي. پنهنجي متعلق جنهن به شيءِ جو هو خيال ڪندو آهي، اها هو قطعي طور تي بيان ڪرڻ لاءِ آزاد هوندو آهي. ان کان علاوه سامعين منجهان، هو ڪنهن به اهڙي شخص جي همٿ افزائي، ڪانئس هٿ مٿي ڪٿائي، ڪري سگهندو آهي، جيڪو هن جيان ساڳئي نموني سوچيندو يا محسوس ڪندو آهي يا ڪيس مشترڪ دلچسپي، اهليت يا ذوق هوندو آهي. اها ڳالهه جلدئي واضح ٿي ويندي ته "الف" ماڻهو جي شخصيت جا سمورا يا لڳ ڀڳ سمورا بيان ڪيل پهلو، هال ۾ موجود ٻين ماڻهن جي شخصيتن جي پهلوئن سان ملندڙ جلندڙ هوندا آهن. ته پوءِ "الف" ماڻهوءَ جي انفراديت ڪي ڇا ٿي ويو؟

هي تجربو جنهن کي ڪوبه ماڻهو، ماڻهن جي ننڍي جٿي تي به آزمائي سگهي ٿو، اهو ثابت ڪري ٿو ته نفسياتي انوکيت، انهن ايڪن (Units) جي صورت ۾ وضاحت لائق نه آهي، جن مان هڪ شخص نهيل ٿئي ٿو پر ان انداز يا طريقي جي صورت ۾ وضاحت لائق آهي، جنهن ڪي اهي ايڪا تشڪيل ڪن ٿا. اهو سڄو آهي، جيڪو مختلف ٿئي ٿو، نه ڪه ان جا حصا. هڪ ماڻهو مشترڪ انساني صلاحيتن جو هڪ انوکو انداز (Pattern) آهي.

اهڙي طرح هڪ دفعو وري اسان "صورت" جي اهميت ڏسون ٿا. سڄي/ ڪُل کي، سندس حصن جو تعداد بيان ڪندي ۽ تفصيل ڏيندي مڪمل طور تي واضح نه ٿو ڪري سگهجي. هڪ "سڄو" هڪ انوکي هستي ٿئي ٿو. اسان ڏسون ٿا ته قطعي علحدگي يا اڪيلو پڻ هڪ فريب آهي. چاڪ (Chalk) ۽ پنير (Cheese) هڪٻئي کان ايڏيون گهڻيون مختلف شيون نه ٿيون ٿين، ٻنهي ۾ ڪئلشيم جو چڱو خاصو مقدار ٿئي ٿو. اسان سڀ پنهنجي اندر هڪٻئي جو چڱو خاصو مقدار رکون ٿا. ته پوءِ آخر ڇو اسان جي اُنفراديت هجوم ۾ نه ٿي ملي وڃي ۽ غائب نه ٿي ٿي وڃي؟ ڪڏهن ڪڏهن ائين ضرور ٿئي ٿو. جڏهن ماڻهو هڪ غير هستيءَ جي ڳالهه ڪندا آهن، تڏهن سندن مطلب هڪ اهڙو شخص هوندو آهي، جيڪو پنهنجي سماجي ماحول ۾ لڳ ڀڳ غائب ٿي ويل هوندو آهي. ان کي ٻئي طريقي سان هيئن چئي سگهجي ٿو ته اهو فرد ٻين تي پنهنجو هڪ اثر قائم ڪرڻ لاءِ ذاتي صلاحيتن جو پنهنجو هڪ انداز موافق مقدار ۾ پيدا ڪرڻ ۾ ناڪام ٿي چڪو هوندو آهي، جنهن جو مطلب وري هي هوندو آهي ته هن جو "حصو" (Contribution) نظر نه ايندو آهي. مجتا، انوکي خوديءَ جي اظهار مان ايندي آهي. هن ڳالهه جي سماجي ڪيمياگري هيءَ آهي ته هڪ ماڻهو جيڪو ٻين ماڻهن سان پاڻ کي ويجهڙائيءَ سان لاڳاپي ٿو، هجوم ۾ گم نه ٿو ٿي وڃي، بلڪه اجا به وڌيڪ چٽي نموني، انساني ممڪنيت جي انوکي انداز طور جيڪو هو يا هوءَ

اتڪيل آهي. ذاتي زندگيءَ جي سماجي ۽ اناپرستانہ اندازن وچ ۾ تنازعو، ارتقائي عمل جي ٻن رخن وچ ۾ موجود ڪليل تضاد مان ستوسنئون ڦٽي ٿو. جيئن اسان اڳ ۾ ڏٺو تہ ارتقا جو رُخ هڪ حيواني نسل جي رڪنن درميان وڌيڪ انفراديت ڏانهن هوندو آهي؛ اهو سماج جي وڌيڪ پيچيده صورتن ڏانهن پڻ هوندو آهي. جيڪڏهن انفراديت، انفراديت پسنديءَ ۾ تبديل ٿي ويندي آهي تہ پوءِ سماج مصيبت ۾ مبتلا ٿي ويندو آهي. جيڪڏهن سماج حد کان وڌيڪ پيچيده ۽ ٺٽي وبل هجڻ ڪري، پنهنجو ربط وڃائي ويهندو آهي، تہ پوءِ ماڻهو پنهنجو پاڻ کي اڪيلو ۽ خوفزده محسوس ڪندا آهن. ان کان علاوه اهي ٻئي سلسلا هڪٻئي مٿان ٻہ عمل ڪندا آهن. حد کان وڌيڪ انفراديت پسندي سماجي ٽوڙڦوڙ کي وڌائيندي آهي ۽ سماجي ٽوڙڦوڙ، انفراديت پسنديءَ کي، جيستائين ذاتي حاصلات لاءِ حالتون ۽ سماجي هم آهنگيءَ لاءِ حالتون، ٻئي خطري ۾ نہ پئجي وينديون آهن. بهرحال جيڪڏهن ذاتي حاصلات ۽ ٻين جو فڪر —— ٻئي پاڻ ۾ گڏجي هڪ واحد محرڪ عمل جي حيثيت ۾ ڪم ڪن تہ هي اختلاف گهٽائي سگهجي ٿو. هي ئي اهو امتزاج آهي، جنهن ڏانهن نفسياتي، سماجي ارتقا لڳي ٿو تہ وڌي رهي آهي.

ڪائنات ۾ انسان لاءِ زندگيءَ جي هيءَ حقيقت، هاڻي سمورن قسمن جي صورتحالن، تجارتي دنيا سميت، ۾ دريافت ڪئي پئي وڃي، فرانسس ڪنز مين پنهنجي ڪتاب "دي نيو ايجنڊا" (1983) ۾ موجوده صنعتڪارن جي هڪ سيمينار مان هي حوالو ڏنو آهي ٿو.

"تجارتي ماڻهو لازمي طور پنهنجو پاڻ کي ۽ پنهنجن ننڍن ساٿين کي شعوري طور اهڙن اوزارن سان تعليم ڏين، جيڪي انهن کي وڌائن ويجهائن. بهترين ڪمپنيون ڪاملتا ۽ آزاديءَ کي همٿائينديون ۽ مستقبل انهن لاءِ پر اميد ۽ روشن آهي، جيڪي پنهنجن ملازمن کي خوش رکنديون. مهم جوئي ۽ ٻيهر جنم جي لاڳيتي عمل جو هڪ احساس ضرور هجڻ گهرجي."

تنازعو، جيڪو اڳي سمجهيو ويندو هو تہ ذاتي فائدي ۽ سماجي فائدي وچ ۾ موجود آهي، هاڻي بي معنيٰ ٿي رهيو آهي. سماجي ۽ ذاتي هڪٻئي سان اڻٽٽ نموني اُٽيل آهن.

# ذهن چڪرائجي ٿو

هيستائين اسان فرد بابت ائين پئي ڳالهائيندا آيا آهيون، ڄڻ هو هڪ پائدار شيءِ هجي، پر بهرحال هو ائين ناهي. اسان جو محسوساتي لهجو بار بار

احساس، انساني زندگيءَ ۾ سوچ کان وڌيڪ بنيادي آهي: پوءِ بہ بهرطور اها وصف جنهن جي معرفت انساني ذهن جي ٿهڪندڙ اُپامندڙ مونجهاري کي نظم و ضبط ۽ رُخ ڏئي سگهجي ٿو، اها عقل آهي. عقل مرڪوز ڪيل سوچ جي تيزڌار کي دل جي ڏاهپ سان گڏائي ڇڏي ٿو. ڏاهي جان ميڪمري، پنهنجي ڪتاب "ريزن اينڊ اموشن" (1935) ۾ چيو آهي تہ عقل ۽ جذبو، ٻئي هڪٻئي جا پهلو آهن. هن لکيو آهي:

"جيڪڏهن اسان پنهنجو پاڻ کي، پنهنجي چوگرد موجود دنيا جي آگاهيءَ ۾ مڪمل حساس ۽ مڪمل نموني غرق ٿي وڃڻ جي اجازت ڏيون ٿا تہ پوءِ اسان کي دنيا ۾ حقيقي ملهہ جو هڪ سڌو جذباتي تجربو حاصل ٿيندو ۽ اسان ان جي موٽ اهڙن طريقن ۾ ورتاءَ ڪندي ڏيندا آهيون، جيڪي پنهنجي مٿان، پنهنجي موزونيت ۾ عقل جي ۽ شان ۽ آزاديءَ جي ڇاپ ڪٿي هلندا آهن. دنيا جي تخليقي شڪتي اسان کي پنهنجي اندر جذب ڪري ڇڏي ٿي ۽ اسان جي معرفت عمل ڪري ٿي."

اهو ثبوت تہ عقل ۽ جذبو هڪٻئي کان الڳ ٿيندڙ نہ آهن، شايد غير متوقع طور تي سائنسي ڪوشش جي تارازين تي لڀجي ٿو. ڀلي سائنسدان کي سچ لاءِ هڪ تڙپ هوندي آهي، هو پنهنجين تحقيقن جي ٻوٽواري زبردست جوش سان ڪندو آهي ۽ جڏهن هن جو ڪم، نتيجا پيدا ڪندو آهي، تڏهن هو ڄڻ ستين آسمان تي پهچي ويندو آهي. فنڪار پڻ اذيت ۽ خوشيءَ جي هڪ سلسلي ۾ داخل ٿيڻ لاءِ پنهنجن احساسن جي ني رهنمائيءَ هيٺ هوندا آهن، جڏهن بہ اهي پنهنجي منتخب ڪيل سامان سان اهي سچ حاصل ڪرڻ جي جدوجهد ڪندا آهن، جيڪي هو چاهيندا آهن. قانون بي رحم هوندو آهي، جيڪڏهن ان کي ترس ۽ رحم سان مانو نہ ڪيو ويندو آهي. ان ڪري انساني تجربي ۽ موثر ڪم ڪار جي سموري دائري ۾ موزون احساس بہ اوترو ئي اهم آهي، جيترو صحيح سوچ! "اعليٰ عقل" ۽ "جذباتي لاپرواهيءَ" کي هڪٻئي جي مد مقابل بيهارڻ غلطي آهي. احساس بہ اعليٰ ٿي سگهي ٿو. احساس مٿان، ان کي حقير ۽ اڻ اعتبارو سمجهندي، حملو، انسان کي ڪائنات سان هڪ تعميري رشتو قائم ڪرڻ کان ڪٽي ڇڏي ٿو ۽ هن کي "سرد منطق" جي رحم ڪرم تي ڇڏي ڏئي ٿو. منطق، انسان کي هن وسيع ڪائنات جي هڪ غيراهم پيداوار سمجهندي، ابديت منجهہ هڪ عارضي واقعو سمجهندي، هن جو درجو گهٽائي ڇڏي ٿو. عقل ۽ جذبو، انسان کي شين جي مرڪز ۾ ڪٽي وجن ٿا، جتي هو ڪوجنا ڪندا، عجب ۾ پوندا، هڪٻئي سان ونڊ ورهاست ڪندا، سور سهندا، خوش ٿيندا، اڻجاتل ۾ پيش قدمي ڪندا وڃن ٿا، سونپيل ڪم جي گهٽائيءَ کان تنگ آيل ۽ ان کي سمجهي وڃڻ جي فتحن باعث جمي بيٺل، جڏهن هو اتي پهچن ٿا. پنهنجي تحقيق ۽ رشتي داريءَ ۾ مدد ڪرڻ

ڪي بہ دماغ اندر خاص جايون آهن، جن مٿان انهن جو ڪم ڪار دارومدار رکي ٿو. وڏي دماغ (Cerebral Cortex) جو سڄو اڌ فاصلاتي سڄاڳيءَ جو مکيہ مرڪز هوندو آهي، اهو سڄاڻ ۽ خاڪا ٺاهڻ جي قابليت جو، جُزن کي ڪُل ۾ ملائڻ جو ۽ ماحول سان تخليقي انداز ۾ منهن ڏيڻ جو پڻ مرڪز هوندو آهي. وڏي دماغ جو ڪاٻو اڌ ٻوليءَ ۾، عقلي ورتاءَ ۾، نشانين کي سمجهڻ ۽ معلومات جي تجزئي ڪرڻ ۾ ماهر هوندو آهي. (ڪاٻيڙن ماڻهن لاءِ هيءَ صورتحال بلڪل ابتڙ ٿي سگهي ٿي، ڪن ماڻهن ۾ شعور جا ٻئي قسم گڏجي بہ سگهن ٿا) وڏي دماغ جا ٻئي اڌ هڪٻئي سان ننڍي مادي جي هڪ جوڙ ڪارپس ڪئلوزم ذريعي ڳنڍيل هوندا آهن، تہ جيئن اهي ٻئي اڌ تجربو پرکڻ لاءِ ۽ مناسب جوابي ڪارروائي ڪرڻ لاءِ پاڻ ۾ گڏجي هڪ انتهائي طاقتور ميلاپ ٺاهن. پيا اپياس ان نتيجي تي پهچائن ٿا تہ وڏي دماغ جا اڳيان پُڙ (Frontal Lobes) سماجي ڏاهپ يعني ذميوار مهذب رويي سان تمام گهڻي ويجهڙائيءَ سان لاڳاپيل آهن. انهن اڳين دماغي حصن کي زخم، ماڻهوءَ جي عقلي طاقتن مٿان رڳو ٿورڙو اثر وجهندو آهي پر هن جي شخصيت ۽ سماجي ورتاءَ تي ان جو تمام برو اثر پوندو آهي. ان سلسلي ۾ قديم مثال، جنهن ماڻهن کي ان انداز ۾ سوچڻ تي مجبور ڪيو، فنيس گنيج جو هو. سي يو ايم سمٿ، ڪتاب "دماغ" (1970) ۾ ان حادثي کي هيٺين بيان ڪري ٿو:

"1848 ۾ فنيس گنيج اتفاقاً هڪ چار فٽ ڊگهي لوهي سيخ پنهنجي مٿي ۾ ٺوڪي ڇڏي... ان جو نتيجو اهو نڪتو تہ سندس دماغ جي کٻي اڳئين حصي (Left Frontal lobe) کي تمام بري طرح نقصان رسيو پر سندس باقي بچيل دماغ بلڪل ٺيڪ هو..... هن جو ذهن اڳي وانگر قوت هو ۽ سندس حافظو بہ درست هو پر هو هاڻي هڪ بدليل ماڻهو ٿي ويو هو. ايماندار هجڻ بدران هاڻي هو غير ذميوار ٿي ويو، احتياط ۽ اڳواٽ سوچ جي جاءِ هاڻي ڇيڪرائپ ۽ اڻ اعتباريءَ والاري ڇڏي هئي. ائين ٿي لڳو ڄڻ هن تان ڪنهن قسم جو ڪو رڪاوٽي اثر هٽيجي چڪو هو، ڄڻ ذهن تي زور ڏيڻ
جي ڪا طاقت ختم ٿي چڪي هئي."

وڏيڪ ويجهڙائيءَ ۾ ڊپريشن ختم ڪرڻ لاءِ دماغ جي اڳين پڙن جي حصن کي هڪٻئي کان ڌار ڪري ڇڏڻ جي سرجريءَ جي نتيجن، دماغ جي اڳين پُڙن ۽ سماجي ورتاءَ وچ ۾ ناتن جي پڪ ڪري ڇڏي آهي. ساڳئي نموني انهن پُڙن جي بيمارين جي جديد اپياس پڻ اها ڳالهہ ثابت ڪري ڇڏي آهي. ڊاڪٽر گراهم پاويل ڪتاب "دماغ ۽ شخصيت" (1979) ۾ اهڙين بيمارين جي نتيجن متعلق هيٺين لکيو آهي، "ٻين لاءِ گهٽ فڪر، خودغرضي، پنهنجي ظاهري سياءَ لاءِ گهٽ خيال،

ڊرامي ۾ يا عاليشان نموني پيش ڪيل اوپيرا ۾ يا جڏهن عالمي معيار جا برفاني اسڪيٽر، خوبصورت موسيقيءَ جي نغمن سان مڪمل هم آهنگيءَ ۾ پنهنجين ئي جڙيل ترتيبن تي رقص ڪندا آهن. اهڙن مظاهرن وقت ذهن ۽ روح عجب ۽ خوشيءَ سان سرشار ٿي ويندا آهن. انساني حاصلات، پنهنجي عمده ترين صورت ۾، پنهنجو پاڻ ۾ زندگيءَ جي اظهار جو هڪ واضح پيغام هوندي آهي. ان ۾ بطور شرڪت ڪندڙ جي يا تماشبين جي حصو وٺڻ جو مطلب آهي، اسان جي انساني اهميت متعلق شڪن کي ختم ڪرڻ. اسان پنهنجو پاڻ کي، پنهنجي يا ٻين جي تخليقي عمل ۾ يا خود تخليق جي حقيقت ۾ گم ڪندي، پنهنجو پاڻ کي ڳوليون ٿا. انساني دماغ جي روپ ۾ اسان وٽ هڪ اهڙو اوزار آهي، جيڪو اسان کي نه رڳو عام رواجي زندگيءَ جي امڪانن ۽ خطرن مان پار اڪاريندو پر عام رواجي زندگيءَ کي اُتم ۽ اعليٰ ڪرڻ لاءِ، دنياوي کي روحاني ۾ تبديل ڪرڻ لاءِ پڻ ڪم ايندو. اهڙي دماغ معرفت اسان ڪائنات، زندگي ۽ هڪٻئي تائين تصوراتي ٽهڪاءَ، همدردي ۽ محبت سان پهچي سگهون ٿا. اسان هڪٻئي کي صحيح سمجهڻ ۽ محبت ذريعي، سمورين شين سان ڳنڍيل آهيون ۽ ڪڏهن عام رواجي زندگيءَ جي طويل خسيسپڻي ۽ بدصورتيءَ ۽ ظلم جي وجود باوجود، سمورين شين سان هڪ هجڻ جو هڪ احساس محسوس ڪري سگهون ٿا.

# ذاتي ڪردار

اڪيلو ٻيهڻ ۽ ڪائنات کي نهارڻ، ماڻهوءَ کي دنيا کان ڪٽي ڇڏڻ جو معاملو نه رهندو، جيڪڏهن اسان ان سڄي ماڻداڻ ۽ عظمت سان پاڻ کي هڪ محسوس ڪريون. اسان هاڻي هتي موجود آهيون پر ڌرتيءَ جي گولي چوڌاري هر ماڻهوءَ سان ڳنڍيل آهيون ۽ اسان سڀ پنهنجين زندگين ۽ پنهنجي دنيا مان ڪجهه قيمتي بڻائڻ چاهيون ٿا. اڄ اهي ٻئي مقصد هڪ ٿي چڪا آهن. اهائي انساني حقيقت آهي ۽ سمورو هلندڙ تباه ڪن فساد ۽ لڙائي، ڪٺڻ ياهارائڻ واري دور جي مرندڙ باقيات آهن، جن کي هاڻي ماضيءَ جي غيرضروري نشان طور ٿوڪاري سگهجي ٿو. فرد وٽ، ارتقا ۾ پنهنجي ڪردار کي قبول ڪرڻ جي چونڊ جو اختيار آهي، جنهنکي وڌيڪ سڄاڻ، وڌيڪ بهتر ڪارڪردگيءَ ڏانهن وٺي وڃڻ ۾ مدد ڪرڻ لاءِ خود زندگيءَ طرفان ڪوٺ ڏنل هوندي آهي يا هو خود غرضانه فائدي ۽ رتبي جي تلاش ۾، زندگي، ٻين ماڻهن ۽ ڌرتيءَ مٿان پوندڙ ان جي اثرن کي ڌيان ۾

# وقت، زندگي ۽ موت

ڪائنات ۾ انسان ڪي وقت سان پڻ سمجهوتو ڪرڻو آهي. سمورن جانورن منجهان رڳو انسان ئي وقت ڪان مڪمل طور تي باشعور آهي. اسان پنهنجو پاڻ ڪي ازلي حال جي لهر جي چوٽيءَ مٿان سواري ڪندي ڏسون ٿا، جتي ماضي اسان جي پويان ڪٽندو ويندو آهي ۽ مستقبل اسان جي آڏو ڦهليل هوندو آهي. وقت ۾ زنده هوندي ۽ زندگيءَ دوران اسان موت ڪان، بطور اسان جي مستقبل جي هڪ حصي جي، پڻ آگاهہ هوندا آهيون. اها اها قيمت آهي، جيڪا اسان شعور لاءِ ڀريون ٿا. انسان هميشه ان ڳالهہ ۾ پريشان رهيو آهي تہ موت جي هن حقيقت سان ڪيئن منهن ڏيئي. هن تصور ۾ ڪئين قسمن جا بهشت اڏي ڇڏيا آهن ۽ ڀيهر جي اٿڻ جي امڪانن بابت بہ سوچي ڇڏيو آهي. ڇاڪاڻ تہ هنن معاملن ۾ ڪا بہ يقينيت نہ ٿي ٿي سگهي، تہ پوءِ هاڻوڪي انسان ڪي موت جي مسئلي سان ڪهڙي نموني منهن ڏيڻ گهرجي؟ جيڪڏهن اسان اهو تسليم ڪريون تہ موت اسانجي وجود جي هڪ حالت آهي، تہ پوءِ ان بابت سوچ ڪجهہ قدر گهٽ پريشان ڪندڙ ٿي سگهي ٿي. اسان انسان ستارن مان ورتل آهيون، ڪائنات جي ئي جسم مان جاول آهيون، ان ڪري اسان پڻ موت ـــ ورتل آهيون، پيدائش جي اٽڪت چڪر جو نتيجو! ۾ موت لاءِ ارتقا واقع نہ پئي ٿي سگهي ۽ اسان هتي نہ هجڻ گهرجون ها. ان تناظر ۾ زندگي ۽ موت، هڪبئي جا پهلو ٿي وڃن ٿا. اسانجي يقيني لافانيت ان ۾ آهي تہ اسان ڇا تخليق ڪرڻ ۾ مدد ڪريون ٿا. ذاتي بقا بلڪل هڪ ٻيو سوال آهي. اسانجو ڪجهہ نہ ڪجهہ اثر نموني باقي بچي ٿو، ڇاڪاڻ تہ اسان مان هر هڪ ڪائنات جو هڪ حصو آهي. جيئن جاڻ وڌي ٿي، نقطہ نظر تبديل ٿئي ٿو ۽ ائين ئي سموري تاريخ دوران ٿيو آهي. ان ڪري حتمي پيشن گوئيون اسان وٽ موجود ناهن. ان وچ ۾ "سچ" جي ڳولا جاري آهي، جيڪا هڪ منجهائيندڙ ۽ للڪاريندڙ صورتحال آهي.

۾ هڪ مڪمل شيءِ ٿي سگهي ٿو، جيڪا اها طاقت پيدا ڪرڻ جي قابل هوندي آهي، جيڪا جُزن کي اُنهن ورتاءُ ڪرڻ تي مجبور ڪندي آهي، جيئن اهي ڪندا آهن. نظرياتي طبعيتدان رجوف ڪئپرا اختصار پسنديءَ کان مجموعي سوچ ڏانهن تبديليءَ تي هڪ پورو ڪتاب "دي ٽرننگ پوائنٽ" (1982) وقف ڪري ڇڏيو آهي. هو لکي ٿو:

"اسان کي جنهن شيءِ جي ضرورت آهي، اها آهي حقيقت جي هڪ نئين نظر، اسانجن سوچن، احساسن ۽ قدرن ۾ هڪ بنيادي تبديلي. هن تبديليءَ يعني حقيقت جي مشيني تصور کان مجموعي تصور تائين ڦير، جون شروعاتون اڳ ئي سمورن شعبن ۾ نظر اچي رهيون آهن ۽ گهڻي قدر هاڻوڪي ڏهاڪي تي به غالب پوڻ واريون آهن."

جيڪو ڪجهه هاڻي ايندو، ان جو گهڻو حصو ڪئپرا جي خيالن جي تصديق ڪري ٿو.

## ذهن ۽ دماغ

ذهني زندگيءَ ڏانهن مجموعي انداز، شروعات ڪرڻ لاءِ هڪ سٺو هنڌ آهي. صدين کان ديني ماهر، فلاسافر ۽ نفسياتدان "ذهن ۽ دماغ" واري مسئلي تي منجهيل پئي رهيا آهن. سمورو ذهني تجربو، دماغ ۾ اندر ٿيندڙ تنتي سرگرميءَ سان ڪٺي ٿيندو آهي. ته پوءِ ڇا جنهن شيءِ کي اسان ذهن ڪوٺيون ٿا، اها دماغي سرگرميءَ کانسواءِ ٻيو ڪجهه به ناهي؟ اختصار پسند انداز ان ڳالهه تي زور ڀري ٿو ته هڪ دفعو جڏهن اسان تنتي گهرڙن، دماغي سرڪٽن ۽ دماغي، ڪيمسٽريءَ جي باري ۾ ڪافي ڪجهه ڄاڻي وينداسين، پوءِ سموري ذهني زندگي اهڙن عنصرن طرفان وجود ۾ آيل نظر ايندي. ٻئي پاسي مجموعي انداز هي آهي ته دماغ ۽ ذهن هڪ واحد پيچيده سرشتو جوڙن ٿا، جيڪو ڪيترن ئي طريقن ۾ ڪم ڪري ٿو، جن جي جُزن جي ٻوليءَ ۾ ڪڏهن به وضاحت نه ٿي ڪري سگهجي. (ذهني سرگرميءَ بابت اجا هڪ ٻيو انداز به آهي، جيڪو ٻٽو آهي. اهو دماغ کي هڪ اهڙي عضوي طور ليکي ٿو، جنهن کي ذهن پنهنجن مقصدن لاءِ استعمال ڪري ٿو. هي انداز خود ذهن کي ڪنهن به وضاحت کان بغير ڇڏي ڏئي ٿو) پروفيسر راجر اسپيري، جنهن جو علم طب جي 1982 واري نوبل انعام ۾ حصو هو، پنهنجي تازي ڪتاب "سائنس ۽ مورل پرايرٽي" (1983) ۾ دماغ، ذهن ۽ شخصيت جي پيچيده مسئلي ۽ سماج ۽ ارتقا ۾ اعليٰ سطحي ذهني سرگرميءَ جي ڪردار تي نئين روشني وڌي آهي. هو اسان جي اعليٰ ذهني تنظيم کي تشريحي، تخليقي ۽

لڙهي ايندو آهي. ان لوڻيات ۾ 6 سيڪڙو تائين واڌ زندگيءَ لاءِ قاتل ثابت ٿيندي. زندگي کان خالي مثل سمنڊ (Dead Sea) عام ساموندي پاڻيءَ کان اٺ دفعا وڌيڪ لوڻياٺو آهي، ڇاڪاڻ تہ اهو هڪ بند ٿيل ڍنڍ آهي، جنهن جي مٺاڄري کان نڪرندڙ پاڻيءَ جي بخارن کي اردن ۽ ڪجهہ ٻين وهڪرن منجهان ايندڙ پاڻيءَ ذريعي مشڪل سان برابر ڪيو ويندو آهي. ٻين سمنڊن جي لوڻيات وڌي پئماني تي ڇو نہ ٿي وڌي؟ الٽراوايوليٽ روشني، جيڪا پٽل سازيءَ لاءِ سني هوندي آهي، ۾ گهٽي مقدار ۾ موتمار ٿيندي آهي، مٿين آبهوا ۾ اوزون تہ ذريعي هڪ مستقل زندگي دوست سطح تي رکي ويندي آهي. الٽراوايوليٽ شعاعن جي شدت توقع کان گهٽو گهٽ، گهٽ وڌ ٿيندي آهي. عظيم ماهر عضويات ڊبليو. بي ڪينن جسم جي اندروني توازن کي برقرار رکڻ جي اسان جي لياقت کي ”جسم جي ڏاهپ“ (1932) ڪوٺيو آهي. لولاڪ جيڪا شيءِ اسان کي ڏيکاري ٿو، اها ڌرتيءَ جي ڏاهپ آهي. اهو ڪيئن واقع ٿئي ٿو؟ ڪوبہ نہ ٿو ڄاڻي. اهو ”سمجهہ کان ٻاهر ڪنهن شيءِ“ جو هڪ مثال آهي: ڪنهن نظام جي ڪنهن غير متوقع تناظر، جنهن ۾ اسانجون زندگيون ٻيئل آهن، ڏانهن هڪ اشارو آهي، جنهن جي ذريعي زندگي خود پنهنجين ضرورتن جي پاڻ سنڀال لهندي آهي. اهڙا نظام پنهنجا راز رڳو سڄڻ جو نيڪ ناڪ حساب ڪرڻ ذريعي ۽ ان ڳالهہ جو ڳوڙهو اڀياس ڪرڻ ذريعي تہ سڄو پنهنجي خدمت ۾ پنهنجن حصن مٿان ڪيئن ضابطو رکي ٿو، کوليندا آهن.

## پيچيده نظام

جيئن لولاڪ ڌرتيءَ جو، بطور هڪ مڪمل زنده هستيءَ جي، جيڪا هڪ هم آهنگ انداز ۾ ڪم ڪندي رهي ٿي، هڪ تصور ڏئي ڇڏيو آهي، تيئن طبيعتدان ڊيوڊ بوهم سموري ڪائنات بابت اهڙو تصور پيش ڪيو آهي، پنهنجي ڪتاب ”هولنيس ۽ دي امپليڪيٽ آرڊر (1980) ۾ هو ڪائنات کي هڪ بلڪل نئين انداز ۾ ڏسڻ ڏانهن وٺي وڃي ٿو، جيڪو ايترو پيچيده آهي جو ان جو هتي تفصيل ڏيڻ ممڪن نہ آهي. اهو ان ڏانهن جيڪو اسان اڳ ئي ڏسي آيا آهيون، هڪ قابل فهم انداز آهي، يعني ان ڏانهن تہ هر شيءِ تبديل ٿي رهي آهي ۽ اهو تہ هر شيءِ، هر ٻي شيءِ سان لاڳاپيل آهي ۽ ان سان باهمي عمل ڪري رهي آهي. هن انداز ۾ ڏٺي وڃڻ سان ڪابہ شيءِ جيڪا وجود رکي ٿي، وقت ۾ هڪ قسم

جي سراسري تصوير بڻجي وڃي ٿي، تبديليءَ جي هڪ انداز جو هڪ هنڌ جمع ٿيڻ جي اڳ ۾ هيٺ ئي هجي ٿي، جيئن جڏهن هڪ نباتياتي ماهر هڪ گل جي ٽڙڻ جو فوٽو ڪڍي وٺندو آهي. هڪ شاهه بلوط جو وڻ ڪافي سخت نظر ايندو آهي پر جڏهن اسان ان تي نظر وجهندا آهيون، ته اسان کي قيرقار جي هڪ سلسلي جو رڳو هڪ رخ ڏسڻ ۾ ايندو آهي، جيڪو شاهه بلوط جي ٻج کان شروع ٿيندو آهي ۽ شايد چار سو سالن کان پوءِ ان وڻ جي فنا ٿي وڃڻ تي ختم ٿيندو آهي. شيون ڪيئن آهن، ان ۾ هڪ ٻي جهاتي، شين جي هڪٻئي ۾ اندر پيهي وڃڻ جي اپياس مان به ملي ٿي. پاڻيءَ جو هڪ ماليڪيول ڪيترن ئي بحري جيون جي زندگيءَ جي چڪر ۾ هڪ حصو ادا ڪري سگهي ٿو، اهو پوءِ ائٽلانٽڪ سمنڊ مٿان بخار جي، هوا رستي يورڪ شائر ڊيلس تائين پهچي سگهيٿو، جتي اهو گاهه جو حصو بڻجي وڃي ٿو، جيڪو هڪ ٻڪريءَ جو کاڄ بڻجي، پاڻيءَ جي ان ماليڪيول کي ان جي رت ۾ گردش ڪرائي ٿو، جتان اهو ان جي پيشاب رستي زمين تي وري واپس اچي وڃي ٿو ۽ اهڙي طرح ڪڏهن زندگيءَ جي حصي طور ۽ڪڏهن اٿين ڪيترن ئي ٻين ملڪن مان ٿيندو، نيٺ وري واپس اچي سمنڊ ۾ داخل ٿئي ٿو.

ڇا اسان اهڙي هڪ ماليڪيول کي زنده يا مرده ڇوڻ وارا آهيون؟

سموري ڪائنات قوتن، هستين ۽ سرشتن جو هڪ عظيم ڊرامائي متحرڪ ميلاپ آهي، ڪابه شيءِ جيڪا اسان ڏسون ٿا ۽ سنڌس نالو وٺون ٿا، سمورن قسمن جي عملن لاءِ هڪ ملنڊڙ جاءِ آهي، تنهنڪري دنيا جو هر حصو، جنهن تي اسان نظر وجهون ٿا، پنهنجي اندر سڄي (ڪُل) جي هڪ ڇاپ سان ڪٺي هلي ٿو. بوهم ٻن دنيائي نظامن جي ڳالهه ڪري ٿو، هڪ آهي الڳ ڪرڻ وارو (Explicate) نظام، جيڪو شين کي مخصوص هستين ۾ جدا ڪري ٿو، اهو عام طريقو آهي جنهن سان اسان دنيا کي سمجهندا آهيون؛ ٻيو آهي گڏ ڪرڻ وارو (Implicate) نظام، شين جي بنيادي اصليت، جنهن ۾ هر شيءِ، هر ٻي شيءِ جي اندر وڪوڙيل هجي ٿي. بوهم جي نقطہ نظر کي هولوگرافڪ نمونو ڪوٺيو ويو آهي، ڇو ته اهو فوٽو جي ان غير معمولي قسم جهڙو آهي، جنهن کي هولوگرام (Hologram) سڏيو ويندو آهي. هڪ هولوگرام، هڪ فوٽو گرافڪ پليٽ تي اهي ٽڪرائيندڙ نقش محفوظ ڪرڻ سان نهندو آهي، جيڪي جڏهن ليزر روشني، فوٽو نڪرندڙ ماٿهوءَ يا شيءِ کان منعڪس ٿي، هڪ سنئين سڌي شعاع جي شڪل ۾ سفر ڪندي آهي. پنڌا تي پوندا آهن. بعد ۾ جيڪڏهن ان فوٽو گرافڪ پليٽ کي روشنيءَ جي هڪ شعاع سان روشن ڪيو ويندو آهي ته پوءِ ڏسندڙ جي اکين آڏو فوٽو ڪڍيل شيءِ جو هڪ ته پاسائون (3- dimensional) عڪس هوا ۾ لٽڪيل ظاهر ٿي پوندو آهي. هي ڪافي عجيب آهي، پر اڃا به وڌيڪ عجيب هيءَ ڳالهه آهي ته جيڪڏهن اهو هولوگرام ٽوڙيو ويندو آهي، پوءِ سڄي جو هڪ مڪمل،

جيتوڻيڪ ٽوڙڙو ڏنڊلو، تہ پاسائون عڪس، ان پليٽ جي ڪنهن بہ حصي مان پوءِ بہ بيهر پيدا ڪري سگهبو آهي. ڪنهن طرح سان سڄو عڪس هولوگرام جي هر حصي ۾ موجود هوندو آهي. بوهم زندگيءَ سميت هر شيءِ کي سڄي ۾ پيوست ٿيل ۽ ان مان ڦٽي ٻاهر نڪرندڙ سمجهي ٿو، جڏهن ان لاءِ انهن ڪرڻ واسطي حالتون صحيح ٿين ٿيون. بوهم لکي ٿو:

"خود زندگيءَ کي ڪنهن معنيٰ ۾ هڪ مجموعيت (Totality) سان واسطو رکندڙ قرار ڏئي سگهجي ٿو.... بيشڪ انهن چئي سگهجي ٿو تہ زندگي مجموعيت ۾ وڪوڙيل ۽ اهو تہ جڏهن اها ظاهر ٿيل نہ بہ هوندي آهي، تڏهن بہ اها ڪنهن طرح سان هڪ اهڙي حالت ۾ مضمر هوندي آهي، جنهن کي اسان عمومي طور تي هڪ اهڙي صورت ڪوٺيندا آهيون، جنهن ۾ ڪابہ زندگي نہ هوندي آهي."

ڇا هي نظريو شعور سان لاڳو ٿئي ٿو؟ بوهم اهو ظاهر ڪري ٿو تہ شعور، دماغ جي گهرڙن ۾ ويڙهيل هوندو آهي، جيڪي عمومي طور تي مادي جو حصو آهن، مادو ڪائنات ۾ ويڙهيل آهي. ان ڪري جيئن زندگي ڪائنات ۾ مضمر آهي، بوهم چئي ٿو، بلڪل تيئن شعور بہ آهي. ان جي بهرحال اها معنيٰ نہ آهي تہ شعور ذات هر هنڌ موجود آهي، شعور ذات پاڻ کي رڳو، مادي ۽ زندگيءَ جي هڪ مخصوص ترتيب، جنهن کي "انسان" ڪوٺجي ٿو، ۾ ئي ظاهر ڪري ٿو. پر شعور پنهنجي طور تي ڪُل ۾، بطور هڪ ڳجهي صلاحيت جي، پوشيده ٿيل ٿئي ٿي. لولاڪ ۽ بوهم جهڙا ليکڪ، جو ڪجهہ اسان جي محسوسات کان بالاتر آهي، ان جي سرحد تي ڪم ڪري رهيا آهن، هو اسان کي جيڪا فطرت پيش ڪن ٿا، سا هڪ واضح نموني تبديل ٿيل فطرت آهي. اسان هاڻي ڪجهہ بين بي باڪ بصيرتن تہ شيون حقيقت ۾ ڪيئن آهن، جي کوج لڳائيندا سون.

## زندگي، صورت ۽ وهڪرو آهي

هن صديءَ جي اهم کوجنا: جيڪا بوهم جي ڪم سان ملي ٿي، اها آهي تہ زندگي، مادي کان الڳ نہ آهي، بلڪہ اها هڪ خاص انداز ۾ ورتاءُ ڪندڙ مادي شين مان هڪ انتخاب آهي. پراڻي زماني واري زنده يا مرده واري ورهاست هاڻي ايتري حتمي نہ آهي، جيتري اها ڪنهن زماني ۾ هئي. اسان ان فرق بابت يقين ڪري سگهون ٿا، جڏهن اسان هڪ وڏي جيو، جهڙوڪ اسان خود، بابت ڳالهائي رهيا هوندا آهيون ۽ موت جي هڪ وصف تي متفق ٿيل هوندا آهيون پر پتڪڙا زنده سرشتا خسيس فرقن کي ڏوکو ڏئي سگهن ٿا مثال طور هڪ وائرس تيستائين زندگي جي ڪابہ علامت نہ ڏيکاريندو آهي، جيستائين اهو هڪ موزون ماحول ۾

# صورت، بطور هڪ قوت جي

صورت جي متحرڪ اهميت تي زور ڀرڻ لاءِ اسان وٽ اڳ ئي ڪيترا دفعا جواز موجود پيئي رهيو آهي. ڪنهن شيءِ کي ناهڻ لاءِ اسان کي ان جي جزن کي هڪٻئي جي نسبت ۾ درست ترتيب ۾ بيهارڻو پوندو آهي. مادي جسمن ۾ به ترتيب تمام گهڻي اهم ٿيندي آهي. اسان هڪ شيءِ کي اسٽول يا صوفو سڏڻ بدران هڪ ڪرسي چوندا آهيون، ڇاڪاڻ ته اسان ان جي مختلف حصن ۾ هڪ خاص ترتيب سجاڳيندا آهيون. فنونِ لطيفه ۾ حصن جي ترتيبتمام اهم هوندي آهي، هڪ فرسوده ڌُن ۽ عظيم موسيقيءَ وچ ۾ فرق عمده ترتيب جو هڪ معاملو هوندو آهي. حصن جي موزون بناوت ۽ ترتيب، سموري حسن جي دل ٿيندي آهي، بلڪه هر شيءِ جي دل ٿيندي آهي، مثال طور هڪ تنظيم رڳو تڏهن ئي سٺي نموني ڪم ڪندي آهي، جڏهن توهان وٽ صحيح ماڻهو صحيح مقامن تي ۽ صحيح وقت تي موجود هوندا آهن ۽ هڪٻئي سان مثبت نموني رابطو رکندا هوندا آهن. تازوئي صورت ۽ ڪُلپٽي جي اهميت کي بايوڪيمسٽ ربرٽ شيلڊريڪ (زندگيءَ جي هڪ نئين سائنس 1981) جي نظرئي مان، هڪ حيرت انگيز نئون موڙ مليو آهي. شيلڊريڪ تجويز ڪري ٿو ته خود صورت، ڪائنات ۾ هڪ متحرڪ قوت آهي، شيلڊريڪ جو متوهي آهي ته جڏهن به ڪا شيءِ وجود ۾ ايندي آهي، ته اها خود پنهنجي چوڌاري هڪ مقناطيسي ميدان سان مشابهه هڪ "صورت ناهيندڙ ميدان" (Morphogenic Field) پيدا ڪري ڇڏيندي آهي، جيڪو صرف ان شيءِ جي خصوصيت هوندو آهي. هو تجويز ڪري ٿو ته اهو ميدان ئي ان جيو يا فطري شيءِ جي واڌ ويجهه کي انجي موزون صورت ڏانهن وٺي ويندو آهي. اهڙي طرح اهو اسرار ته ڪيئن هڪ ڳيڙو (Foetus) جيڪو غير شڪلي گهرڙن جي هڪ ننڍڙي جهڳٽي جي صورت ۾ شروعات ڪندو آهي، پنهنجين مختلف تنگن، ٻانهن ۽ عضون سان هڪ پوري جسم ۾ وڌي ويندو آهي، شيلڊريڪ طرفان ان جي تشريح "صورت ناهيندڙ ميدان" جي اثر طور ڪئي وئي آهي. جيڪڏهن هڪ ڪرڙي پنهنجو پچ وڃائي ويهندي آهي ته ان جو پچ ٻيهر وڌي ايندو آهي، بلڪل مناسب حدن تائين ۽ پوءِ اتي پنهنجو پاڻ ٻيهي رهندو آهي، اهڙي طرح "صورت ناهيندڙ ميدان" واڌ تي ضابطو رکندو آهي. انسان جي ٻانهن ۽ ڄنگهن جي گهرڙن ۾ بلڪل ساڳيو ڊي اين اي (جسم ناهيندڙ جينياتي مواد) هوندو آهي ۽ سندن جسم ۾ به بلڪل ساڳيا ڪيمياڻي عنصر موجود هوندا آهن، ڄنگهن ۽ ٻانهن جون اصلي

وڏندڙ مکڙيون ساڳي ڳجهي طاقت رکنديون آهن پر انهن مان هڪ جوڙي ٻانهن جي شڪل ۽ ٻي ڄنگهن جي شڪل اختيار ڪري ويندي آهي. ڇو؟ ڇاڪاڻ ته شيلڊريڪ مطابق صورت ناهيندڙ ميدان، صورت ۾ فرقن کي وڌائيندا آهن. هي صورت ناهيندڙ ميدان ڪٿان اچن ٿا؟ شيلڊريڪ چئي ٿو اهي شيءِ سان گڏ وجود ۾ اچن ٿا. هي نظريو اهو پڻ تجويز ڪري ٿو ته فطري دنيا ۾ ڪنهن به شيءِ جو ڪٿي به وجود ان شيءِ لاءِ ڪٿي ٻئي هنڌ به وجود ۾ اچي وڃڻ کي سولو بڻائي ڇڏي ٿو. هڪ نئون صورت ناهيندڙ ميدان هڪ عالمگير تاثر قائم ڪندو آهي، ان جو هڪ مثال هي آهي ته جڏهن هڪ نئين جسم جي تشڪيل ۾ هڪ نئين قلم (Crystal) جو رسوب ڪڍيو ويندو آهي، جيئن پلاسٽڪ جي مصنوعي تياريءَ ۾، هڪ سائنسدان جيڪو اهڙي ڪا شيءِ ناهيندو آهي، حقيقت ۾ ائٽمن ۽ ماليڪيولن کي اهڙي طرح وري ترتيب ڏيندو آهي، جيئن اهي اهي خاصيتون پيدا ڪن، جيڪي هو چاهيندو آهي يعني طاقت، لچڪيداري يا ٻي جيڪا به. ائين ڪندي هو هڪ نئون قلم (بلور) ناهي وجهندو آهي، ڇاڪاڻ ته هڪ جسم جا سمورا ائٽم پنهنجو پاڻ کي قلمن جي صورت ۾ منظم ڪندا آهن. هاڻي ائين ٿئي ٿو ته هڪ نئين قلم جو رسوبجڻ اڪثر ڪري هڪ ڏرو ۽ ڏکيو عمل ٿئي ٿو. بهرحال هڪ دفعو جڏهن ڪو قلم رسوبجي چڪو هوندو آهي، ته پوءِ ساڳئي قسم جي ٻين قلمن کي دنيا ۾ ڪٿهڙي به هنڌ رسو بڻ (Precipitate) ڪافي سولو ٿي پوندو آهي. شيلڊريڪ چئي ٿو اهو ڪم "تشڪيلي پڙاڏي" (Morphic Resonance) جي ڪري ٿيندو آهي، جيڪو ائين لڳندو آهي ته ڄڻ دنيا جي چوڌاري گونجي ٿو. شيلڊريڪ ان تي به يقين ڪري ٿو ته ورثاءَ جا انداز به هن طريقي سان ڦهلائي سگهجن ٿا. ڪيترن ئي سائنسدانن شيلڊريڪ جي نظر ئي تي خوف وچان پنهنجا هٿ مٿي ڪئي ڇڏيا آهن. شيلڊريڪ جو ڪين جواب هي آهي ته هو اهڙي شهادت تي ڪم ڪري رهيو آهي، جيڪا اڳواٽ موجود آهي ۽ اهو ته ڪوئي به هن جي نظرئي جي جڪاس ڪري سگهي ٿو، جيڪڏهن هو ائين ڪرڻ جو خيال رکندو هجي. هن ڪتاب لکڻ وقت هڪ يا به تجربا ڪيا ويا آهن، جيڪي هن نظرئي کي هٿي ڏين ٿا، جيتوڻيڪ حتمي طور تي نه!

اسان جي لاءِ هتي دلچسپي هيءَ آهي ته هڪ دفعو وري اسان شيلڊريڪ جي تحقيق ۾ ڪُليئي (مجموعيت) ڏانهن چرپر ڏسون ٿا. ڪئپرا اهو تجويز ڪري ٿو ته سمورن شعبن جي مستقبل جي ترقيءَ لاءِ هڪ مجموعي نقطہ نظر ضروري آهي، لولاڪ اسان کي ڌرتي بطور هڪ واحد خود ڪفيل جيو جي، پيش ڪري ٿو، بوهم هڪ اهڙي ڪائنات جي تشريح ڪري ٿو، جنهن ۾ مادو، زندگي ۽ شعور، سڀ جو سڀ هڪٻئي ۾ اندر وڪوڙيل آهن ۽ هاڻي هتي شيلڊريڪ موجود آهي،

اوائلي انسان (أيو انسان) .......... ١٥ لک سال اڳ

هاٺوڪو انسان ............. هڪ لک سال اڳ

هڪ قادر مطلق خدا جي تصور کي اهڙي هڪ ڦهليل وقتي پنماني ۾ نهڪائڻ ڏکيو آهي پر ڇا رڳو اتفاقي باهمي عمل، ان طويل، سست (ارتقائي) عمل جي اصلي نتيجن جو جواب ڏئي سگهن ٿا؟ ائين لڳي نہ ٿو. ان سبب ڪري ٿي نون خيالن جي داخلا زبردستي ٿيندي رهي ٿي، ارتقا ۾ اندر ڪنهن تخليقي قوت لاءِ ڳولا ٿيندي رهي ٿي. ائين سمجهڻ ۾ هونئن اڪيلو ناهي، اڻ لاڳاپيل قوتن جي باهمي عمل کان وڌيڪ بيو ڪجهہ بہ ٿي رهيو آهي. پال ڊيويز جيڪو يونيورسٽي آف نيوڪيسل ۾ نظرياتي فزڪس جو پروفيسر آهي، پنهنجي ڪتاب "گاڊ اينڊ دي نيو فزڪس" (1983) ۾ ڪائنات پٺيان هڪ انتظامي اصول جي ڪم ڪندي رهڻ جي حق ۾ ڳالهہ ڪري ٿو. هڪ بيو همعصر دانشور ايرڪ جينش "پاڻ ـ منظم ڪندڙ ڪائنات" (1980) بابت لکي ٿو، هو تجويز ڪري ٿو تہ جنهن شيءِ کي ماڻهو "خدا" چون ٿا، اهو هڪ قسم جي ڪم ڪندڙ ذهن جي نمائندگي ڪري ٿو. هو لکي ٿو، "چاڪاڻ تہ اسان هڪ نظام جي پاٽکي منظم ڪندڙ سرگرميءَ (Dynamics) کي ان جو ذهن ڪوٺيندا آهيون، اسان هاڻي ائين چئي سگهون ٿا تہ خدا، خالق نہ آهي پر ڪائنات جو ذهن آهي."

جينش جي حالت، بوهم جي حالت کي ويجهو ٿي وڃي ٿي، جڏهن هو هينئن چئي ٿو، "خدا جي بناوت، نہ صورت آهي، نہ مقدار پر اڻ کليل، اڻ ورهايل لياقتن جي مجموعيت آهي. هو خالص ڳجهي طاقت آهي."

جينش، طبعيتدان فريمن ڊائسن (1971) جو حوالو ڏئي ٿو، "اهو قابل فهم آهي تہ زندگيءَ کي ان کان وڌيڪ هڪ وڏو ڪردار ادا ڪرڻو آهي، جيترو هونئن اسان تصور ڪري رکيو آهي. زندگي، ڪائنات کي پنهنجن مقصدن ڏانهن موڙڻ ۾ سمورين مشڪلاتن خلاف ڪامياب ٿي سگهي ٿي. ۽ غيرجاندار ڪائنات جو نقشو زندگي ۽ ذهانت جي ڳجهين صلاحيتن کان ايترو ڇڳل نہ آهي، جيترو ويهين صديءَ جي سائنسدانن ان کي فرض ڪري ڇڏيو آهي."

دماغي سائنسدانن هاڻي ساڳئي قسم جي بولي ڳالهائڻ شروع ڪري ڏني آهي، جهڙي اڳئي وڌيل طبعي سائنسدانن جي آهي، ڪارل پربرام، اسٽينفورڊ يونيورسٽيءَ جي دماغي سائنس جي پروفيسر، ان ڳالهہ ڏانهن اشارو ڪيو آهي (1982) تہ "دماغ جون سرگرميون حقيقت جو آئينو لڳن ٿيون، جيئن جڏهن رياضيدان اچرج ۾ پوندا آهن تہ ڇو سندن دماغن جا عمل اڪثر ڪري ان ڪائنات جي بنيادي نظم کي، جنهن کي هو محسوس ڪندا آهن، ايمانداريءَ سان تفصيلي بيان ڪن ٿا."

هي سائنسدان جنهن شيءِ متعلق ڳالهائي رهيا آهن، اها زندگيءَ جي حق

۾ موضوعي زندگيءَ جا ٻيا پاسا اچي وڃن ٿا، جيڪي گڏجي روحاني تجربي کي جوڙن ٿا. هن سطح تي ذهني زندگي، ٺنٺن تي ٻڌل حياتياتي عملن کان ڪم وٺي ٿي پر اها بنيادي ٺنٺي رستن کان مختلف قسم جي هوندي آهي. اها بهرحال مافوق الفطري نه هوندي آهي، اها اسان جي انساني سڀاءَ جو هڪ حصو هوندي آهي. انسان جي پاڻ کي ڦهلائڻ جي تمنا، پنهنجين قوتن کي وڌائڻ جي تمنا، هن کي هڪ فطري طور روحاني هستيءَ بڻائي ڇڏي ٿي، جنهن ۾ پنهنجن حواسن ۾ محسوساتن جي آخري حدن تائين پهچڻ جي هڪ ٻڪ ٿئي ٿي. اهي حدون ڪهڙيون آهن، اسان اهو نه ٿا ڄاڻون. انسان جي اندروني دنيا ۾ ٻاهر موجود ڪائنات وچ ۾ رشتو هڪ لڳاتار معمو بڻيل آهي، پر اسان کي ايترو يقين ضرور آهي ته انسان جا روحاني اوصاف هڪ خاص انداز ۾ زندگيءَ جي خدمت ڪن ٿا، اهي زبردست تخليقي صلاحيت جا عالمگير ايڪا آهن.

هيءَ پهچ، عملي صورتون پڻ اختيار ڪري ٿي. اچ ماڻهو، پنهنجين عملي جامو نه پهريل صلاحيتن کي ڳولڻ چاهن ٿا. ڄاڻڻ جي ڳولا، ذاتي نشونما جي ڳولا سان، ان سموري جي مڪمل طور تي مطمئن ڪندڙ تجربي جي ڳولا سان، جيڪو انسان آهي يا ٿي سگهي ٿو، گڏ ٿيل هجي ٿي. ايندڙ باب ۾ اسان موجوده صورتحال جي ان پاسي ڏانهن رخ ڪنداسين.

ٿو، مان محض انهن اٿرن کي اجازت ڏيان ٿو، جن کي مون تشڪيل نہ ڪيو هوندو آهي ۽ جن کي مان، پنهنجي لاءِ، پنهنجي ذهن جي فيصلي ڪرڻ ۾ ڪنٽرول نہ ٿو ڪري سگهان. اها ڳالهہ يقيناً سچي آهي تہ اسان هن ڪرت کي ٻين ماڻهن ۾ بہ عمل ڪندي ڏسي سگهون ٿا. جيڪڏهن اسان کي خبر آهي تہ مستر جو نس ڪاڏي ڪائڻ جو ڏاڍو شوقين آهي، تہ پوءِ صحيح هجڻ جي هڪ وڏي امڪان سان اها اڳڪٿي ڪري سگهون ٿا تہ هو انهن ٻن موڪلن وارن هنڌن مان ڪهڙو هنڌ چونڊيندو، جڏهن تہ هڪ هنڌ پنهنجن ڪاڏن ڪري مشهور آهي ۽ ٻئي هنڌ جي مشهوري ڏاڍي خراب آهي. ڇاڪاڻ تہ ڪابہ چونڊ جيڪا اسان ڪريون ٿا، ان جي اڳ موجود سببن ۾ تہ اها چونڊ اسان ڇو ٿا ڪريون، ڇنڊڇاڻ ڪري سگهجي ٿي، تہ پوءِ ان چونڊ ۾ آزاد مرضي ڪٿان ٿي اچي؟ هي استدلال لڳي ٿو تہ چونڊ جي آزاديءَ کي ختم ڪري ٿو پر حقيقت ۾ اهو جو ڪجهہ ڪري رهيو آهي، اهو انساني چونڊ جي اصليت کي غلط سمجهي رهيو آهي. ڪو بہ ماڻهو اها دعويٰ نہ ڪندو تہ چونڊ جي آزادي قطعي ٿئي ٿي.

مان چونڊ ڪرڻ ۾ آزاد آهيان، ان ڪري نہ تہ منهنجي مٿان ڪي بہ اثرات ڪم نہ ڪري رهيا آهن پر ان ڪري تہ مان، اٿين لڳندو آهي، موقعن جي هڪ مرڪز تي وينو آهيان ۽ ان قابل آهيان تہ انهن منجهان ان لحاظ ڪان چونڊ ڪري سگهان تہ مان ڇا آهيان. آزاديءَ جو مطلب آهي مختلف موقعا هجڻ ۽ انهن مان چونڊ ڪرڻ جو حق هجڻ!

# آزاديءَ جون حدون

آزاد هجڻ جو فن اهو ڳولڻ آهي تہ اسان جي آزاديءَ تي لڳل اڻٽر حدن اندر اسان ڪيئن موثر انداز ۾ عمل ڪريون. جڏهن ماڻهو آزاديءَ لاءِ سڏڏيندا آهن، جيئن هنن سموري تاريخ دوران پر جوش نموني اٿين پئي ڪيو آهي، اهي جنهن شيءِ جو مطالبو ڪري رهيا هوندا آهن، اهو موجود چونڊن وچ ۾ فيصلي ڪرڻ جو حق هوندو آهي، ان جي بدران جو ٻين طرفان اهو ٻڌايو وڃي تہ ڇا ڪرڻو آهي يا ڇا نہ ڪرڻو آهي. هتي قطعي خوداراديت بهرحال پيش ٿيل نہ آهي.

جيئن مان پنهنجي ڪرسيءَ تي وينو لکي رهيو آهيان، مان اتڻ ۽ ڪمري ۾ ڪنهن بہ طرف ۾ گهمڻ لاءِ آزاد آهيان پر مان سڌو مٿي وڃڻ يا سڌو هيٺ لهڻ ۾ آزاد نہ آهيان. اهي حدون شين جي اصليت طرفان ئي مڙهيون ويل آهن. مان ٻاهر وڃڻ، ڪار ۾ ويهڻ ۽ ڪيڏانهن نڪري وڃڻ لاءِ بہ آزاد آهيان. پر مان روڊ جي

هاڻي ختم ٿي چڪو آهي. مستقبل ماڻهن ۽ قومن وچ ۾ باهمي عزت ۽ سهڪار سان جڙيل آهي. ان کان علاوه ڪا بي شيء وڌ ۾ وڌ مدي خارج ۽ وڌ ۾ وڌ خطرناڪ ٿي ويندي. مظلوم، جيئن اڳ ڏسي آيا آهيون، هاڻي ان ڳالهه جو هڪ واضح چٽاءُ ڏئي رهيا آهن ته هنن هاڻي گهڻو ئي ظلم سهي ڇڏيو آهي. آخر ۾ نيٺ اهي ئي هن ڌرتيءَ جا وارث بڻبا، جيڪي هڪ شريف روح جا مالڪ هوندا، نه ڪ حاوي پونڊڙ استحصالي. اها ڳالهه هاڻي صاف آهي ته جيڪڏهن ائين نه ٿيو ته پوءِ هيءَ ڌرتي ڪنهن به ماڻهوءَ جي رهڻ لائق نه هوندي. شريفاڻي حفاظت ۽ تخليقي تبديلي يا خود پسند استحصال! اهائي هاڻي اسانجي چوند آهي، اسانجي ذميواريءَ جي ماپ ۽ اسانجي هجڻ ۽ وڌڻ جي آزاديءَ جو شرط.

محسوس ڪندو آهي، ڇيڙيندو آهي، ڏڪيندو آهي، ۽ پوءِ بانبڙا پائيندو آهي، گهمندو آهي ۽ ڊوڙندو آهي: سمورو وقت پنهنجي ماحول بابت وڌيڪ ڳوليندو رهندو آهي ۽ جيڪو ڪجهه هو لهندو آهي، ان سان منهن ڏيڻ جي پنهنجين طاقتن بابت وڌيڪ ڳوليندو رهندو آهي. هو اهو پڻ معلوم ڪرڻ چاهيندو آهي ته ٻيا ماڻهو ڪيئن ٿين ٿا ۽ هو ڪهڙي نموني هنن سان تعلق رکي. هي انساني عمل تمام گهڻو سوير شروع ٿئي ٿو، جيئن ماءُ ۽ سندس ٻارن درميان گهرٻن ڏيتين ليتين (Exchange) جي تازين تحقيقن ڏيکاري ڇڏيو آهي. نوجوان انسانن طرفان ڏيکاريل تجربي جو شوق جديد دنيا ۾ سموري زندگيءَ دوران گهربل هوندو آهي. ان کان بغير تبديليءَ جو سمورو لقاءُ، فرد جي مٿان گذري ويندو ۽ ساڳئي وقت تي هن کي سماج کان ۽ واڌ ويجهه جي ذريعي کان الڳ ڪري، گم ڪري ۽ ڪٽي ڇڏيندو. جيئن ڪولن ٽرنبل، ڪتاب"انساني چڪر" (1984) ۾ ان ڳالهه ڏانهن اشارو ڪيو آهي ته انفراديت (يعني پنهنجو پاڻ ٻڌڻ) ۽ اجتماعيت (سماج سان لاڳاپجڻ) هڪٻئي تي دارومدار رکندڙ هوندا آهن. هو لکي ٿو، "بحيثيت هڪ سماجي بشرياتي ماهر جي، منهنجو ان ڳالهه سان واسطو آهي ته اسان انفرادي مخلوقات کان الڳ ڪيئن ۽ ڪڏهن سماجي ٻڌياسي ۽ ان سان واسطو آهي ته سماججڻ جو سکيل پاسو ڪهڙو آهي. ان پاسي جو مشڪل حصو، ان رشتي ۾ موجود آهي، جيڪو فرد پنهنجي چوگرد موجود دنيا سان پيدا ڪري ٿو. اهو هڪ مجموعي رشتو ٿئي ٿو. اسان ان کي مصنوعي حصن ۾ ورهايون ٿا ۽ انسان جي، انساني ۽ حيواني دنيائن سان رشتن، فطري ۽ مشيني يا ٽيڪنالاجيڪل دنيائن سان رشتن ۽ ڪيترن ئي ٻين طريقن جي رشتن جي ڳالهه ڪريون ٿا، پر سچي سماجيت سکڻ لاءِ فرد کي پنهنجي تجربي جي سمورن مختلف حصن سان پنهنجي رشتي ۾ اعتماد حاصل ڪرڻو پوندو ۽ دنيا کي جدا جدا رشتن جو ٿلهو مجموعو سمجهڻ بدران ان کي هڪ واحد مجموعيت طور ڏسڻو پوندو."

## متحرڪ بنياد

ڪن به خاص صلاحيتن يا نعمتن کان علاوه، جيڪي هڪ فرد کي مخصوص بڻائن ٿيون ۽ ان انداز تي اثرانداز ٿين ٿيون،*جنهن سان هو زندگيءَ کي منهن ڏئي ٿو، صلاحيت يا عمر ۾ فرقن کي ڏيان ۾ رکڻ کانسواءِ احساس جون وڏيڪ چار قابليتون ٿين ٿيون، جن تي ماحول سان هڪ مثبت رشتي جو دارومدار ٿئي ٿو. هڪ جي اڳ ئي نشاندهي ڪئي وئي آهي، جيڪا آهي شوق/ لڳاءُ، ٻيون ٽي آهن خود اعتمادي، تجسس ۽ پروسو.

خوداعتماديءَ ڪانسواءِ، جنهن ۾ بهرحال عزت نفس، ذاتي قدر جو هڪ احساس بہ شامل آهي، هڪ فرد ، زندگيءَ جي للڪارن کي منهن ڏيڻ ۾ لولو لنگڙو ٿي پوي ٿو. ذاتي اهميت جو احساس، همت افزائي ۽ حاصلات جو نتيجو ٿئي ٿو. انهن جي يقينيءَ ڪانسواءِ پاڻ کي نون تجربن ۾ آزمائڻ جي همت جو پڻ يقين ٿي وڃي ٿو.

خود اعتمادي ۽ شوق ۾ هڪ زنده تجسس کي ضرور شامل ڪرڻ گهرجي، جيڪڏهن ماڻهو کي صرف ان انداز ۾ وڌڻو آهي، جنهن ۾ هو وڌي سگهي ٿو يعني پنهنجي ماحول سان وڌ ۾ وڌ اهم رشتن ۾ داخل ٿيندي. آخر ۾ اسان کي ان ۾ پروسي جو بنيادي رجحان شامل ڪرڻ گهرجي. ڪي رستا ۽ ڪي ماڻهو بهرحال پروسي جوڳا نہ ۽ ڦرڻا گهرڻا نڪري سگهن ٿا، پر زندگي ۽ ماڻهن ۾ هڪ بنيادي ويساهہ ڪان سواءِ، فرد زنده رهڻ ڪان ئي رُڪجي ويندو، ويساهہ، محبت، تحفظ ۽ خيال ڪيو وڃڻ جي تجربي مان ۽ زندگي ۽ ٻين ماڻهن جي مزي وٺڻ مان پيدا ٿئي ٿو. اهو انڪري آهي تہ هر جديد انسان کي مڪمل ذاتي ترقي حاصل ڪري وٺڻ ۾ ۽ سڄي حياتيءَ دوران تبديليءَ سان پچڻ ۾ هڪ وڏو فاصلو طئي ڪرڻو پوي ٿو ۽ ان ڪري بہ تہ هاڻي تعليم ڪي. هڪ نوجوان کي بلڪل ئي هڪ مختلف انداز ۾ تيار ڪرڻو پوي ٿو، بنسبت ماضيءَ جي طريقي جي، جنهن ان وقت جون ضرورتون سهڻي نموني پوريون ڪيون ٿي.

هيءَ ڳالهہ نہ رڳو سماجي طور اهم آهي پر ذاتي طور بہ اهم آهي، هڪ جديد جمهوريت کي هوشيار مڪمل ٿيل شهري گهرجن، جيڪي سماج ۽ دنيا سان پنهنجن لاڳاپن کي سمجهڻ لاءِ، پاڻ کي تيار ڪري رهيا هجن. جمهوريت هڪ اهڙي صورتحال ۾ زنده نہ پئي رهي سگهي، جتي علم جي ڏاهن جي هڪ اقليت، جاهل ۽ بي يارو مددگار پرولتاريہ (پورهيتن) کي پنهنجي مرضيءَ سان هلائڻ جي پوزيشن ۾ هئي، ۽ جمهوريت ڪانسواءِ هڪ فرد جي ذاتي واڌاري جو موقعو، جيڪڏهن اهو صفا ختم نہ ٿو ٿي وڃي تہ بہ، گهٽجي ضرور وڃي ٿو. اهڙي طرح وڌڻ جي آزادي، ماڻهن ۽ سماج لاءِ هڪ واحد سلسلي جا پاسا آهن.

جيڪڏهن فرد کي هڪ بدلجندڙ دنيا ۾ موثر انداز ۾ شرڪتڪاري ڪرڻي آهي ۽ ان تجربي مان فائدو حاصل ڪرڻو آهي، تہ پوءِ ننڍي ٻار جي زندگيءَ جي شوق کي پالڻو ۽ نپائڻو پوندو تہ جيئن اهو وقت گذرڻ سان اُجهامڻ بدران نڪرندو وڃي: هڪ جديد تعليم کي گهٽي پاڳي ان ئي ڏس ۾ پرکڻو آهي تہ اها اهو مقصد حاصل ڪرڻ ۾ ڪيتري حد تائين ڪامياب وڃي ٿي.

حمايتي يا مخالف هوندا آهن. نوجوانيءَ جي زماني ۾ سماجي افق ڦهلجي ويندا آهن؛ گهر، جيتوڻيڪ اڃا تائين اهو تمام گهڻو اهم هوندو آهي، هڪ پس منظري ٿاڪ بڻجي ويندو آهي، جتان دوستي، گڏيل زندگي، ٻي جنس سان تعلقاتن ۽ ڪليل سماجي موقعن جي کوجنا ڪرڻي هوندي آهي، جيڪي ان عمر ۾ پيدا ٿي رهيا هوندا آهن. ٻاهر ويڪري دنيا منجهه هيءَ ڇرپر شخصي عزت ۽ همت کي آزمائش ۾ وجهي ڇڏيندي آهي ۽ ٻاراڻي زماني کان وڌيڪ گهرن نتيجن ۽ فيصلن جي تقاضا ڪندي آهي.

نوجوان اڳتي نهاريندا آهن، اهو غور ڪرڻ تي ته هو ڇا ٿيڻ ۽ ڇا ڪرڻ چاهن ٿا، اهوئي سبب آهي جو نوجوانن جي تعليم کي مخصوص نوڪرين لاءِ تنگ سڪيا ۾ سسي وڃڻ بدران سندن روزگار جي موقعن کي به پنهنجي اندر ضرور شامل ڪرڻ گهرجي. مستقبل نوجوانن ۾ وڌيڪ لچڪيداري گهرندو، جنهن جي ماضيءَ ۾ ڪڏهن به ايڏي ضرورت نه هئي. نوجوانن جي هڪ وڌيڪ ضرورت پنهنجي متعلق، ٻين ماڻهن متعلق، سماج متعلق جنهن ۾ هو رهندا آهن، فطرت متعلق ۽ همعصر انسانيت جي مسئلن متعلق هڪ جائز نقطه نظر حاصل ڪرڻ هوندو آهي، يعني هنن کي زندگي ۽ سماج جي ارتقا جي ۽ زندگيءَ ۾ سندن مقامءِ حصي جي هڪ هم آهنگ سمجهاڻيءَ جي ضرورت هوندي آهي. ان نقطه نظر جي اڻ هوند ۾ نوجوان ماڻهو، مونجهاري جي رحم ڪرم تي ڇڏيل هوندا آهن، جيڪا جديد سماج جي هڪ عام خصلت آهي.

اهڙي صورتحال ۾ وجود هڪ بي معنيٰ بدنظمي بڻجي سگهي ٿو ۽ سندن زندگيون ڪنهن به مرڪز يا هڪ طرف کانسواءِ گذرن ٿيون. اهو بلڪل ٿي سگهي ٿو ته نااميد گمشدگي ۽ نڌڪي خسيسپڻي جا احساس خوشحال حالتن ۾ رهندڙ نوجوانن ۾ نه سمجهه ۾ ايندڙ خودڪشين ۾ تازي واڌ جا ذميوار آهن. وڪٽر فرئنڪلن ڪتاب "معنيٰ لاءِ اڻ ٻڌل رڙ" ۾ لکي ٿو:

"انسان، معنيٰ جي ڳولا ۾ هڪ هستي آهي. اڄ بهرحال معنيٰ جو عزم مايوس ٿيل آهي. اسان نفسياتي ماهرن ڏانهن روزانو بي مقصديت ۽ خالي پڻي جي احساسن جي شڪايتن سان، فضول پڻي ۽ بيهودگيءَ جي هڪ احساس سان، وڌيڪ مريض اچي رهيا آهن." هتي فرئنڪلن وڏن ماڻهن جي باري ۾ ڳالهائي رهيو آهي پر نوجوانن جي حالت ان کان اڃا به وڌيڪ خراب آهي، جيڪي انهن مونجهارن منجهان جيڪي خود نوجواني پيدا ڪندي آهي، هڪ منجهائيندڙ دنيا جو ڪو مطلب ڳولڻ جي ڪوشش ڪندا آهن، پوءِ اها سمجهاڻي حاصل ڪرڻ ۾ نوجوانن جي مدد ڪرڻ، ثانوي تعليم جي ترجيحن ۾ اوچي هجڻ گهرجي.

ان کان علاوه نوجوانن کي قدرن جي هڪ مجموعي تائين پهچائڻ ۾ اسان کي سندن مدد ڪرڻ گهرجي، جن ذريعي هو پنهنجيون زندگيون گهڙي سگهن.

ڪرڻ جي اهليت، ڪان ڪتيل هجڻ ڪانپوءِ اهي علمي قدر نسبتاً ناڪاره ٿي وڃن ٿا. حقيقي زندگيءَ ۾ عظيم طبعيتدان، ڪيميادان، حياتياتي ماهر ۽ رياضي دان هميشہ عملي ۽ ايجادون ڪندڙ پڻي رهيا آهن، جيڪي اڪثر پنهنجي تحقيق لاءِ گهربل سامان پاڻ ايجاد ڪندا رهندا آهن يا جيئن ڪين ضرورت پوندي آهي، اهي طريقا ۽ مساواتون گهڙيندا رهندا آهن. جديد دنيا ۾ هڪ پيشيوراڻہ ماهر کي گهڻ ـ هنرو ٿيڻو پوي ٿو. مثال طور هڪ سٺي ڏندن جي ماهر ڊاڪٽر کي ٻين شين سان گڏ، پنهنجن هٿن سان ڦڙت ٿيڻو پوندو آهي، سامان سان خوب واقف ٿيڻو پوندو آهي، جيڪو هو استعمال ڪندو آهي، ايڪسري فوٽوگرافي ڪرڻ جي لائق ٿيڻو پوندو آهي، ڪيس پتڪڙين شين جي زبردست درستيءَ واري انجنيئرنگ حاصل ڪرڻ جي صلاحيت هجڻ گهرجي، پنهنجن اوزارن ۾ سنهي ٽلهي مرمت ڪرڻ جي قابليت هجڻ گهرجي، هو چاٺيندو هجي تہ سُيون ڪيئن هٽيبون آهن ۽ هو ذهني پريشاني پيدا ڪندڙ حالتن ۾ ماڻهن سان منهن ڏيڻ ۾ پڙ هجڻ گهرجي. روايتي درسي تعليم انهن حقيقتن کي ڌيان ۾ رکڻ ۾ ناڪام وئي آهي. اڄ روايتي تعليم جي حد بندين سان عدم اطمينان ڪيترن ئي زمرن ۾ ظاهر ٿي رهيو آهي. ان جو هڪ مثال، لنڊن ۾ رائل سوسائٽي آف آرٽس طرفان ڪنيل قدم "صلاحيت لاءِ تعليم" آهي. اهو هڪ بيان جي چوڌاري منظم ڪيو ويو آهي، جيڪو چئي ٿو، "ثانوي يا اعليٰ تعليم ۾ نوجوان وڌ ۾ وڌ مخصوص علم حاصل ڪن ٿا ۽ هو اهو اڪثر ايترن تہ طريقن سان حاصل ڪن ٿا جو ان جو مطلب اهو نڪري ٿو تہ هو رڳو ڏاهپ ۽ سائنس جي هنرن جي مشق ڪرڻ لاءِ پاڙهيا وڃن ٿا. هو مخصوص مضمونن جي ڄاڻ حاصل ڪندا آهن پر هو ان ڄاڻ کي اهڙن طريقن ۾ استعمال ڪرڻ لاءِ تيار ٿيل نہ هوندا آهن، جيڪي تعليمي سرشتي کان ٻاهر وسندڙ دنيا لاءِ موزون هجن. هيءَ اٽبرابري فردن لاءِ، صنعت لاءِ ۽ معاشري لاءِ هاجيڪار آهي. هڪ سٺي متوازن تعليم کي بهرحال تجزئي ۽ حصول علم کي ڳلي لڳائڻ گهرجي. پر ان ۾ تخليقي ڏانئن جي مشق، ڪمن جي ذميواري ڪڻ ۽ انهن کي پوري ڪرڻ جي ڦڙتي ۽ روزمره جي زندگيءَ سان منهن ڏيڻ جي اهليت ۽ اهي سموريون شيون، ٻين ماڻهن سان سهڪار ۾ ڪرڻ پڻ شامل هجڻ گهرجن."

هن بيان تي چرچ، تعليم، صنعت ۽ فنونِ لطيفہ جي 250 کان مٿي مشهور شخصيتن، 20 پروفيسرن سميت، جون صحيحون ٿيل آهن. ان کان اڳ ڪڏهن بہ ڪنهن اهڙي موثر جماعت طرفان تعليم کي ائين نہ للڪاريو ويو آهي، جيئن اهو بيان آهي، ۽ اهي اڪيلا نہ آهن، ڪيترائي ماڻهو تعليم جي هڪ وڌيڪ جامع ۽ وڌيڪ فعال طرز جي گهر ڪري رهيا آهن. جيڪو اسان جي اڪثر لائق نوجوان ڏاهن مان ڪيترن آڏو تعليم جو مطلب پئي رهيو آهي، جڏهن تہ غير علمي (Non-academic) ٻارن جا ميڙ اسڪول ڇڏن ٿا، سندن دماغ ۾ نوڪيل ڪمتريءَ جي

حد کان وڌيڪ مڙهيل درسي يڪسانيت ذريعي تباهي آهي. البرٽ آئن اسٽائن به سائنس لاءِ پنهنجو شوق مڙهيل سخت محنت ذريعي بچهايو هو، هو چئي ٿو:

"ماڻهوءَ کي هي سمورو مواد امتحان خاطر پنهنجي ذهن ۾ رٽڻو پوي ٿو، پوءِ چاهي هو ان کي پسند ڪندو هجي يا نه. هن جبر مون تي اهڙو ته خراب اثر وڌو جو فائنل امتحان پاس ڪرڻ ڪانپوءِ مان سڄو سال ڪنهن به قسم جي سائنسي مسئلي کي غور هيٺ آڻڻ پنهنجي لاءِ ناپسنديده پائيم."

اسانکي پڪڙو آهي ته روايتي نصابن جي جبري دٻاءَ هيٺ ڪيترين نه لکل صلاحيتن ڪچليون ويون آهن ۽ ڪچليل آهن. عام رواجي تعليم سان گڏوگڏ جيڪڏهن نوجوان ماڻهن کي هڪ جوشيلي ۽ سرگرم اسڪول برادري، هڪ وسيع نصاب ۽ ذاتي دلچسپيون پيدا ڪرڻ لاءِ همت افزائي مهيا ڪرئ ڏجي ته پوءِ هو مستقبل کي منهن ڏيڻ لاءِ تيار ٿي، اسڪول ڇڏي سگهن ٿا ۽ وڌيڪ سکيا لاءِ پنهنجو جوش جذبو به سالم رکي سگهن ٿا.

## زندگي ڀر سکيا

اسان ڏسي چڪا آهيون ته اسان کي جديد تعليم کي بحيثيت مجموعي ڏسڻو آهي، يعني اسڪول کان اڳ جي تعليم، پرائمري تعليم، ثانوي تعليم، ان کان اڳتي ۽ بالغن جي تعليم کي، سکڻ، ڪم ڪرڻ، مزو وٺڻ ۽ ناتو پيدا ڪرڻ جي صلاحيتن ۾ ٿيندڙ مسلسل تبديليءَ جي زمري ۾ ڏسڻو آهي. اهڙي صورتحال ۾ اسان ڪنهن به فرد کي جيڪو اسڪول يا يونيورسٽيءَ مان فارغ ٿي رهيو هوندو آهي، وڌيڪ ائين تصور نه ٿا ڪري سگهون ته هن وٽ علم ۽ هنر جو ايترو ذخيرو آهي، جو اهو هن کي زندگيءَ مان پار ڪرائي ويندو. هڪ روزگار سان پاڻ کي برابر رکڻ ۾ يا پنهنجي ذاتي نشو و نما کي جاري رکڻ ۾، هڪ زنده ذهن ۽ نئين سکيا ۽ تجربن لاءِ اُڃ، اثرپذيريءَ لاءِ درست بنياد آهن. اهڙي فرد کي، جيڪو مڪمل نوڪريءَ ۾ هوندو آهي، پنهنجي ڪم ڪار واري زندگيءَ جي ضرورتن — نئين مواد، نون منصوبن، نون سرشتن، نون لاڳاپن، نئين سازوسامان، سان پاڻ کي لڳاتار ٺهڪائڻو پوندو آهي، اهڙي شخص کي، جيڪو بي روزگار هوندو آهي يا خود روزگار وارو هوندو آهي، حالتن سان ٺهڪڻ جي پنهنجي صلاحيت کي اڃا به وڌيڪ زور سان پرکڻو هوندو آهي. پيشيورانہ سبب ڪري يا ذاتي سبب ڪري، مستقبل ۾ هر ماڻهوءَ کي پنهنجي زندگيءَ جي مختلف مرحلن تي هڪ يا ٻئي قسم جي وڌيڪ تعليم جي وقفي لاءِ، ڪنهن سکيا گهر ۾ وڃڻو پوندو. ان جو هڪ واضح فائدو هي آهي ته وڏن ۽ نوجوانن وچ ۾ وٿي گهٽجي ويندي. اسان هاڻي

مشترڪ للڪار سان گڏجي منهن ڏئي رهيا آهيون. هيءَ ڳالهہ اسان کي دعوت ڏئي ٿي تہ تعليم ڪي هڪ اپيشاهاٿي "اسان ۾ اهي" واري نظام مان، اهو سمجهڻ جي هڪ سهڪاري ڪوشش ۾ بدلايون تہ اسان جي چوڌاري ڇا ٿي رهيو آهي. اسان پوءِ ئي وجود ۾ قدرن کي، پائيوارن طور ڳولي سگهنداسين؛ بلوغت جو تجربو، جوانيءَ جي تازگيءَ سان گڏ ڪم ڪندي، ماٺي سگهبو، نہ ڪ ان جي مخالفت ۾!

. ....................

هڪبئي کان تمام گهڻو الڳ الڳ هجڻ ڪري گڏيل مقصدن ۾ بلڪل به شريڪ نه ٿيڻ ڪري، اسان پنهنجي شيءِ ڪرڻ تي گذارو ڪريون ٿا، پنهنجو ڏاڪو چماٽڻ جي ڪريون ٿا، پنهنجين ملڪيتن جا ڍڳ ڪٺا ڪندا رهون ٿا. پر بهرحال نااميد ماڻهن کي حق بجانب قرار ڏيڻ لاءِ گهڻي نوازش موجود آهي. جيڪڏهن اها خبر پوي ٿي ته گهٽيءَ جي پڇاڙيءَ تي هڪ خاندان لنگهڻ ڪاٽي رهيو آهي ته پوءِ ماڻهن وٽان ڪاڏو پهچڻ شروع ٿي ويندو آهي. اهڙي طرح جڏهن دنيا جي سطح تي ڪي واضح بحران اُڀري پوندا آهن. جيئن مثال طور هڪ ٻوڏ يا ڏڪار جي حالت ۾ ته پوءِ عالمي سطح تي ان کان ڇوٽڪارو حاصل ڪرڻ لاءِ زبردست ڪوششون ورتيون وينديون آهن. جنهن شيءِ جي کوٽ آهي، اهو آهي گهٽي حد تائين مستقل مقصد.

هيءَ حقيقت ته لکين ماڻهو بک مرڻ جي حد تي يا ان جي ويجهو باقاعده طور تي زندگي گهاري رهيا آهن، اسان جي احساسن لاءِ ڪنهن طرح سان گهٽي آهي. هڪ دفعو جڏهن ڪو بحران گذري وڃي ٿو، پوءِ اسان، جن وٽ کائڻ لاءِ ڪِپل هوندو آهي، بکايل ماڻهن بابت وساري ڇڏيندا آهيون. پر هاڻي ڌرتيءَ جي نعمتن جي هڪ وڏيڪ منصفاڻي ورڇ ڏانهن فيصلاتي قدم لاءِ ميدان تيار ٿي رهيو آهي. جڏهن گارڊين اخبار جي صحافي جِل ٽويڊي، نوجوان ماڻهن جي هڪ گروپ جا ان باري ۾ خيال ته جيڪڏهن هنن کي دنيا هلائڻ لاءِ ڏني وڃي ته هو ڇا ڪندا؟ اخبار ۾ ڇاپيا، ته سندن جواب هو: "هر ماڻهوءَ جي پيٽ ۾ کاڌو وجهنداسين، پوءِ ڇاهي ان لاءِ اسان کي پنهنجي زندگيءَ جو معيار ڇو نه گهٽائڻو پنجي وڃي."

مستقل بک جي محض دهشت، شعور ۾ ڏار وجهڻ شروع ڪري ڇڏيو آهي، نه رڳو دل جي ڀلائيءَ جو رخ تبديليءَ ڏانهن آهي پر اڄ انسانذات جي هٿ ۾ هڪ ٻيو محرڪ- ناقابل انتظام بدنظميءَ جو خوف آهي. دنيا ۾ ناانصافي، هڪ بحران ڏانهن وڌي رهي آهي، جيڪو اسان کي وڪوڙي سگهي ٿو، ائتم بم يا نه! اسانکي انسانذات لاءِ بحيثيت مجموعي فڪر ڏيکارڻ شروع ڪرڻو آهي، انصاف ۽ آزاديءَ کي اڳتي وڌائڻو آهي، استحصالين کي ڏڪڻو ۽ پري هٽائڻو آهي، دنيا کي تبديل ڪرڻ لاءِ سهڪار کي اڳتي آڻڻو آهي. ان جو متبادل هڪ وڌندڙ بي چيني، وڌندڙ بغاوت ۽ وڌندڙ دهشتگرديءَ جي صورت ۾ نڪرندو. جيڪڏهن انهن ماڻهن، جن وٽ دنيا جي دولت آهي ۽ جيڪي ان کي هيٺ مٿي ڪندڙ آهن، حقيقت ۾ انهن مظلوم ماڻهن کي زندگيءَ جي شروعات ڪرڻ لاءِ مٿي کڻي اچڻ ۾ مدد ڪرڻ شروع نه ڪئي، ته پوءِ اهي سماج جن مٿان هو پنهنجي رتبي، دولت ۽ اقتدار لاءِ دارومدار رکن ٿا، سندن چوگرد تباهه ٿيڻ شروع ٿيندا. اڄ هن خود فريبي بيان ته "مان نيڪ آهيان، جيڪ" جي جاءِ تي اسان کي بدشگني سوال داخل ڪرڻا آهن ته "ڇا تون نيڪ آهين، جيڪ؟"، "ڇا توکي پڪ آهي، ڪيتري وقت لاءِ؟" هي پيغام داخل

ٿيڻ شروع ٿي چڪو آهي. اعليٰ اقتداري مقامن تي موجود ڪي ماڻهو واقعي به هڪ تعميري سماجي ڪردار ادا ڪرڻ چاهيندا آهن. خواهه مخواهه فڪرمنديءَ يا، مصلحت/مجبوريءَ سبب، تبديلي ضرور ايندي، پر ڪهڙي حتمي مقصد جي رهنمائيءَ هيٺ؟

چاهي اسان موجوده صورتحال تي هڪ فرد جي نقطه نظر کان نظر وجهون، جيڪو پنهنجي ذاتي زندگيءَ ۾ خوشي ۽ هم آهنگي آڻڻ لاءِ جدوجهد ڪري رهيو هوندو آهي يا قومي ۽ عالمي تشويشن جي ڪشادي نقطه نظر کان، ٻنهي صورتن ۾ اڄ فوري ضرورت اسان جي انساني آئيندي ۽معاملا نبيرڻ لاءِ متفقه قدرن بابت هڪ مشترڪ عالمي نقطه نظر جي آهي.

اسان جي آڏو موجود انتخابن جي روشنيءَ ۾ اهڙو هڪ تعميري عالمي نقطه نظر ڪيئن جڙي سگهي ٿو؟ ان لاءِ پهريان اسان کي باب پهرئين کان وڌيڪ تفصيل ۾ ان ڳالهه تي غور ڪرڻو پوندو ته آخر ڇو خود دنيا جا عظيم مذهب، ضروري گڏيل نقطه نظر مهيا ڪرڻ جي لائق نه آهن؟

## عيسائيت. هڪ دفعو ٻيهر نظر هيٺ

عيسائي چوندا آهن ته "رڳو جيڪڏهن سڄي دنيا عيسائي ٿي وڃي ته پوءِ سڀ ڪجهه نيڪ ٿي ويندو."

ان جو مطلب اهو آهي ته عيسائيت، انسانذات کي هڪ واحد، چٽو، رحمدل پيغام آڇي ٿي، پر افسوس سان چوڻو پوي ٿو ته اها ائين نه ٿي ڪري. عيسائيت جي مرڪز ۾، هڪ محبت ڪندڙ، پياري شخصيت حضرت عيسيٰ آهي، جنهن جي اخلاقي بصيرت، جيئن اها انجيل ۾ سانديل آهي، پنهنجي زماني کان ڪافي اڳتي نڪتل هئي ۽ جنهن جي ماڻهن لاءِ محبت، زندگيءَ جومعيار ۽ موت تائين بهادري صدين کان لکين ماڻهن جون دليون ۽ اميدون پئي جيتيون آهن. بهرحال بدقسمتيءَ سان عيسائيت ڪو موافق پيغام پيش نه ڪيو آهي.

جيستائين واقعا ياد ڪندڙ، سانديندڙ ۽ ترجمو ڪندڙ پنهنجو ڪم ڪن، ان وچ ۾ انجيل ۾ جيڪو ڪجهه اسان تائين پهچي چڪو آهي، اهو ايترن ته تضادن سان منجهيل آهي، جو ڪنيڪر عيسائين جهڙا رحمدل ماڻهو ۽ ڪوڪلڪس ڪلان جهڙا رت جا پياسا شيدائي- ٻئي عيسائيت منجهان پنهنجي درست هجڻ جي جواز جي دعويٰ ڪن ٿا. هڪ ڏڙي پنهنجو بنياد عيسيٰ جي انسانيت مٿان رکيو آهي، جڏهن ته ٻيو انجيل جي بيانن جي انتقامي سزائن منجهان سهارو وٺي ٿو. انجيل جو ڪتاب متي، باب ۷، بيت اچني ٿو: .

"عيب جوئي نہ ڪريو، منان اوهان جي بہ عيب جوئي نہ ٿئي."

۽ باب 18، بيت 12 ۽ 22 ۾، اسان کي هيءَ گفتگو ملي ٿي: "پطرس: اي خداوند! جيڪڏهن منهنجو ڀاءُ منهنجو ڏوهہ ڪندو رهي تہ آئون ڪيس ڪيترا ڀيرا معاف ڪريان؟ ڇا ستن ڀيرن تائين؟ يسوع چيس تہ آئون توکي ڪونہ ٿو چوان تہ ستن ڀيرن تائين پر ستر دفعا ستن ڀيرن تائين."

عيسيٰ جي معاف ڪندڙ شرافت جا ٻيا بہ ڪيترائي مثال ڏئي سگهجن ٿا. ان جي برعڪس دوزخ جي باهہ وارا اعلان آهن، جيڪي پڻ عيسيٰ ڏانهن منسوب ڪيا وڃن ٿا. مثال طور: "جيڪو بہ ماٺهو پاڪ روح خلاف ڳالهائيندو، ان کي نہ هن دنيا ۾ ۽ نہ ايندڙ دنيا ۾معاف ڪيو ويندو." (ڪتاب متي باب 12، بيت 32)

ان ۾ وڌيڪ ڏکيائي اها آهي تہ پڙهندڙ کي ان بابت ڪابہ وضاحت نہ ٿي ڏني وڃي تہ "پاڪ روح" جو مطلب ڇا آهي، جيڪا هڪ اهڙي نظراندازي آهي، جنهن صدين کان ڪنين دلين اندر خوامخواهہ جو خوف پيدا ڪري ڇڏيو آهي. ٻني هنڌ اسان گناهہ ڪندڙن کي ڪڏهن نہ اُجهامندڙ باهہ ۾ اڇلائڻ جو ٻڌون ٿا (ڪتاب متي، باب 25، بيت 41) ۽ ڪتاب مرقس باب 16، بيت 16، "اهو جنهن ايمان آندو ۽ بپتسميو ورتو، بچايو ويندو پر اهو جنهن ايمان نہ آندو، لعنتيو ويندو." يا وري ڪتاب متي، باب 13، بيت 49 ۽ 50 ۾:

"دنيا جي پڇاڙيءَ تي ائين ٿيندو تہ فرشتا اڳيان ايندا ۽ راستباز ماٺهن کان ظالم ماٺهن کي ڇني ڌار ڪندا ۽ انهنکي باهہ جي ڀٺيءَ ۾ اڇلائيندا، اتي پوءِ روڄ راڙو ۽ ڏندن جو ڪرٽڻ هوندو."

معاف ڪندڙ عيسيٰ ۽ انتقام وٺندڙ عيسيٰ جوناهہ نہ ٿو ڪرائي سگهجي. ماٺهوءَ کي شڪ ٿو ٿئي تہ شيدائي ساڻيندڙن اصل واقعن ۾ ڦيرڦار ڪري ڇڏي آهي، جيئن عيسيٰ جي مرڪزي شرافت کي پاسيرو ڏکي ڇڏجي، جيڪا حقيقت ۾ انهن ماٺهن لاءِ پريشاني پيدا ڪندڙ هئي، جيڪي آپيشاهاڻي اقتدار پوياں هئا. بدقسمتيءَ سان انتقامي بيان سموري عيسائي دور دوران هڪ يا ٻئي وقت تي بي درد ظلم کي حق بجانب قرار ڏيڻ لاءِ برقرار رکيا ويا آهن، جنهن ۾ ماٺهن کي زنده جلائڻ بہ شامل هو. ملحدن جي عدالتي سزائن (Inquisition)، سينٽ بارٿولميو جي شام جي قتل عام ۽ ٻين ڪيترن ئي وحشياڻي واقعن جي منظوري، چرچ طرفان نہ ڏني وڃي ها، جيڪڏهن انجيل ۾ اهڙا بيان موجود نہ هجن ها، جيڪي ان خيال جي پنيرائي ڪن ٿا تہ ملحد جوڳي سزا جا مستحق آهن.

انجيل جي ڪتابن ۾ ٻيون بہ ڪيتريون ئي خاميون ملن ٿيون، مثال طور عيسيٰ تنگ قسم جي قانونن جو ڪوبہ احترام نہ ٿو ڏيکاري. فريسين کي هو ٻڌائي ٿو، "سبات، انسان لاءِ ناهيو ويو، نہ ڪہ انسان سبات لاءِ" ۽ هن انهن ماٺهن کي فوراً خاموش ڪرائي ڇڏيو، جن هن تي هٿن ڌوئڻ ڪانسواءِ ماني کائڻ جو

الزام ڏريو، پر ٻئي هنڌ عيسيٰ کي هيئن چوندي ٻڌايو ويو آهي (ڪتاب لوقا، باب 16، بيت 17):

"شريعت جو هڪڙو نقطو ٽري وڃي، تنهن کان آسمان ۽ زمين جو ٽري وڃڻ سولو آهي."

اهڙا نقطا، انجيل جي ڪتابن جي مڪمل اثر جي پيٽ ۾ محض لفظن جي هيراڦيري ليکي سگهجن ٿا پر اهي اهڙي ڪنهن به دعويٰ کي رد ڪن ٿا ته انجيل جا ڪتاب هر تفصيل ۾ هڪ درست رڪارڊ آهن. اسان کي اهو به ضرور ياد رکڻ گهرجي ته مقدس ڪتاب، جيئن اهي انجيل جي شڪل ۾ موجود آهن، رڳو ان جا مثال آهن، جيڪو اوائلي عيسائي دور ۾ يسوع مسيح جي زندگي ۽ سندس ڪارنامن جي رڪارڊ طور موجود هو. اهي حقيقت ۾ انسان جي نهيل هڪ چونڊ آهن، جيڪا 200 سال يسوع مسيح جي موت کانپوءِ عمل ۾ آئي. نام نهاد ناسٽڪ پاڪ ڪتابن کي انجيل کان ٻاهر رکيو ويو- جن ۾ ٿامس جو ڪتاب ۽ فلپ جو ڪتاب شامل هئا، شايد ان ڪري ته انهن ۾ روم جي اوائلي عيسائي موروثيت لاءِ مشڪل خيال موجود هئا. خارج ڪيل پاڪ ڪتابن، جيئن پروفيسر ايلين پيجلس (1979) واضح ڪيو آهي، حقيقي انساني سياءَ جي انجيل ۾ ظاهر ڪيل تصوير کان وڌيڪ پر اميد تصوير پيش ڪني ٿي، ۽ اهي علمِ ذات جي قدر ۽ عورتن جي عزت تي زور ڏيڻ ۾ واضح طور تي جديد هئا.

مذهبي ماهر ڪيترن ئي سالن کان ان ڪم تي لڳل آهن ته اهي اڻپوري ۽ ڪڏهن ته بگاڙيل رڪارڊ مان، جيڪو اسان تائين پهتو آهي، عيسيٰ ۽ پاڪ ڪتابن بابت حقيقتون ڇاڻڻ جي ڪوشش ڪن، سندن ان ڪم ۾ ڪنهن به وقت وڌيڪ کوجنائن ذريعي جيئن مثل سمنڊ جي ڪاغذن ۽ ناگ همادي جي قديم ڪاغذن مان مدد ملي سگهيتي. پوءِ به سڄي ڪهاڻي شايد ڪڏهن به نه معلوم ٿي سگهي. ان ڪري عيسائيت خود پنهنجي سچ بابت به يقين سان نه ٿي ڳالهائي سگهي، جيتوڻيڪ بهرحال عيسيٰ جي استقامت ۽ رحمدلي ڪيترن ئي ماڻهن کي اميد ۽ سڪون پهچائيندي رهندي. هاڻي بس اٿين ئي شيون بيٺل آهن، سواءِ ان جي ته ڪي ماڻهو عيسيٰ جي وجود تي ئي شڪ ڪن ٿا پر ڇا عيسيٰ سڏيو ويندڙ اهو ماڻهو واقعي به خدا هو؟ خود عيسيٰ کي به ان باري ۾ مڪمل طور تي يقين نه ٿو لڳي، سمورن هڪجهڙن (Synoptic) پاڪ ڪتابن (متي، مرقس، لوقا) ۾ عيسيٰ پنهنجو پاڻ کي "انسان جو پٽ" سڏي ٿو ۽ هڪ موقعي تي هيئن چوندي ٻڌايو وڃي ٿو، "توهان مونکي سنو ڇو ٿا سڏيو؟ ڪو به سنو ڪونهي، سواءِ هڪ جي، جيڪو خدا آهي." (ڪتاب متي باب ١٩ بيت ١٧)

اهي پيا آهن، نه ڪه عيسيٰ، جيڪي ڪڏهن ڪڏهن عيسيٰ کي "خدا جو پٽ" سڏن ٿا. عيسيٰ پاڻ کي ان خداوند خدا سان روح ۾ هڪ محسوس ڪيو،

هڪ غير معمولي طور نوازيل، زبردست ذاتي وابستگي ۽ استقامت واري اخلاقي استاد جي پيش ڪن ٿيون، هڪ اهڙي شخص جي طور تي جنهن جي ڏاهپ ۽ انسانيت، وقت جي قيد کان آزاد آهن؛ اهڙو شخص جنهن کي پڌجي ۽ جنهن کان پرائجي؛ اهڙو شخص جنهن ڪيترن ئي انسانن کي اُتساهيو ۽ ڪيترن کي اُتساهيندو. هن جون انساني لياقتون يقيني آهن پر خدايت جون دعوائون نه!

هنن مسئلن ۾ پوڻ ان لاءِ ضروري نه ٿي پيو آهي ته عيسائي عقيدي جي ڪنهن جُزي کي سچو يا ڪوڙو ثابت ڪجي پر اهو ڏيکارڻ آهي، ته عيسائي برادريءَ ۾حل نه ٿيڻ جوڳا شڪ ۽ فرق موجود آهن، جيڪي عيسائيت کي بطور هڪ عالمي نقطہ نظر جي پيش ڪرڻ جي امڪان کي روڪن ٿا. ۽ جيڪڏهن عيسائيت نه، ته پوءِ ڇا؟

انسائيڪلوپيڊيا برٽنيڪا جي ساليانى ڪتاب ۾ دنيا جي وڏين مذهبي برادرين جي سرڪاري رڪنيت جا 1983ع جا انگ اکر ڪجهہ هن ريت آهن:

عيسائي: اٽڪل 1028,000,000

(هن ٽوٽل ۾ نالي ماتر ۽ عبادت ڪندڙ عيسائي شامل آهن ۽ اهو مختلف حصن ۽ فرقن ۾ ورهايل آهي، جنهن مان رڳو آمريڪا ۾ 150 موجود آهن.)

مسلمان: اٽڪل 500.000.000

(جيڪي سني ۽ شيعن ۽ ٻين ننڍن فرقن ۾ ورهايل آهن)

هندو: 458,000,000

(ڪيترائي فرقا)

ٻڌ يا تائونسٽ: 275.000.000

(ڪيترائي فرقا)

عيسائيت جا پوئلگ، سڀ کان گهٽا آهن پر جيئن اسان ڏسي آيا آهيون ته ان جي عالمگير عقيدي جو روپ اختيار ڪرڻ جو ڪوبہ امڪان ڪونهي، ساڳي صورتحال اسلام سان لاڳو آهي، جنهن جا اندروني تنازعا عيسائيت کان بہ وڌيڪ گهرا آهن. هندوازم مڪيہ طور تي برصغير تائين محدود آهي ۽ گهٽو امڪان آهي ته اهو ائين ئي رهندو. اسان کي بهرحال ٻڌزم تي هڪ ويجهڙي نظر وجهڻ گهرجي، جنهن ۾ هاڻي ڪيترن ئي ملڪن اندر وسيع دلچسپي پيدا ٿي رهي آهي، ڇاڪاڻ ته اهو جديد سائنسي نقطہ نظر جو، دنيا ۾ هاڻي سرگرم واڌو ويجهہ ۽ بصيرت جي مختلف تحريڪن سان سنگم ڪرائي ٿو: انڪائونٽر گروپ، دي ايڪوئرين سازش، گيسٽالٽ گروپ ۽ ڪيترائي ٻيا. اهي سڀ، پنهنجي پنهنجي انداز ۾ "روشن خيالي" پيش ڪري رهيا آهن.

تي اناپرست خود سرفرازيءَ جي تانگهہ ڪرڻ سبب پيدا ٿئي ٿي.
3. خواهش ختم ڪري ڇڏڻ سان پوڳنا کان بچي سگهجي ٿو.
4. اٺ نڪاتي رستي تي هلي روشنيءَ ڏانهن چرير ڪرڻ سان خواهش مٿان قابو پائي سگهجي ٿو.

هيءَ ڳالهہ ڌيان ۾ رکڻ گهرجي تہ خواهش کان بالاتر ٿيڻ تي زور ڀرڻ جي باوجود بہ ٻڌ ڌرم هڪ سخت تارڪ دنيا مذهب ناهي؛ ٻُڌ اها سکيا ڏني تہ ڏاهپ ڏانهن ويندڙ رستو، سادگي ۽ شفقت جي انتهاين وچ تي موجود هوندو آهي يعني ڪنفيوشنزم جو وچوارو رستو. هڪ خوشحال ۽ اخلاقي طور درست زندگيءَ لاءِ اٺ نڪاتي رستن جو هيٺين ريت اختصار پيش ڪري سگهجي ٿو:

1. درست نقطہ نظر...... هڪ درست نقطہ نظر ۽ رحم،
2. درست عزم ........ حاصل ڪرڻ ۽ انهن سان هم آهنگيءَ ۾ رهڻ جو عزم حاصل ڪرڻ
3. درست ڪلام..... صاف نموني ۽ ايمانداريءَ سان رابطو
4. درست عمل ........ قائم ڪرڻ، رحمدل، شائستو، بااخلاق ۽ پرهيزگار بڻجڻ.
5. درست گذران..... اهڙي نموني روزي ڪمائڻ، جيڪا ذاتي نشوونما ۽ ٻين جي فائدي ۾ سهڪاري هجي.
6. درست ڪوشش... ذهن ۽ عزم جون طاقتون، سوچ، ڌيان
7. درست جاڳرتا ..... غور و فڪر ۽ وجد پيدا ڪرڻ.
8. درست غور و فڪر...

زنده رهڻ جي فن ڏانهن اهڙي باترتيب رويي جو اثر، ڇهين صدي قبل مسيح جي تنازعن ۽ مونجهارن ۾ تمام زبردست هو. اهو اڄ بہ سني معنيٰ رکي ٿو: بهرحال ٻڌ ڌرم پنهنجي "نرواڻ" (مُڪتي) جي تصور ۾ جديد سوچ کان ڪجهہ هٽيل لڳي ٿو.

تصور جو پلو پاسو، وجود جي اهڙي حالت جي حاصلات ۾ ايمان رکڻ آهي، جنهن ۾ خوديءَ کي، ڪُل جي هڪ حصي طور محسوس ڪيو وڃي ٿو، تصور جو موچارو پاسو اهو آهي تہ اهڙو انداز آسانيءَ سان زندگيءَ جو انڪاري ٿي سگهي ٿو. نہ ٿيڻ جوڳي شيءِ کي تصور بڻائڻ، ڌرتيءَ تي زندگيءَ جي اهترن گهڻن ڦيرن کانپوءِ، جنهن دوران روح صاف ٿي وڃي ٿو ۽ عالمگير ۾ ائين ضم ٿي وڃي ٿو، جيئن هڪ درياهہ، سمنڊ ۾ ڇوڙ ڪري. زندگيءَ جو هي انڪار پنهنجو پاڻ ۾ قيمتي آهي، پر مغربي سوچ لاءِ اهو اوپرو آهي. هڪ جديد نفسياتي ماهر گهڻي قدر ان ڳالهہ سان متفق ٿيندو تہ هڪ ماڻهوءَ کي پنهنجي "انا جي قيد" مان ضرور

# زندگيءَ جو مرڪز

جديد رجحان اهو تجويز ڪن ٿا ته عالمي ربط ۽ ٻڌيءَ جو وسيلو اسان ۾ ۽ اسان جي چوڌاري موجود عظيم تخليقي اُڌمي طور، زندگيءَ جي احترام معرفت حاصل ڪرڻا آهن. گذريل ٽوررڙن سالن ۾ ماڻهو عام طور تي، زندگيءَ جي روپن جي گهٽائيءَ کان ان اعتبار کان واقف ٿيا آهن ته زنده شيون ڪيئن هر ان جڳهه ۾ داخل ٿي وڃن ٿيون، جتي بقا ۽ واڌ ويجهه جو ٿورڙو به امڪان موجود هجي ٿو: اوچاين تي جبلن ۾، سمنڊ جي گهراين ۾، گهاٽن جبلن ۾، بياباني ۾، برفاني سحرائن ۾ ۽ گرم چشمن ۾. زندگيءَ جي باري ۾ ڪابه ڳالهه ڪتابي نه آهي، اها موجود آهي، اها هر هنڌ موجود آهي . جڏهن ڪو به ماڻهو اهو سوال پڇي ٿو ته ڪائنات ڇا آهي؟ اسان اهو چئي سگهون ٿا ته اها بنا ڪنهن تنازعي جي اتان کان موجود آهي، جتي اسان بينا آهيون ۽ زندگيءَ جي ڦهلاءَ ۽ رنگينيءَ جومشاهدو ڪيون ٿا.

جيترو گهڻو اسان زندگيءَ جو مشاهدو ڪريون ٿا، اوترو گهڻو اسان ان کي دلڪش ۽ غير معمولي ڏسون ٿا. ڪائنات بحيثيت مجموعي پنهنجي طاقت وڃائيندي وڃي ٿي ۽ اٿين ڪندي اها وڌيڪ بي ترتيب ٿيندي وڃي ٿي. جيڪو گرم آهي، اهو ٿڌو ٿي وڃي ٿو، بجليءَ جو گهڻو ڪرنٽ، پاڻ کي کپائي ڇڏي ٿو، جبل آهستي آهستي ذرتيءَ جي سطح تي ايندا وڃن ٿا. پر زندگي، سج کان روشني ۽ گرمي حاصل ڪري ابتڙ رخ ۾ وهي ٿي، اها پاڻ ۾ تنظيم ۽ تفصيل وڌائيندي رهي ٿي، هيٺ ڪيرائيندڙ قوتن خلاف اها مٿي وڌندي رهي ٿي جيئن هڪ وڻ، ذرتيءَ جي ڪشش ثقل خلاف مٿي وڌي ٿو، اهو تخليق جو هڪ عظيم چاڙهه آهي. ذهني زندگي به پنهنجي مخصوص انداز ۾ غير معمولي آهي. ٻاهر تي غير جاندار قوتون، برق مقناطيسي لهرون، صوتي لهرون، مختلف گهراين وارو مادو، گرمي ۽ سطحون موجود آهن. سمورا رنگ، آواز، ذائقا، احساس ۽ صورتون، جيڪي فطرت کي اهم ۽ خوبصورت بڻائن ٿا، ٻاهر موجود نه آهن، اهي اسان جي دماغ اندر تخليق ڪيا وڃن ٿا، اسان جا دماغ ڪچين تنتي لهرن کي ان شاهوڪار تجربي ۾ تبديل ڪري وڃن ٿا، جيڪو زندگي پيش ڪري ٿي. زندگي، خياتياتي ۽ ذهني، اهڙي طرح عمل ڪري ٿي ته جيئن شين جي هيٺين ترتيب کي شين جي اعليٰ ترتيب ۾ تبديل ڪري ڇڏجي. ، ان جي عمل جو طريقو هڪ اهڙي ارتقا آهي، جيڪا مستقل طور تي پنهنجو پاڻ کي وڌيڪ پيچيده روپن ۾ بدلائيندي رهي ٿي. ارتقا اسان کي پيدا ڪيو آهي. ارتقا اسان جي محسوساتن ۽ غيرُ معمولي ذهني

اڳتي ڪٿي وڃڻ لاءِ گهربل توانائي ڪيئن هٿ ڪجي - تهذيبون، توانائيءَ جون عظيم ڪپائو هونديون آهن، پوءِ چاهي اهي غلامن جي جسماني طاقت يا بجليءَ جي بوردن جا ڪلوواٽ هجن؛ ٻيا مسئلا هئا، جلدي ۽ حفاظت سان پهچڻ - ٻنهي ذاتي ۽ تجارتي سببن لاءِ ۽ فاصلي تي رابطو قائم ڪرڻ؛ طبي ۽ صحت جا مسئلا، جيڪي ڪڏهن نه خطرناڪ قسم جا هئا مثلاً جيئن طاعون جي وبا (Bubonic Plague) جن هنن کي لڳاتار خبردار ڪري رکيو ۽ اڃا به وڌيڪ جڏهن شهري گهٽ پيدا ٿي. صاف پاڻي ۽ نيڪال جو سٺو طريقو، انساني تهذيب جي شروعات کان ئي جاري رهندڙ مسئلا آهن. يورپ ۾ ڪالرا جي وبا جو آخري ڦهلاءُ 1892 ۾ ٿيو. ان سان لاڳاپيل ٻيو مسئلو هو آبپاشيءَ جو، جيڪو ڪيترن ئي ماڻهن جي غذائي پيداوار جو بنياد هو.

انسان ذات لاءِ حيرت انگيز نموني جي نئين حقيقت هيءَ آهي ته هي سمورا قديم مسئلا هاڻي عملي حلن جي نقطن تي پهچي چڪا آهن. اڄ اسان کي سڄي دنيا کي نيڪ ناڪ نموني غذا ڏيڻ، ڪپڙا پارائڻ ۽ گهر ڏيڻ جي ڄاڻ حاصل ٿي چڪي آهي، اسان وٽ آبپاشي، صاف پاڻي، رستن، گندي پاڻيءَ جي موثر نيڪال جا طريقا موجود آهن. ايندڙ صديءَ جي شروعاتي حصي ۾ توانائيءَ جو مسئلو اسان جي پويان هوندو. چو ته هڪ پاسي ٻيهر استعمال ٿيندڙ توانائيءَ - سج جي روشني، زمين جي گرمي، هوا ۽ پاڻيءَ جو وڏ ۾ وڏ استعمال ٿيندو ۽ ٻئي پاسي ايٽمي ٽڪرائڻ منجهان توانائي حاصل ٿيندي، جيڪا ڪائنات جي ازلي توانائيءَ ستارن جي مرڪزن ۾ موجود توانائيءَ کي، اسان جي هٿن ۾ آڻي ڇڏيندي، ماحول کي گندو ڪرڻ کان سواءِ ۽ ان مقصد لاءِ ٻارڻ جي لامحدود رسد يعني پاڻي به موجود هوندي. مواصلات ۾ اسان اڳتي آخري منزلن تي پهچي چڪا آهيون يعني آواز ۽ تصوير جو عالمي سطح تي فوري تبادلو. ڌرتيءَ تي مسافريءَ جي رفتار هاڻي پنهنجي عملي حد تائين پهچي چڪي آهي، ان کان وڌيڪ تيز رفتاري اختيار ڪرڻ جو ڪوتڪ ناهي. طبي مسئلا پڻ هڪ صدي اڳ جي وحشي خوابن کان به مٿي قابو ۾ اچڻ جوڳا ٿي رهيا آهن ۽ گهرڙي جي اصليت، بيماريءَ کان بچاءَ جي نظام ۽ ڊي اين اي ۾ وڌيڪ تحقيق، حياتياتي عملن جي اسانجي سمجهه کي اڃا وڌيڪ تيز ڪندي ۽ تنهنڪري باقي بچيل موت مار بيمارين، ڪينسر سميت، کي سمجهڻ ۾ تيزي آڻيندي. ماضي جي اميدن ۽ خوابن جي حوالي سان، اسان ڪافي پري تائين سفر ڪري آيا آهيون. ڪا به ضروري ڄاڻ اسان جي پهچ کان پري ناهي. اسان جو مسئلو اهو ناهي ته اهي رڪاوٽون ڪيئن هٽايون، جن اسانکي ايتري وقت تائين پوئتي رکي ڇڏيو آهي پر اهو آهي ته هن صديءَ جي ڄاڻ ۽ معلومات کي

انساندات جي خدمت ۾ ڪيئن استعمال ڪريون. اسان جي انساني ڪوشش جو مرڪزي نقطو مٿئين خيال موجب تبديل ٿيڻو آهي، ماضيءَ جي مسئلن کي منهن ڏيڻ ۾ فائدو حاصل ڪرڻ لاءِ چٽاپيٽيءَ واري هڪ جدوجهد ڪان، جيڪو ڪجهه اسان چاڻون ٿا ۽ جيڪو ڪجهه اسان ڪري سگهون ٿا، انکي عالمي طور موجود ڪري ڏيڻ جي هڪ سهڪاري مهم ۾.ان مان ظاهر آهي تہ دنيائي حڪمرانيءَ ۾ هن نئين رستي لاءِ محرڪ نفعي وارو محرڪ بطور بنيادي هلائيندڙ قوت جي، نہ تو ٿي سگهي ٿو ڇاڪاڻ تہ اڪثريت جي تنظيم کي هڪ چٽاپيٽيءَ واري اقتصاديات جي ذيان خور ۾ پابندي وجهندڙ لاڙن کان مٿي ٿيو ڏيڻو آهي ۽ اڪثريت کي آزاد ڪرڻو آهي، جيڪا شيءَ ذهين منصوبہ بندي، تحفظ ۽ خودڪار پيداوار ۾ پنهان آهي. خطرناڪ ۽ دقيانوسي بدشڪل مخلوق کي، جنهن کي سرجان ايڪلس "خونخوار انسان"(Homo predatorius) سڏيو آهي، جنهن جي بڻ بنياد تي اسان باب چوٿين ۾ بحث ڪيو هو، هاڻي تخليقي انسان (Homo creans ) لاءِ رستو صاف ڪرڻ گهرجي. انساندات لاءِ نئون محرڪ هر ماڻهوءَ لاءِ وڌيڪ پرپور زندگيون ممڪن بڻائڻ آهي، نہ رڳو مال ملڪيتن جي حوالي سان، جن کي جينوٽيڪ هڪ واضح مقام حاصل ٿئي ٿو، پر اوسر جي حوالي سان بہ: ذاتي، سماجي، قومي ۽ عالمي اوسر. هن وقت اسان هڪ مرندڙ اقتصادي نظام ۾ قائل آهيون ۽ پاڻکي ڪنهن بہ مدد ڪانسواءِ محسوس ڪريون ٿا ڇاڪاڻ تہ اسان اڪيل آهيون. دنيا اسانجن مقصدن ۽ گڏيل سهڪار جي سلسلي ۾ هڪ عظيم آزاديءَ جي ضرورت ۾ آهي. اهو رڳو تڏهن ٿي سگهي ٿو، جڏهن اسان پراڻن مقصدن کان نون مقصدن ڏانهن پنهنجو منهن موڙيون. اسانکي اهو ضرور ڏسڻ گهرجي تہ اسان هتي خاص طور تي بي غرضانہ - بين لاءِ پاڻکي وقف ڪري ڇڏڻ لاءِ نہ ڳالهائي رهيا آهيون، جينوٽيڪ اهڙو ورثاءُ پنهنجو پاڻ ۾ تمام پلو ٿئي ٿو، اسان ماضيءَ جي جسماني پابندين مان ماڻهن جي آزاديءَ ۾ عمومي شرڪت بابت ۽ ذاتي ۽ سماجي واڌويجهہ لاءِ سندن آزاديءَ بابت ڳالهائي رهيا آهيون. اهڙي طرح انساندات جي زندگيءَ جو انداز نئين سر تشڪيل ڪندي، اسان سڀ پاڻ ۾ گڏ آهيون، جيئن اليگذينڊر پوپ اڍائي صديون اڳ ان ڳالهہ ڏانهن اشارو ڪري ويو تہ سچي مطلب پرستي ۽ سماجي وابستگي غير تخفيفي طور تي هڪ شيءَ آهن. دنيا لاءِ بنيادي ضرورتن کي يقيني بڻائڻ لاءِ اسان کي جيڪو ڪجهہ گهرجي، اهو آهي تصوراتي ديد ۽ ان دوکي جو خاتمو تہ جارحانہ لالچ ئي خوشحاليءَ جي ڪنجي آهي. اڄ دولت ذهين ۽ رحمدل باهمي دارومدار جو نتيجو آهي. مدي خارج استحصالي نظام، طاقتور قومن ذريعي دنيا جي غريب علائقن ۾ موجود سستي مزدوريءَ جي

ڪماني معرفت پنهنجي آخري ڦڙڪي هٿي رهيو آهي. ۽ ان ڪانپوءِ ڇا؟ ان جو واحد سهڻو جواب آهي، انساني ۽ عالمي واڌاري جي خدمت ۾ انساني طاقتن جو ربط: ڪليل سماج، ڪليل دنيا، انسانذات جي ايماندار، ٻين جو خيال ڪندڙ، بامقصد برادري. اهائي آهي، جنهن لاءِ اسانکي مستقل طور تي ڪم ڪرڻ گهرجي. ان جو ٻيو ڪو به متبادل ڪونهي سواءِ تباهيءَ جي.

# دنيا جي تبديلي

صحيح خيال بهرحال پنهنجي ليکي اسان کي ڪيڏانهن به نه وٺي ويندا. اسان کي موثر عمل لاءِ هڪ منصوبو ناهڻ ۽ انکي لاڳو ڪرڻ جي پڻ ضرورت آهي، جنهن کي ماڻهو زندگيءَ تي مرڪوز ٿيل هڪ مستقبل لاءِ صحيح شروعاتي هنڌ تسليم ڪري سگهن. اسان هن موضوع تي باب ڇهين ۾ ڳالهايو هيو سين پر هاڻي ان تي وڌيڪ ڌيان ڏيڻ جي ضرورت آهي. غذا زندگي آهي. هيءَ سادي اٽل حقيقت ان ڳالهه کي مڪمل طور تي نامناسب بڻائي ٿي ته ڪو به ماڻهو، عورت يا ٻار پنهنجي مڪمل صحت ۽ طاقتون حاصل ڪرڻ لاءِ گهربل غذا جي ڪميءَ جو شڪار هجي. سچ بهرحال اهو آهي ته لڳ ڀڳ انسانذات جو چوٿون حصو هن وقت فاقہ ڪشيءَ، گهٽ غذا يا خطرناڪ حد تائين غذا جي ڪميءَ جو شڪار آهي. هڪ بدليل دنيا لاءِ بنياد، هڪ سٺي غذا ڪاڌل دنيا آهي. هر عزت نفس واري قوم کي هيءَ حقيقت پڪ سان پنهنجي دل تي ڪٺڻ گهرجي ۽ ان کي بطور هڪ مکيہ مقصد جي هڪ نيڪ غذا ڪاڌل دنيا کي وجود ۾ آڻڻ لاءِ مدد ڪرڻ گهرجي. بحرانن کي منهن ڏيڻ لاءِ جيئن اهي ايرن ٿا، ڪوشش جا ٽڪرا قدم گهٽ غذاوارن ۽ بکايل ماڻهن جي ضرورتن کي پورو ڪرڻ لاءِ ناڪافي آهن. اسان کي خشڪ سالي، دريائن جي ڪاٽڻ ۽ ان جي نتيجي ۾ ٿيندڙ گهٽ فصلن کي ختم ڪرڻ لاءِ ۽ غريب قومن جي سماجي ۽ اقتصادي معيارن کي مٿي ڪرڻ لاءِ، عارضي طريقن جي جاءِ تي عالمي سهڪار جو هڪ مستقل پروگرام شروع ڪرڻ گهرجي. غذا جي ورهاست جي نئين سر تنظيم پڻ ان ۾ شامل آهي. ڪاڌي لاءِ هي منصوبو، سموري دنيا کي پيئڻ جو صاف پاڻي مهيا ڪري ڏيڻ لاءِ، يونيسيف جي پروگرامن سان گڏو گڏ هلندو ۽ ان جي مدد ڪندو. گهڻي غذا ۽ پاڻي هڪ صحت مند ذرتيءَ لاءِ اولين شرط آهن. انهن ٻنهي شين جي رسد پاڻ ۾ گڏو گڏ هلندي آهي ڇاڪاڻ ته غذائي پيداوار کي وڌائڻ گهڻي ڀاڱي دنيا جي خشڪ علائقن ۾ پاڻي پهچائڻ تي دارومدار رکندي آهي. زمين کي ڪاشت لائق بڻائڻ، ماحول جو تحفظ ۽ غذا جي

# خدا لاءِ بک

هيءَ ڳالهہ اينتري تہ واضح آهي جو ان کي بيان ڪرڻ جي بمشڪل ڪا ضرورت آهي. پر هڪ ٻي ٻک بہ موجود آهي، جنهن سان هن ڪتاب جو تعلق آهي يعني خدا لاءِ بُک، ڇا زندگيءَ جو مرڪزي نقطو هن بک کي بہ پورو ڪري سگهي ٿو؟ دعائن، حمد و ثنا، گيتن ۽ ٻين مقدس لکتين جي ٻولي اهو ڏيکاري ٿي تہ ڪيترائي ماڻهو خدا ڏانهن پنهنجين ڪن گهرين ضرورتن ۽ اميدن جي اطمينان لاءِ واجهائيندا آهن، پهريائين اهي خدا ڏانهن سچ جي هڪ وسيلي طور ڪائنات جي خالق طور ۽ پنهنجي وجود جي وضاحت طور رجوع ڪن ٿا. اها ڳالهہ ذاتي زندگيءَ کي مقصد، معنيٰ ۽ اهميت جي پڪ ڏني ٿي. ٻيو وڌو هنڌ پيار ڪرڻ ۽ پروسي ڪرڻ لاءِ هڪ الاهي هستي آهي، جيڪا آرام ۽ تحفظ جو هڪ اعتماد جوڳو وسيلو پڻ آهي. مذهبي لکتين جو هڪ گهڻو حصو، هن ضرورت جو اظهار ڪري ٿو:

"مان پنهنجيون اکيون جبلن تان مٿي کڻان ٿو، جتان منهنجي مدد ايندي آهي، منهنجي مدد خدا کان پڻ ايندي آهي، جنهن آسمان ۽ زمين ناهيا آهن." (زبور - 121)

"خدا منهنجو ڌنار آهي، تنهنڪري ڇا مون وٽ ڪنهن شيءَ جي ڪمي ٿي سگهي ٿي، هو مونکي سربسز چراگاهہ ۾ ڪارائيندو ۽ آرام جي پاڻين ڏانهن وٺي ويندو." (زبور 23)

"عيسيٰ، منهنجي روح جاچاهيندڙ، مونکي ڇڏ تہ تنهنجي من سان اُڏان، جڏهن ٻيئل پاڻي وهي هلي، جڏهن طوفان اڃا تيز هجي." (چارلس ويزلي)

ٻين هزارين جڳهن تي، سڪون ۽تحفظ لاءِ هيءَ خوبصورت نموني اظهاريل صدا، پنهنجو صاف اظهار ڳولي لهي ٿي.

ماڻهو خدا ڏانهن مستقل سات لاءِ بہ واجهائن ٿا، دعا ۽ عبادت، هن سان ملڻ جا عمل آهن، خدا سان ويجهي ٿيڻ جا عمل آهن، هن سان ذاتي درد ۽ اميد ونڊڻ ورهائڻ جا عمل آهن. خدا کي اخلاقي قدرن جي وسيلي طور، انسانذات جي حڪمرانيءَ لاءِ قانون ناهيندڙ طور بہ مقدس سمجهيو وڃي ٿو، هنن قدرن جي ناتي سان، ماڻهو خدا ڏانهن انصاف ۽ معافيءَ لاءِ ۽ گناهہ جي تخفيف لاءِ پڻ واجهائيندا آهن، آخر ۾ ماڻهو خدا ڏانهن ابدي زندگيءَ جي پڪ لاءِ بہ رجوع ڪن ٿا.

هڪ موجود ۽ دخل ڏيندڙ خدا جي پڪ کانسواءِ اهي ضرورتون ڪيئن پوريون ڪري سگهجن ٿيون؟ اسان اهو ڏسي سگهون ٿا تہ هي ضرورتون لازمي طور

لاءِ خاڪو ۽ اسان جي تخليقيت کي اُتساهه مهيا ڪندي، اسان جي چوڌاري موجود آهي ۽ اسان ۾ اندر به موجود آهي.

## پڄاڻي

"مان ڄاڻان ٿو ته مان هڪ عنوان، هڪ مليل جليل مخصوصيت نه آهيان، مان هڪ شيءِ، هڪ اسم ناهيان، مون کي لڳي ٿو، مان هڪ فعل آهيان، هڪ ارتقائي عمل آهيان، ڪائنات جو هڪ اڻٽوٽ عمل آهيان ۽ اهڙو ئون به آهيو."

رچرڊ بڪمنسٽر فلر

اداري جو هيو اهم ڪتاب




Price Rs: 130

ڏاهپ بوڪ سيريز سانگهڙ

# پڙهندڙ نَسُل . پَ نَ

## The Reading Generation

1960 جي ڏهاڪي ۾ عبدالله حسين ” اُداس نسلين“ نالي ڪتاب لکيو. 70 واري ڏهاڪي ۾ وري ماڻڪَ ”لُڙهندڙ نَسُل“ نالي ڪتاب لکي پنهنجي دورَ جي عڪاسي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. امداد حُسينيءَ وري 70 واري ڏهاڪي ۾ ئي لکيو:

انڌي ماءُ ڄڻيندي آهي اونڌا سونڌا ٻارَ
ايندڙ نسل سَمورو هوندو گونگا ٻوڙا ٻارَ

هر دور جي نوجوانن کي اُداس، لُڙهندڙ، ڪَڙهندڙ، ڪُڙهندڙ، ٻَرندڙ، ڄُرندڙ، ڪِرندڙ، اوسيئڙو ڪندڙُ، ياڙي، ڪاٺُو، ياجوڪڙُ، ڪاوڙيل ۽ وِڙهندڙ نسلن سان منسوب ڪري سَگهجي ٿو، پَر اسان اِنهن سڀني وِچان ”پڙهندڙ“ نسل جا ڳولائو آهيون. ڪتابن کي ڪاڳر تان کڻي ڪمپيوُٽر جي دنيا ۾ آڻڻ، ٻين لفظن ۾ برقي ڪتاب يعنى e-books ناهي ورهائڻ جي وسيلي پڙهندڙ نسل کي وَڌڻ، ويجهڻ ۽ هِڪ ٻِئي کي ڳولي سَهڪاري تحريڪ جي رستي تي آڻِڻَ جي آسَ رکون ٿا.

پڙهندڙ نَسل (پَنَ) ڪا بہ تنظيمَ ناهي. اُنَ جو ڪو بہ صدر، عُهديدار يا پايو وِجهندڙ نہ آهي. جيڪڏهن ڪو بہ شخص اهڙي دعوىٰ ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو ڪُوڙو آهي. نہ ئي وري پَنَ جي نالي ڪي پئسا گَڏ ڪيا ويندا. جيڪڏهن ڪو اهڙي ڪوشش ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو بہِ ڪُوڙو آهي.

جهڙيءَ طَرَح وڻن جا پَنَ ساوا، ڳاڙها، نيرا، پيلا يا ناسي هوندا آهن اهڙيءَ طرح پڙهندڙ نَسُل وارا پَنَ بہ مختَلِف آهن ۽ هوندا. اُهي ساڳئي ئي وقت اُداس ۽ پڙهندڙ، بَرندڙ ۽ پڙهندڙ، سُست ۽ پڙهندڙ يا وِڙهندڙ ۽ پڙهندڙ بہ ٿي سگهن ٿا. بين لفظن ۾ پَنَ کا خُصوصيِ ۽ تالي لڳل ڪِلَب Exclusive Club نہ آهي.

ڪوشش اها هوندي تہ پَنَ جا سڀ ڪَم ڪار سَهڪاري ۽ رَضاڪار بنيادن تي ٿين، پر ممڪن آهي تہ ڪي ڪم اُجرتي بنيادن تي بہ ٿِين. اهڙي حالت ۾ پَنَ پاڻ هِڪَٻِئي جي مدد ڪَرڻ جي اُصولَ هيٺ ڏي وَٺُ ڪندا ۽ غيرتجارتي non-commercial رهندا. پَنَن پاران ڪتابن کي ڊِجيٽائِيز digitize ڪرڻ جي عَملَ مان ڪو بہ مالي فائدو يا نفعو حاصل ڪرڻ جي ڪوشش نہ ڪئي ويندي.

ڪتابن کي ڊِجيٽائِيز ڪرڻ کان پو ٻيو اهم مرحلو وِرهائڻ distribution جو ٿيندو. اِهو ڪم ڪرڻ وارن مان جيڪڏهن ڪو پيسا ڪمائي سگهي ٿو تہ ڀلي ڪمائي، رُڳو پَنَن سان اُن جو ڪو بہ لاڳاپو نہ هوندو.

پَنَن کي کُليل اڪرن ۾ صلاح ڏجي ٿي تہ هو وَسَ پٽاندڙ وڌِ کان وَڌِ ڪتاب خريد ڪَري ڪتابن جي ليکڪَن، ڇپائيندڙن ۽ ڇاپيندڙن کي هِمٿائِن. پر ساڳئي وقت عِلم حاصل ڪرڻ ۽ ڄاڻ کي ڦهلائڻ جي ڪوشش دوران ڪنهن بہ رُڪاوٽَ کي نہ مڃن.

شيخ اَيازَ علمَ، ڄاڻَ، سمجهہَ ۽ ڏاهپَ کي گيتَ، بيتَ، سِٽَ، پُڪارَ سان تَشبيهہ ڏيندي انهن سيني کي بَمن، گولين ۽ بارودَ جي مدِ مقابل بيهاريو آهي. اياز چوي ٿو تہ:

گيتَ بہِ ڄڻ گوريلا آهن، جي ويريءَ تي وار ڪَرن ٿا.
... ...
جئن جئن ڄاڙ وڌي ٿي ڄڳَ ۾، هو ٻوليءَ جي آڙ ڇُپن ٿا؛
ريتيءَ تي راتاها ڪن ٿا، موٽي مَنجهہِ پهاڙ ڇُپن ٿا؛
... ...
ڪالهہَ هُيا جي سُرخ گُلن جيئن، اڄڪلهہ نيلا پيلا آهن؛
گيتَ بہِ ڄڻ گوريلا آهن........
... ... ... ...
هي بيتُ اَٿي، هي بَم- گولو،
جيڪي بہ ڪٽين، جيڪي بہ ڪٽين!
مون لاءِ ٻنهي ۾ فَرَقُ نہ آ، هي بيتُ بہ بَمَ جو ساٿي آ،
جنهن رِڻَ ۾ رات ڪَيا راڙا، تنهن هَڏَ ۾ چَمَ جو ساٿي آ ـ

اِن حسابَ سان اڄڪلهہ ڪي پاڻَ تي اِهو سوچي مَڙهڻ تہ ”هاڻي ويڙهہ ۽ عمل جو دور آهي، اُن ڪري پڙهڻ تي وقت نہ وڃايو“ ناداني‌ءَ جي نشاني آهي.

پَڻَن جو پڙهڻ عام ڪِتابي ڪيڙن وانگر رُڳو نِصابي ڪتابن تائين محدود نہ هوندو. رڳو نصابي ڪتابن ۾ پاڻَ کي قيد ڪري ڇڏڻ سان سماج ۽ سماجي حالتن تان نظر ڪڇي ويندي ۽ نتيجي طور سماجي ۽ حڪومتي پاليسيون policies اڄڪلهہ ۽ نادانن جي هٿن ۾ رهنديون. پَڻَ نِصابي ڪتابن سان گڏوگڏ ادبي، تاريخي، سياسي، سماجي، اقتصادي، سائنسي ۽ بين

ڪتابن کي پڙهي سماجي حالتن کي بهتر بنائڻ جي ڪوشش ڪندا.

پڙهندڙ نَسُل جا پَنَ سيني کي **چوء چالاڪ ۽ ڪينئن** جهڙن سوالن کي هر بَيانَ تي لاڳو ڪرڻ جي ڪوشَ ڏين ٿا ۽ انهن تي ويچار ڪرڻ سان گڏ جوابَ ڳولڻ کي نہ رڳو پنهنجو حق، پر فرض ۽ اٽتر گهرج unavoidable necessity سمجهندي ڪتابن کي پاڻ پڙهڻ ۽ وڌ کان وڌ ماڻهن تائين پهچائڻ جي ڪوشش جديد ترين طريقن وسيلي ڪرڻ جو ويچار رکن ٿا.

توهان بہ پڙهڻَ، پڙهائڻ ۽ ڦهلائڻ جي اِن سهڪاري تحريڪ ۾ شامل ٿي سگهو ٿا، بَس پنهنجي اوسي پاسي ۾ ڏِسو، هر قسم جا ڳاڙها توڙي نيرا، ساوا توڙي پيلا پن ضرور نظر اچي ويندا.

وڻ وڻ کي مون ياڪي پائي چيو تہ "منهنجا ياءُ
پهتو منهنجي من ۾ تنهنجي پَنَ پَنَ جو پڙلاءُ".
- اياز (ڪلهي پاتم ڪينرو)